# سنڌ لاءِ اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان ۽ روڊ ميپ

# (2019-2024)

## اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو

## حڪومت سنڌ

ترجمو ڪندڙ:
**ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو**
ايسوسيئيٽ پروفيسر

**محمد احمد منصور عباسي**
اسسٽنٽ پروفيسر

حق ۽ واسطا سنڌ حڪومت وٽ محفوظ آهن©
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ فرحان علي ڀٽي

# ستاءُ


| | | |
|---|---|---|
| | **مخففن جي لسٽ** | 5 |
| | **پيش لفظ** | 9 |
| | اظهار تشڪر | 11 |
| | مهاڳ | 13 |
| .1 | پس منظر | 15 |
| 1.1 | سنڌ صوبو ۽ عمومي جائزو | 17 |
| 1.2 | ايجوڪيشن پاليسي جي بنيادي ساخت ۽ جوڙجڪ | 17 |
| 1.3 | ايس اي ايس پي ايںڊ آر 2019-2021 جي تياري | 22 |
| **.2** | **سنڌ ۾ ايجوڪيشن سيڪٽر کي درپيش اهم مشڪلاتون** | **25** |
| 2.1 | مساوي پهچ | 27 |
| 2.2 | معيار ۽ سکيا | 32 |
| 2.3 | بندوبست ۽ انتظام | 36 |
| **.3** | **ايس اي ايس پي ايںڊ آر 2019-2024 جي منزل ۽ مقصد** | **41** |
| **.4** | **اهميت وارا پاسا ۽ ترجيحي پروگرام** | **49** |
| 4.1 | مساوي پهچ | 51 |
| 4.1.1 | پروگرام 1: اسڪول نه ايندڙ ٻار ۽ اٽپڙهيل نوجوان | 51 |
| 4.1.2 | پروگرام 2: گهرج آهر ۽ مساوي اسڪولي تعميرات مهيا ڪرڻ | 55 |
| 4.1.3 | پروگرام 3: ٻارن جي مساوي داخلا ۽ اسڪول ۾ ايندو رهڻ | 58 |
| 4.2 | معيار ۽ سکيا | 62 |
| 4.2.1 | پروگرام 4: ميرٽ تي استادن جي ڀرتي، تعليمي قابليتون ۽ پيشيوراڻي واڌ ويجهه | 62 |
| 4.2.2 | پروگرام 5: بهتر جاچ جا واذارا ۽ طريقيڪار | 65 |
| 4.3 | بندوبست ۽ انتظام | 69 |
| 4.3.1 | پروگرام 6: پيشيوارانڻي تعليمي قيادت ۽ انتظام | 69 |
| 4.3.2 | پروگرام 7: وسيلن جي ورهاست ۽ استعمال ۾ سڌارا | 73 |
| 4.3.3 | پروگرام 8: اثرائتي ۽ نتيجا ڏيندڙ رٿابندي ۽ ايم ايںڊ اي | 74 |
| **.5** | **عملدرآمد، چڪاس ۽ جائزو** | **77** |
| 5.1 | اداراجاتي جوڙجڪ | 79 |
| 5.2 | ڪارڪردگي رپورٽ ۽ ايس اِي ايس پي ايںڊ آر 2019-2024 جو جائزو | 80 |
| 5.2.1 | مستقل جائزو | 80 |
| 5.2.2 | باقاعدگي سان ٿيندڙ جائزا | 80 |
| 5.2.3 | ساليانيون رپورٽون ۽ گڏيل جائزا | 80 |
| 5.2.4 | جائزو (Evolution) | 81 |
| 5.3 | نتيجا، ڪم جو ٿَت ۽ عملدرآمد لاءِ اهم ڏَس | 81 |
| **.6** | **منصوبي تي ايندڙ لاڳت ۽ تخمينو** | **85** |

## مخففن جي لسٽ

| | |
|---|---|
| **اي. ڊي. بي** | ايشين ڊيولپمينٽ بينڪ |
| **اي. ڊي. اِي** | ايسوسيئيشن ڊپلوما ان ايجوڪيشن |
| **اي. ڊي. پي** | اينيوئل ڊيولپمينٽ پروگرام |
| **اي. جي** | اڪائونٽنٽ جنرل |
| **اي. ايل. پي** | ايڪسيليريٽڊ لرننگ پروگرام |
| **اي. اين. اي. آر** | ايڊجسٽيڊ نيٽ اٽينڊنس ريٽ |
| **اي. ايس. سي** | اينيوئل اسڪول سينسس |
| **اي. ايس. اِي. آر** | اينيوئل اسٽيٽس آف ايجوڪيشن رپورٽ |
| **بي. آءِ. ايس. اي** | بورڊ آف انٽرميڊئيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن |
| **بي. او. سي** | بيورو آف ڪريڪيولم |
| **بي. سي. اينڊ اي ڊبليو** | بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ |
| **سي. پي. ڊي** | ڪنٽينيئوس پروفيشنل ڊيولپمينٽ |
| **سي. پي. ايم** | چيف پروگرام مئنيجر |
| **سي.ايس. او** | سول سوسائٽي آرگنائيزيشن |
| **ڊي. اي. سي** | ڊپارٽمينٽل اڪائونٽس ڪميٽي |
| **ڊي. سي. اي. آر** | ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ |
| **ڊي. سي. او** | ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر |
| **ڊي. اي. او** | ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيس/ آفيسر |
| **ڊي. جي** | ڊائريڪٽر جنرل |
| **ڊي. پي** | ڊيولپمينٽ پارٽنر |
| **ڊي. آر. آر** | ڊزاسٽر رسڪ رڊڪشن |
| **اِي. سي. سي. اِي** | ارلي چائلڊ هوڊ ڪيئر اينڊ ايجوڪيشن |
| **اِي. ايف. اي** | ايجوڪيشن فار آل |
| **اِي. جِي. ايم. اي** | ارلي گريڊ ميٿميٽڪس اسيسمينٽ |
| **اي. جي. آر. اي** | ارلي گريڊ ريڊنگ اسيسمينٽ |
| **اِي. آءِ. اِي** | ايجوڪيشن اِن ايمرجنسي |
| **اِي. ايم. او** | ايجوڪيشن مئنجمينٽ آرگنائيزيشن |
| **اي. ايم. آر** | ايجوڪيشن مئنجمينٽ ريفارم |
| **اِي. ايس. اي** | ايجوڪيشن سيڪٽر اينالائسس |
| **اِي. يو** | يورپين يونين |
| **ايف. ڊي** | فنانس ڊپارٽمينٽ |
| **ايف. جي. ڊي** | فوڪس گروپ ڊسڪشن |
| **ايف. ايم. آءِ. ايس** | فنانشل مئنجمينٽ انفارميشن سسٽم |
| **ايف. واءِ** | فسڪل ايئر |
| **جي. ڊي. پي** | گراس ڊوميسٽڪ پروڊڪٽ |
| **جي. اِي. سي. اِي** | گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن |
| **جي. اِي. آر** | گراس انرولمينٽ ريٽ |

| | |
|---|---|
| **جي. آءِ. آر** | گراس انٽيڪ ريٽ |
| **جي. آءِ. ايس** | جيوگرافيڪل انفارميشن سسٽم |
| **جي. او. پي** | گورنمينٽ آف پاڪستان |
| **جي. او. ايس** | گورنمينٽ آف سنڌ |
| **جي. پي. اِي** | گلوبل پارٽنرشپ فار ايجوڪيشن |
| **جي. پي. آءِ** | جينڊر پيرائٽي انڊيڪس |
| **جي. ايس** | گرلس اسٽيپنڊز |
| **ايڇ. ڊي. آءِ** | هيومن ڊيولپمينٽ انڊيڪس |
| **ايڇ. آءِ. اِي. ايس** | هائوس هولڊ انٽيگريٽڊ اڪنامڪ سروي |
| **ايڇ. پي** | هاءِ پرورائٽي |
| **ايڇ. آر** | هيومن ريسورس |
| **ايڇ. آر. ايم. آءِ. ايس** | هيومن ريسورس مئنجمينٽ انفارميشن سسٽم |
| **آءِ. سي. ٽي** | انفارميشن اينڊ ڪميونيڪيشن ٽيڪنالاجي |
| **آءِ. اِي. سي** | انفارميشن، ايجوڪيشن اينڊ ڪميونيڪيشن |
| **آءِ. آءِ. اِي. پي** | انٽرنيشنل انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل پلاننگ |
| **جي. اِي. ايس. آر** | جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر ريويو |
| **ڪي. پي. آءِ** | ڪي پرفورمنس انڊيڪيٽر |
| **ايل. اِي. جي** | لوڪل ايجوڪيشن گروپ |
| **ايم اينڊ اِي** | مانيٽرنگ اينڊ ايوليوشن |
| **ايم. ڊي. جي** | ملينيم ڊيولپمينٽ گولس |
| **ايم. ٽي. بي. ايف** | ميڊيم ٽرم بجيٽ فريم ورڪ |
| **ايم. ٽي. ايف. ايف** | ميڊيم ٽرم فسڪل فريم ورڪ |
| **اين. سي. ايڇ. ڊي** | نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊيولپمينٽ |
| **اين. اِي. اي. ايس** | نيشنل ايجوڪيشن اسيسمينٽ سسٽم |
| **اين. اِي. پي** | نيشنل ايجوڪيشن پاليسي (2009) |
| **اين. اِي. آر** | نيٽ انرولمينٽ ريٽ |
| **اين. ايف. بي. اِي** | نان- فارمل بيسڪ ايجوڪيشن |
| **اين. جي. او** | نان- گورنمينٽ آرگنائيزيشن |
| **اين. ٽي. ايس** | نيشنل ٽيسٽنگ سروس |
| **او. او. ايس. سي** | آئوٽ آف اسڪول چلڊرين |
| **پي اينڊ ڊي. ڊي** | پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ |
| **پي. ڊي اينڊ ايف** | پلاننگ ڊيولپمينٽ اينڊ فنانس |
| **پي. اِي. اي. سي. اِي** | پراونشل ايجوڪيشن اسيسمينٽ سينٽر |
| **پي. اِي. ايف. اي** | پبلڪ ايڪسپنڊيچوئر اينڊ فنانشل اڪائونٽيبلٽي |
| **پي. ايف. ايم** | پبلڪ فنانشل مئنجمينٽ |
| **پي. آءِ. ايڇ. ايس** | پاڪستان انٽيگريٽڊ هائوس هولڊ سروي |
| **پي. آءِ. ٽي. اِي** | پراونشل انسٽيٽيوٽ فار ٽيچر ايجوڪيشن |
| **پي. پي. پي** | پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ |

| | |
|---|---|
| پي. ايس. ايل. ايم | پاڪستان سوشل اينڊ ليونگ اسٽينڊرڊز ميجرمينٽ سروي |
| پي. ڊبليو. ڊي | پرسنس وِٿ ڊس ايبيلٽي |
| آر. ايس. يو | ريفارم سپورٽ يونٽ |
| ايس. اي. ٽي | اسٽينڊرائيزڊ اچيومينٽ ٽيسٽ |
| ايس. ڊي. جي | سسٽينيبل ڊيولپمينٽ گولز |
| اي. اِي. ايف | سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن |
| ايس. اِي. ايل. ڊي | اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ |
| ايس. اِي. ايم. آءِ. ايس | سنڌ ايجوڪيشن مئنجمينٽ انفارميشن سسٽم |
| ايس. اِي. آر. پي | سنڌ ايجوڪيشن ريفارم پروگرام |
| ايس. اِي. ايس. ايل. او. اي. ايف | سنڌ ايجوڪيشن اسٽوڊنٽس لرننگ آئوٽ ڪمس اسيسمينٽ فريم ورڪ |
| ايس. اِي. ايس. پي | سنڌ ايجوڪيشن سيڪٽر پلان |
| ايس. اِي. ايس. پي اينڊ آر | اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ روڊميپ فار سنڌ |
| ايس. آءِ. پي | اسڪول امپروومينٽ پلان |
| ايس. ايم. سي | اسڪول مئنجمينٽ ڪميٽيز |
| ايس. پي. پي. آر. اي | سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي |
| ايس. ڪيو. اِي. آءِ | اسڪول ڪوالٽي اينڊ ايفيشنسي انڊيڪيٽر |
| ايس. ايس. بي | اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ |
| ايس. ٽي. بي. بي | سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ |
| ايس. ٽي. اِي. ڊي. اي | سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊيولپمينٽ اٿارٽي |
| ايس. ٽي. اِي. وي. ٽي. اي | سنڌ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي |
| ايس. ٽي. آر | اسٽوڊنٽس ٽيچرس ريشو |
| ايس. ڊبليو. اي | سيڪٽر وائيڊ اپيروچ |
| ٽي. اي | ٽيڪنيڪل اسسٽينس |
| ٽي. اِي. ڊي | ٽيچر ايجوڪيشن اينڊ ڊيولپمينٽ |
| ٽي. اِي. او | تعلقه ايجوڪيشن آفيسر |
| ٽي. پي. وي | ٿرڊ پارٽي ويريفڪيشن |
| ٽي. ٽي. آءِ | ٽيچر ٽريننگ انسٽيٽيوٽ |
| ٽي. ڊبليو. سي | ٽيڪنيڪل ورڪنگ ڪميٽي |
| يو. اين. اِي. ايس. سي. او | يونائيٽيڊ نيشنس ايجوڪيشنل، سائنٽيفڪ اينڊ ڪلچرل آرگنائيزيشن |
| يو. اين. آءِ. سي. اِي. ايف | يونائيٽيڊ نيشنس چلڊرينس فنڊ |
| ڊبليو. اي. ايس. ايڇ | واٽر، سينيٽيشن اينڊ هائجن |
| ڊبليو. بي | ورلڊ بينڪ |

## پيش لفظ

اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين ۾ ارڙهين ترميم کان پوءِ تعليمي شعبي ۾ اختيارن جي صوبائي حڪومت ڏانهن منتقلي کان پوءِ اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ صوبي ۾ تعليم جو مڪمل انتظامي اختيار سنڀالي ورتو. انهي ڳالهه جي مدنظر پهرئين سنڌ ايجوڪيشن سيڪٽر پلان (2019-2024) جي مُدي دوران خاص طور صوبائي پاليسيون اهڙي لحاظ کان ناهيون ويون جو اهي صوبي ۾ لاڳاپيل خدمت سرانجام ڏيڻ لاءِ رهنما دستاويزن ۽ چوڪيداري جملي طور ڪم اچي سگهن.

سني تعليم جي حاصلات ڪا منزل نہ پر هڪ سفر آهي. تنهنڪري اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان 2024-2019 بہ ساڳئي زنده جاويد دستاويز جو تسلسل آهي ۽ نمايان اهميت رکندڙ پاليسين کي زير عمل آڻڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو. جيئن صوبي ۾ تعليمي شعبي ۾ پهچ (Access) بهتري (Quality) ۽ بندوبست (Governance) ۾ سڌارا آڻي سگهجن.

اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ، سول سوسائٽي ۽ ترقياتي شراڪتدارن جي ساٿ سان تعليم جي قلعي کي نئين ترتيب ڏيڻ ۾ تمام گهڻي اڳڀرائي ڪئي آهي. اسين انهن ترجيحي ميدانن تي يڪراءِ ٿياسين جن ۾ اسين پنهنجين گڏيل ڪوشش سان وڌ مان وڌ فائدو وٺي سگهون. هن ۾ پيش ڪيل پروگرام سول سوسائٽي، لوڪل ايجوڪيشن گروپ ۽ اندرين ۽ ٻاهرين شراڪتدارن سان ڳالهہ ٻولهہ کان پوءِ ظهور ۾ آيا آهن، سيني کي گڏ ڪٽي هلڻ واري روش تحت دستاويز جو نئين سِر نئون نالو رکيو ويو. اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ روڊ ميپ فار سنڌ (2019-2024) (سي. اِي. ايس. پي اينڊ آر).

ايس اي ايس پي اينڊ آر (2019-2024) جي تخيلاتي رٿابندي جي لحاظ کان ڪئي وئي جو اهو اسڪول نہ اينڊڙ ٻارن پنتي پيل ماڻهن جهڙن اهم مسئلن کي حل ڪري سگهي ۽ ان جو مکيہ مقصد اهو رکيو ويو تہ اهو انهن کي سنڌ سرڪاري اسڪولن جي نيٽ ورڪ ۾ آڻي سگهي. انهي ڏس ۾ هي جامع رٿابندي ۽ غير رسمي تعليمي طور طريقن سان وابستگي جو مقصد وضع ڪيو آهي جيئن اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جو ذمو بہ ادا ٿي سگهي ۽ سسٽينبل ڊيولپمينٽ گول 4 بہ حاصل ٿي وڃي. سنڌ جي سڀ کان پهرئين نتيجي خيز تعليمي پلان جو گهٽو ڌيان نوان اسڪول کولڻ تي هو جڏهن تہ ايس اي ايس پي اينڊ آر (2019-2024) ۾ اها ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ موجوده تعليمي سرشتي کي گڏيل طور سگهارو بڻايو وڃي.

هيءُ پلان اسان جي سيني بنيادي خدمتن (Services) جي ذريعي سيڪٽر کي منظم نموني اينيوئل ڊيولپمينٽ پلان جي اسڪيمن تحت تعميرات، خدمتون ۽ وسيلا مهيا ڪندو رهندو. سيني ڳالهين ۾ اسڪولن جي ڪلسٽرنگ پاليسي مرڪزي نڪتو هوندي، جنهن سان شهرين کي يونين ڪائونسل سطح تي لاڀ ملندو.

انهي حقيقت کي مدنظر رکندي ٻارن کي اسڪول ۾ داخل رکڻ ڪانسواءِ پهچ جا گهربل نتيجا گهڻي حد تائين گهٽ رهندا. هن پلان ۾ تحقيق تي ٻڌل پروگرام ۾ ٿيل مداخلتون (Interventions) کي ٻارن کي اسڪول ۾ رکڻ جي حل طور اها ڳالهہ پيش ڪئي وئي آهي. امڪاني طور جيڪي ٻار اسڪول مان نڪرڻ گهرندا انهن بابت اسڪولن جي قيادت ۽ والدين کي ڪم آڻيندي هڪ منفرد شناختي ڪوڊ ناهي بروقت چتاءُ جاري ڪيو ويندو.

تيزي سان ترقي ڪندڙ عالمي ماحول ۾ وجود برقرار رکڻ ۽ ان ۾ فعال نموني ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ اسان جو ارادو آهي تہ هڪ قدم اڳتي وڌندي صوبي جي سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهائڻ ۽ سکيا جي وسيلن ۽ چڪاس کي ڊجيٽائيز ڪريون. انهيءَ سان شاگرد ۽ استاد ٽيڪنالاجي کي ڪم آڻڻ جي قابل ٿيندا ۽ پنهنجي حاصلات جو معيار وڌائي سگهندا.

اسين هن پلان ۾ استادن جي پيشيوارائي سکيا ۽ واڌ ويجهہ ۾ نتيجا خيزي کي نئين سر ڌيان ڏئي رهيا آهيون.

انهيءَ لاءِ اسين استادن جي چونڊ ۽ اڪيلي سر ٽريننگ واري طريقي کي تبديل ڪري ضرورت آهر مسلسل پيشيوارانه واڌ ويجهه آڻيندي انهي کي استادن جي ڪيريئر سان ڳنڍيندي جڙيو آهي. اهو قدم سرڪاري تعليمي نظام ۾ هڪ اهم ڳالهه آهي. انهيءَ لاءِ پرفارمنس مئنجمينٽ سسٽم اسان جي ڪم جو مرڪزي نڪتو هوندو. ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 خاص طور اهڙن اپائن تي ڌيان ڏئي ٿو جيئن ڪوالٽي اشورنس نظام ذريعي خاصيت کي بهتر ڪري سگهجي.

مون کي اها حقيقت تسليم ڪندي ڏاڍو اطمينان محسوس ٿي رهيو آهي ته اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ هاٿي پراڻي هينڊ آئوٽ جاري ڪرڻ واري روش کي ڇڏي حاصلات ۽ پيداوار تي ڌيان واري سائنسي انداز ذانهن وڌي رهيو آهي. جنهن لاءِ هاٿي بجاءِ انهيءَ جو فقط سر شماري ۽ اسڪول ۾ حاضري کي مدنظر رکڻ جي ميرٽ جي آڌار تي همت افزائي لاءِ روڪ انعام ڏنا پيا وڃن.

ايس اِي ايس پي 2014-2018 دوران سيني شراڪتدارن جي ڌيان جو مرڪز فقط بندوبست هو، انهي جي باوجود مختلف سطحن تي نتيجا خيزي جي نظام تي سوال اُٿندا رهيا. هن پلان ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن پلان ۽ وچولي سطح جي بندوبستي ڍاڪي تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. جيئن ريجن، ضلعي ۽ تعلقي سطحن تي تعليمي مئنيجرن جي صلاحيت کي وڌائي سگهجي ۽ انهن کي گهربل انساني ۽ مادي وسيلا مهيا ڪري سگهجن. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن گروپ، فيلڊ ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن پلانن مان نتيجا وٺڻ جون ڪوششون ڪندا ۽ ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي مجموعي اڳيرائي انفارميشن مئنجمينٽ سسٽم جي ذريعي جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر جائزن ۽ ايس اِي ايس پي اينڊ آر جهڙوڪ آءِ ايم ايس، ايس اِي ايس پي اينڊ آر، آءِ ايم ايس، ڊي اِي پيز کي مدنظر رکندي چڪاسي ويندي.

هن پلان جي نوعيت ئي ڪُلي يعني مختلف شين کي پاڻ ۾ سموئڻ واري آهي. چاڪاڻ ته ڊپارٽمينٽ ٽڙيل پکڙيل انگن اکرن ۽ رڪارڊ کي ڊيٽا جي هڪ مرڪز ۾ سموهيندي سيني لاڳاپيل ادارن ۽ ڊائريڪٽوريٽس جي اشتراڪ سان ڪم ڪرڻ گهري ٿو جيئن فيصلا سازي جي عمل ۾ وڌيڪ مرڪزيت رکندڙ جاڻ دستياب ٿي سگهي.

اسان جي سامهون وڏي حوصلي وارا هدف آهن ۽ گذريل سيڪٽر پلان ۾ اسان ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 وڏي اهميت رکندڙ آهي ۽ اسان جي وڌايل پهچ، سڌاريل خاصيت ۽ بهتر بندوبست نظرين سان مربوط پڻ آهي. انهي کي ڪاميابي سان ميدان ۾ لاهڻ سان اهو نه فقط اُتساهه وڌائيندو ۽ تعليمي حاصلات کي مٿي ڪندو پر سرڪاري تعليمي ادارن تي عوام جو اعتبار وري حاصل ڪندو ۽ ان کي جيارينڊو.

سنڌ حڪومت کي اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ مون کي ريفارم سپورٽ يونٽ جي چيف پروگرام مئنيجر جي قيادت ۽ توجهه جو اعتراف ڪرڻ ضروري آهي ته هن اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان ۽ روڊ ميپ (2019-2024) کي وجود ۾ آندو ۽ هن ڪم کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ڪور ورڪنگ گروپ کي تمام مختصر مدي ۾ قيادت فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون.

**احسن علي منگي**
سيڪريٽري
اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو
حڪومت سنڌ

# اظهار تشڪر

اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ ڊيولپمينٽ فار سنڌ تيار ڪرڻ جو ڪم 2017 ۾ شروع ٿيو جو تڏهن انهن ڳالهين تي سوچ ويچار ڪئي وئي ته اينڊڙ پنج سالا پلان ۾ ڪهڙين ڳالهين تي گهڻو ڌيان ڏنو ويندو. تڏهن کان ئي اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ روڊ ميپ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي تعليمي ماهرن کي هن ڪم ۾ شامل ڪيو ويو. هن پلان کي تڪميل تي پهچائڻ ۾ جن به حصو ورتو آءٌ انهن جو تهه دل سان شڪريو مڃان ٿو.

منهنجي سڀ کان وڏيڪ شڪريي جو مستحق جناب احسن علي منگي، سيڪريٽري اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو آهي جنهن مون کي هيءُ تمام اهميت وارو ڪم سندس نظرداري ۾ مڪمل ڪرڻ جو موقعو ڏنو. اهو واقعي هڪ اعزاز آهي. توهان منهنجي نوڪري جي هن اهم ڪم دوران توهان منهنجي جنهن انداز ۾ رهنمائي ڪئي، جيڪي صلاحون ۽ مشورا ڏنا ۽ اخلاقي مدد ڪئي ۽ جنهن ذيرج جو مظاهرو ڪيو انهي لاءِ توهان جي مهرباني. آءٌ سندن خاص طور احسانمند آهيان جو هنن صحيح انداز ۾ رهنمائي ڪئي. آءٌ جيترو سندن شڪريو ادا ڪري سگهان ٿو انهن ان کان وڏيڪ منهنجي رهنمائي ڪئي آهي.

اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ روڊ ميپ فار سنڌ کي گلوبل پارٽنرشپ فار ايجوڪيشن جو سهڪار حاصل هو. جنهن ۾ اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ روڊ ميپ فار سنڌ (2019-2024) تيار ڪرڻ لاءِ ايجوڪيشن سيڪٽر پلان ڊيولپمينٽ جي گرانٽ پڻ شامل هئي. يونيسيف کي ڪوآرڊينٽنگ ايجنسي مقرر ڪيو ويو ۽ هن سرگرمي لاءِ ورلڊ بينڪ گرانٽ ايجنٽ جو ڪم ڪيو.

آءٌ ترقياتي شراڪتدار رفيقن جو به انتهائي شڪرگذار آهيان انهن ۾ مسٽر آصف ابرار، ڪوآرڊينٽنگ ايجنسي يونسيف جو ايجوڪيشن اسپيشلسٽ ۽ گرانٽ ايجنٽ ورلڊ بينڪ جو مسٽر شنسڪو نومورا جن ٽيڪنيڪل معلومات، اُتساهيندڙ سفارشون ۽ همت افزائي مهيا ڪئي جن سبب آءٌ هيءُ ڪم تڪميل تي پهچائي سگهيس. ساڳئي وقت آءٌ يونيسڪو آءِ. آءِ. اِي. پي جو ٿورائتو آهيان جن اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ سان ايس. اِي. ايس. پي اينڊ آر 2019-2024 تيار ڪرڻ ۾ تعاون ڪيو.

آءٌ لوڪل ايجوڪيشن گروپ جي سيني ميمبرن جو به شڪريو مڃان ٿو جن هن پنج سالا پلان کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ آخر ۾ هن کي منظور ڪرڻ لاءِ جاچ ۽ مهارت مهيا ڪئي.

آءٌ جي. پي. اي سيڪٽريٽ ۽ انڊينڊيٽ ايريزر جو به انتهائي مشڪور آهيان جنهن مسودي جي هن ڪان اڳ واري نسخي تي پنهنجا رايا ڏنا جنهن جي روشني ۾ اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ صوبي لاءِ سگهارو سيڪٽر پلان تيار ڪرڻ ۾ سنا اضافه ڪري سگهيو.

آءٌ ڪور ورڪنگ گروپ جي ميمبرن پاران ادا ڪيل انتهائي اهم ڪردار جو به مشڪور آهيان جن ايس. اِي. ايس پي اينڊ آر (2019-2024) تي نظرثاني ڪرڻ ۾ پنهنجو وقت جاچ ۽ ڪوششون شامل ڪيون ۽ پوءِ سفارش کي حتمي شڪل ۾ گڏ ڪيو.

اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ روڊ ميپ (2019-2024) جو بنياد ايجوڪيشن سيڪٽر اينالائسس آهي

جيڪو آءٌ آغا خان يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۽ اداره تعليم و آگهي پاران تيار ڪيو ويو هو. انهيءَ کي سامهون رکندي هيءُ پلان موجوده شڪل ۾ آيو آهي. هن موقعي تي انهن جي ڪوشش جي شڪر گذاري ڪرڻ ته ضروري آهي.

هيءُ ڪم اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي جملي ڊائريڪٽرن ۽ ملحق ادارن جي سربراهن سان صلاح مشورن، انهن جي تعاون ۽ انهن پاران مالڪي ڪرڻ ڪانسواءِ ڪڏهن به منظر تي نه اچي سگهي ها. جن هن اهميت واري پلان جي تياري هلندي پنهنجا ڏاهپ جا موتين داڻا اسان آڏو پيش ڪيا. آءٌ انهن سڀني جو تهه دل سان ممنون آهيان.

مون کي پختو يقين آهي ته هي دستاويز جنهن کي سڀئي پنهنجو سمجهن ٿا اهو سڀني شراڪت دارن کي اتساهه فراهم ڪندو ۽ انهن کي اها سگهه ڏيندو جو هو سنڌ جي ايجوڪيشن سيڪٽر تي ديرپا ۽ جٽادار اثر وجهڻ ۾ معاون جو ڪردار ادا ڪري سگهندا.

**زبير احمد چنا (PAS)**
چيف پروگرام مئنيجر
ريفارم سپورٽ يونٽ
اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو
حڪومت سنڌ

# مهاڳ

دي سنڌ رائيٽ آف چلڊرين ٽو فري اينڊ ڪمپلسري ايجوڪيشن ايڪٽ 2013، منظور ٿيڻ سان صوبي ۾ تعليم جو مڪمل اختيار سنڀالڻ جا موقعا آڻڻ سان گڏوگڏ ساڳئي وقت صوبائي حڪومت لاءِ ڪجهه مشڪلاتون پڻ آنديون. حڪومت سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ صوبي ۾ مفت ۽ لازمي تعليم مهيا ڪرڻ جي وڏي ذميواري جي جواب ۾ هڪ لائحه عمل تي سوچ ويچار ڪئي ۽ ان ڪي اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ روڊ ميپ فار (سنڌ ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024) جو نالو ڏنو. ايجوڪيشن سيڪٽر اسٽريٽجڪ پلان جي تياري جو مقصد انهي ڳالهه جي خاطري ڪرڻ هو ته تعليمي ترقي هڪ مشترڪ سوچ هيٺ هجي. ان جون گڏيل ترجيحون هجن ۽ انهن ترجيحن جي حاصلات لاءِ نهڪندڙ حڪمت عمليون هجن.

ايس اِي ايس پي اينڊ آر (2019-2024) اهي ترجيحون طئي ڪرڻ ۾ انساني، ٽيڪنيڪي ۽ مالياتي پاسن ڪي به مدنظر رکيو. هن پلان ڪي ايجوڪيشن سيڪٽر اينالائسس جي رهنمائي حاصل آهي جيڪو هڪ خارجي اداري طرفان سرانجام ڏنو ويو هو. جنهن ۾ سنن دليلن تحت اها سوچ ترتيب ڏني وئي ته انهي ڳالهه جو تعين ڪيو وڃي ته سنڌ حڪومت ڪهڙين ڪهڙين جاين تي پنهنجن انساني، مالياتي ۽ ٽيڪنيڪي وسيلن مان سٺي نموني وڏ ۾ وڏ فائدو وٺڻ گهري ٿي. سول سوسائٽي سميت سڀني شراڪتدارن سان مشاورتي عمل جي ذريعي هڪ قابل عمل لائحه عمل تجويز ڪيو ويو آهي. جيئن صوبي جي جمهوري حڪومت پاران طئي ڪيل نتيجا حاصل ڪري سگهجن. انهن ترجيحن ڪي انن پروگرامن جي شڪل ڏني وئي آهي. اهي پروگرام وري پهچ (Access) خاصيت (Quality) ۽ بندوبست نظرين جي ماتحت آهن.  انهي عمل ۾ صوبي جي تعليمي سيڪٽر ڪي درپيش وڏين مشڪلاتن ڪي به مدنظر رکيو ويو آهي.

هيءُ پروگرام ايس. اِي. ايس پي (2014-2018) دوران وضع ٿيل سڀني صوبائي پاليسين سان مطابقت رکي ٿو ۽ ان جي نفاذ لاءِ منطقي طرح تجويزون پيش ڪري ٿو. اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ انهي ڏس ۾ بلڪل واضح آهي ته سسٽينبل ڊيولپمينٽ گولز (SDGs) 2030 جي حاصلات لاءِ ڪوششون ڪيون ويندڀون جيڪي بنيادي طور SDG-4 آهن جن جو خاص مقصد اهو آهي ته جامع ۽ مساوي سٺي تعليم جي حاصلات ڪي يقيني بڻايو وڃي. سڀني لاءِ سموري زندگي تي ٻڌل سکيا جا موقعا فراهم ڪيا وڃن. ٻين لفظن ۾ چئجي ته ايس. اِي. ايس پي اينڊ آر 2019-2024 زمين جي گولي تان جهالت گهٽائڻ جي، عالمي مقصدن (Global Goals) حاصل ڪرڻ جي ڏس ۾ هڪ ڪوشش آهي.

هيءُ دستاويز انن پروگرامن جي شڪل ۾ ترتيب ڏنو ويو آهي انهن جو مقصد ٽن وڏين منزلن جي حاصلات آهي، هن جي ذريعي اڳتي هلي مجموعي طور 13 اهم مقصد حاصل ٿي سگهن ٿا. هن جو خاص مقصد ڪجهه مکيه ۽ ٻين ذيلي سرگرمين ذائهن وني هلي ٿو اهي وري يوٽتن تي ٻڌل آهن جيڪي ايندڙ پنجن ورهين ۾ پورا ڪرڻا آهن. هر سرگرمي جي سامهون بيان ڪيو ويو آهي ته انهي لاءِ ڪهڙي ترقياتي شراڪتدار سان ڀائيواري آهي ۽ ان جو مالياتي پاڳو به بيان ڪيل آهي. هن دستاويز جو سلسليوار بيان اهڙي منطقي ترتيب سان رکيو ويو آهي جو سڀني سوچ جي سلسلن (Themes) ۾ جڙا نظر اچي. اهڙي طرح پهچ (Access) پروگرام پهرئين ٻئي ۽ ٽئين جي تحت رکيو ويو آهي، جڏهن ته پروگرام چوٿون ۽ پنجون خاصيت (Quality) ڪي بهتر بنائڻ لاءِ ترتيب ڏنا ويا آهن. آخر ۾ پروگرام ڇهين، ستين ۽ انين ۾ بهتر بندوبست (Governance) بابت سرگرميون تجويز ڪيون ويون آهن.

هن پلان ۾ رسمي ۽ غير رسمي تعليمي وهڪرن جي ذريعي اسڪول نه ويندڙ ٻارن لاءِ سٺي تعليم جي پهچ ڪي سڀ کان وڏي ترجيح تي رکيو ويو آهي ۽ ٻيو ته صوبي ۾ نوجوانن ۽ بالغن لاءِ خواندگي ۽ مهارتن جي واڌ ويجهه ذائهن پهچ ڪي وڌايو وڃي. اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ پروگرام پهرئين جي مقصد جي ذريعي اسڪول نه ويندڙ ٻارن جا حقيقي انگ اکر ڳولهڻ گهري ٿي ۽ موجود شاگردن جي اسڪول ۾ موجود رهڻ

تي ڊيان ڏيڻ گهري ٿي جنهن جي ذريعي شاگردن جي ڪاميابي لاءِ تمام ضروري ماحول دستياب ڪري سگهجي. هن پروگرام ۾ اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي رسمي ڪردارن جي خانگي شعبي اين جي اوز، ايجوڪيشن مئنجمينٽ آرگنائيزيشنز ۽ سنڌ ٽيڪنيڪل اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي سان سهڪار ۽ تعاون کي بہ مدنظر رکيو ويو آهي. انهيءَ کان پوءِ اها رٿابندي ڪئي وئي آهي تہ پروگرام ٻئين ۾ اسڪولن ۾ بنيادي ۽ سٽريل تعميرات مهيا ڪئي وڃي. ٻئي پاسي وري پروگرام ٽئين ۾ ارلي چائيلڊ ڊولپمينٽ ۽ صحت ۽ غذا بابت آگاهي ذريعي گهٽ آمدني ۽ پنهنجي پيل ڪٽنبن جي شاگردن کي اسڪولن ڏانهن ڇڪڻ جا طريقا وضع ڪيا ويا آهن. انهي سان گڏوگڏ اهو پڻ بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪيئن سماجي جذباتي رڪاوٽون ختم ڪجن جو سنڌ جي اسڪولن ۾ ڇوڪرين جي داخلا کي وڌائي سگهجي.

پروگرام چوٿين ۽ پنجين ۾ ايس اِي ايس پي اينڊ آر ترقياتي ۽ ڊيجيٽلي ايٽرو سگهارو ٿي وڃي جو شاگرد سماج جو سرگرم ۽ پيداواري فرد بڻائڻ لاءِ تعليم ڏئي سگهي.

پروگرام چوٿين ۾ انهي ڳالهہ جو اختصار سمايل آهي تہ سرڪاري اسڪولن ۾ ڪيئن سکيا ۽ ڇڪاس ۾ سڌارا آندا وڃن جيئن هڪ پاسي تہ لڳاتار پيشيوارانہ واڌ ويجهہ جي ذريعي استادن جي مدد ڪئي وڃي ۽ ٻئي هٿ تي ڪم ۾ مصروف ماڻهن جي بہ نظرداري ڪئي وڃي. جيئن سرڪاري اسڪولي نظام ۾ استادن لاءِ ڪيريئر جا موقعا دستياب ٿي سگهن. اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي سيني ملحق ادارن ۾ اداراجاتي صلاحيت وڌائڻ ذريعي جاڻ ۽ طريقن ۾ سڌارا آندا ويندا. پروگرام پنجين جو مرڪزي نڪتو اهو آهي تہ ڊي جي ايم اينڊ اِي جو ڪردار وڌائيندي ڪوالٽي اشورنس جو گهربل مقصد حاصل ڪيو وڃي.

پروگرام ڇهين ۽ ستين جو گڏيل مقصد اهو آهي تہ سرڪاري تعليمي شعبي ۾ قيادت ۽ بندوبست جي تدبيرن کي نئين شڪل ۾ آندو وڃي جنهن ذريعي اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ايس اِي ايس پي اينڊ آر کي اينڊڙ پنجن ورهين دوران وڌيڪ مؤثر نموني لاڳو ڪرڻ جي لائق ٿي ويندو. سرگرمين کي اهڙي ريت تشڪيل ڏنو ويو آهي جو اهي شراڪتدارن ۾ ابلاغ ۽ انهن جي احتساب ۾ سڌارو آڻي سگهن.

وڌيڪ اهو تہ پروگرام اٺون ريفارم سپورٽ يونٽ جي توسيع ۽ هڪ قسم جي سٽريل شڪل آهي ۽ اهو اهميت رکندڙ پلاننگ، مانيٽرنگ ۽ امپليمينٽيشن يونٽ طور ڪم ڪري سگهي جنهن جو خاص ڪم اهو هجي تہ اهو ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي مختلف ماڊلن جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺي سگهي، وڌيڪ پيشيوارانہ ۽ جاڻ پريل فيصلن جا انداز تخليق ڪري سگهي ۽ مختلف فورمن تي ايس اِي ايس پي اينڊ آر (2019-2024) جي عملدرآمد جي رپورٽنگ ڪري سگهي.

هن دستاويز ۾ پيش ڪيل ڪم ڪور ورڪنگ گروپ جي گڏيل ڪوشش آهي جنهن ۾ اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جا صلاح مشورا پڻ شامل آهن ۽ انهن کي ترقياتي شراڪتدارن جي مڪمل پنيرائي حاصل آهي. سيئي سرگرمين ۽ لاڳاپيل يونٽن کي جناب احسن علي منگي سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ جي قيادت ۾ لوڪل ايجوڪيشن گروپ جي منظوري حاصل آهي. هاڻي کان اڳتي ايس اِي ايس پي اينڊ آر (2019-2024) اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ کي ماسٽر پلان طور ڪم ايندو ۽ صوبي ۾ اڳتي هلي ڪنهن بہ مداخلت لاءِ ريفرنس پوائنٽ طور ڏنو ويندو.

**زبير احمد چنا (PAS)**
چيف پروگرام مئنيجر
ريفارم سپورٽ يونٽ
اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو
حڪومت سنڌ

# 1. پس منظر

# 1. پس منظر

## 1.1 سنڌ صوبو: عمومي جائزو

سنڌ 47 ملين رھواسين سان پاڪستان جو آدمشماري جي لحاظ کان ٻيو نمبر صوبو آھي. گذريل ڏهاڪي ۾ آدمشماري 60% کان وڌيڪ واڌارو ٿيو آھي. نتيجي ۾ سنڌ ۾ نوجوانن جو انگ تمام گھڻو آھي. تخميني مطابق سنڌ جي رھواسين جو 60% کان وڌيڪ حصو 15 ورھين جي ڄمار کان ٻه گھٽ ماڻھن جو آھي. سنڌ کي جيتوڻيڪ ملڪ جو سڀ کان وڏي شھري آبادي رکندڙ صوبو سمجھيو وڃي ٿو، پر جملي آدمشماري جو لڳ ڀڳ اڌ حصو (23 ملين) ٻھراڙين ۾ رھي ٿو. صوبي ۾ صوبي کان ٻاھران توڙي صوبي جي ماڻھن جي ھڪ ھنڌ کان ٻئي ھنڌ لڏپلاڻ ٿيندي رھي ٿي. دستياب انگن اکرن مطابق آدمشماري جي تمام گھڻي اڪثريت سنڌي ڳالھائي ٿي (60%) انھي کانپوءِ اردو (21%).

سنڌ جي آبادي غربت جي ڪيترن ئي قسمن کان متاثر آھي ۽ سنڌ جي ضلعن ۾ چڱيون خاصيتون اڻ برابريون موجود آھن.سنڌ جو ھيومن ڊيولپمينٽ انڊيڪس جيتوڻيڪ 0.640 آھي جيڪو پاڪستان جي قومي سطح کان مٿي آھي پر انھي مان ضلعن ۾ ترقي جي لحاظ کان چڱين اڻ برابرين جي عڪاسي ٿئي ٿي. سنڌ جي آبادي جو 43.1% غربت جي ڪيترين ئي شڪلين کان متاثر آھي. انھيءَ سيڪڙي کي جيڪڏھن تازي ترين آدمشماري تي لاڳو ڪيو وڃي ته اھو انگ 21 ملين انسان ٿئي ٿو. سنڌ جي شھري ۽ ڳوٺاڻن علائقن ۾ ٻه چڱا خاصا فرق موجود آھن. بھرحال سن 2004ع کان 2014ع جي وچ ۾ شھري توڙي ڳوٺاڻن علائقن ۾ مختلف سطحن واري غربت وارن ماڻھن جو تناسب گھٽيو آھي. شھرن ۾ اھو تناسب 28.2% کان 10.6% تي آيو آھي ۽ ٻھراڙين 88.1% کان 75.5% ٿيو آھي.

انساني ترقي جي ٻين رخن وانگر مختلف ضلعن ۾ وڏا فرق آھن. ٽي ضلعا اھڙا آھن جن جي آبادي جو 80% کان وڌيڪ گھڻ رخي غربت ۾ گذاري رھيو آھي. ٿرپارڪر (87%) عمرڪوٽ (84.7%) ۽ سجاول (82%). ڇھن ٻين ضلعن جي آبادي جو 70 کان 80 سيڪڙو گھڻ رخي غربت ۾ گذاري ٿو. (ٺٽو، ٽنڊومحمد خان، ڪشمور، بدين، قمبر شھدادڪوٽ ۽ جيڪب آباد سموري پاڪستان جي ڀيٽ ۾ سنڌ جي شرح خواندگي گھٽ آھي. سنڌ ۾ 55% جڏھن ته پاڪستان ۾ 58%) ٻارن جي صحت ته ھڪ مسئلو آھي. ڪير ڀياڪن ۽ مائرن جي موت جي شرح قومي سراسري شرح کان وڌيڪ آھي ۽ ڪيترائي اھڙا ٻار آھن جن جو وزن گھٽ آھي يا ته اھي انتھائي ڏٻرا آھن. انھن جي واڌ ويجھ بيٺل آھي. سنڌ جو قومي جي. ڊي. پي ۾ تقريباً 27.5% حصو آھي، تعليم لاءِ صوبائي حڪومت جي بجيٽ سن 2011ع ۾ جملي بجيٽ جي 13.4% کان وڌي. 2017ع ۾ 18.5% تي ويئي آھي.

## 1.2 ايجوڪيشن پاليسي جي بنيادي ساخت ۽ جوڙجڪ

اسلامي جمھوريه پاڪستان جي آئين جو آرٽيڪل 25-A سنڌ ۾ تعليم کي سيني تائين پھچائڻ جو مين پاليسي فريم ورڪ مھيا ڪري ٿو، جنھن ۾ پنجن کان سورنھن ورھين تائين ڄمار جي ٻارن کي مفت ۽ لازمي تعليم جي بنيادي حق تي زور ڏنو ويو آھي. دي سنڌ رائيٽ آف چلڊرين ٽو فري اينڊ ڪمپلسري ايجوڪيشن ايڪٽ 2013ع رولز 2017ع تيار ٿي آرٽيڪل 25-A لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو ھو. انھي ايڪٽ ۾ مفت تعليم جي اھا وصف ڏنل آھي ته انھي ۾ نه فقط اھو پر سرڪاري اسڪولن ۾ بغير معاوضي جي تعليم شامل آھي پر انھي ۾ درسي ڪتاب، اسٽيشنري، ٿيلھا ۽ يونيفارم پڻ شامل آھن. انھي ۾ خانگي اسڪولن کان ٻه اھا تقاضا ڪئي وئي آھي ته اھي جملي داخل ٻارن جي 10% کي مفت تعليم ڏين.

سنڌ ۾ تعليم جي خدمت مهيا ڪرڻ جو ڪم اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ، اسپيشل ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۽ هائير ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جي ذمي آهي. اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ بنيادي طور سرڪاري اسڪولن (پرائمري کان ڏهين درجي) جي مسئلن جو انچارج آهي، جڏهن تہ معذورين وارين ٻارن کي مفت ۽ لازمي تعليم ڏيڻ جو ذمو اسپيشل ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ جو آهي.

صوبي ۾ مفت ۽ بهتر پري اسڪول سروس جي رُخ ۾ هڪ اهم قدم ارلي چائيلڊ هوڊ ڪيئر اينڊ ايجوڪيشن (ECCE) پاليسي 2015ع جو تيار ٿيڻ هو ۽ پوءِ وري 2017ع ۾ اِي سي سي اي جو ڪريڪيولم تيار ٿيڻ ۽ 2019ع ۾ اِي سي سي اي اسٽينڊرز تيار ٿيڻ هو.

سنڌ نان فارمل ايجوڪيشن (NEF) پاليسي 2017ع جو مقصد انهي ڳالھ کي يقيني بنائڻ هو تہ اسڪول ڇڏي ويندڙ ۽ وڏي عمر جي ٻارن کي (تعليم جو ٻيو موقعو ڏنو وڃي). غير رسمي تعليمي پروگرامن ذريعي يا مڪيہ ڌارا واري سرشتي ذريعي ئي تيز رفتار ”ڪوٽ جو پورائو ڪرڻ“ وارن پروگرامن تحت رواجي اسڪولن ذريعي پرائمري يا پوءِ پرائمري تعليم پوري ڪرڻ جا موقعا ڏنا وڃن. انهيءَ جو هڪ اهو مقصد پڻ آهي تہ ٽيڪنيڪل ۽ ووڪيشنل مهارتن سان ڳانڍاپا پيدا ڪيا وڃن جيئن غير رسمي تعليم جي پروگرامن ۾ شاگردن لاءِ نوڪري حاصل ڪرڻ جا موقعا بهتر بڻايا وڃن. مهارتن جي واڌ ويجھ کي خواندگي ۽ تيز رفتار ٻنهي پروگرامن ۾ شامل ڪيو ويندو.

تعليمي درجا دي سنڌ ڪريڪيولم اينڊ اسٽينڊرڊس ايڪٽ 2014ع تحت هلن ٿا ۽ اهو ڪريڪيولم ڊيولپمينٽ جي ڪردارن ۽ ذميوارين جي وضاحت ڪري ٿو.

انهيءَ سان گڏوگڏ سنڌ ۾ تعليمي خدمتن جي فراهمي بابت ٻيا بہ ڪيترائي قانون آهن. خاص طور پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ 2010ع ۽ ان ۾ 2014/15 ۾ ٿيل ترميم تعليم سميت سڀني شعبن ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ لاءِ هڪ ڍانچو مهيا ڪن ٿا.

سن 2014ع کان 2018ع دوران ٻيا بہ ڪيترائي تعليمي پاليسي اپاءَ يا اداراجاتي ڍانچا نوٽيفڪيشن ذريعي منظر تي آندا ويا، جيڪي پڻ ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي حڪمت عملين بابت رهنمائي ڪرڻ سان گڏوگڏ هنن ڳالهين سان پڻ لاڳاپيل آهن. مئنجمينٽ ڪيڊر، جينڊر يونٽ، ٽيچر ريڪروٽمينٽ ڊزاسٽر رسڪ رڊڪشن، مانيٽرنگ اينڊ اويليوئيشن، اسڪول ڪنساليڊيشن ۽ مائڪرو پلاننگ / ڊسٽرڪٽ پلاننگ ۽ انهن جو نفاذ.

پاڪستان بين الاقوامي سطح تي ان عزم جو اظهار ڪيو آهي تہ هو سسٽينيبل ڊيولپمينٽ گولز (SDGs) 2030 بشمول ايس ڊي جي-4 جي حاصلات لاءِ ڪوششون ڪندو جنهن ۾ خاص طور اهو مقصد بہ آهي تہ مساوي ۽ جامع بهتر تعليم يقيني بڻائي وڃي ۽ سڀني لاءِسموري حياتي تي ٻڌل سکيا جي موقعن کي عام ڪيو وڃي. ايس اِي ايس پي اينڊ آر مقصد ۽ هدف ايس ڊي جي-4 جا هدف حاصل ڪرڻ ۾ خاص ڪردار ادا ڪندا.

هيٺين وضاحتي چارٽ ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي ترجيحي پروگرامن جو ايس ڊي جي-4 جي هدفن ۾ ڪيترو ڪردار هوندو.

| ايس ڊي جي-4 هدف (P = پروگرام) | P1 | P2 | P3 | P4 | P5 | P6 | P7 | P8 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| **4.1** سن 2030 تائين اها ڳالھ يقيني بنائڻ تہ سڀ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مفت مساوي ۽ بهتر پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم مڪمل ڪري وٺندا جيڪا انهن کي لاڳاپيل ۽ مؤثر سکيا جي نتيجن جي راهہ ڏيکاريندي. | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ |

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| **4.2** سن 2030 تائين اها ڳالهه يقيني بڻائڻ ته سڀني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي بهتر ارلي چائيلڊ هوڊ ڊيولپمينٽ ڪيئر ۽ پري پرائمري تائين پهچ هوندي جيئن اهي پرائمري تعليم لاءِ تيار هجن. | | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ |
| **4.4** سن 2030ع تائين اهڙن نوجوانن ۽ بالغن جي انگ ۾ چڱو چوکو واڌارو ڪرڻ جن وٽ ٽيڪنيڪي ۽ هنري سميت لاڳاپيل مهارتون هجن جن جي مدد سان اهي نوڪري يا آزاد ڪاروبار ڪري سگهن. | ✓ | | | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ |
| **4.5** سن 2030ع تائين تعليم ۾ صنفي اڻبرابريون ختم ڪرڻ ۽ تعليم ۽ هنري سکيا جي سڀني سطحن تائين برابر پهچ، خدشن هيٺ آيلن توڙي معذورين وارن فردن ۽ مشڪل حالتن هيٺ رهندڙ مقامي شخصن ۽ ٻارن لاءِ يقيني بڻائڻ. | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ |
| **4.6** سن 2030ع تائين اها ڳالهه يقيني بڻائڻ ته سڀ نوجوان ۽ بالغن جو چڱو چوکو تعداد مردن ۽ عورتن سميت خواندگي ۽ انگي حساب جي ڄاڻ حاصل ڪري وٺندو. | ✓ | | | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ |
| **4.7** سن 2030ع تائين اها ڳالهه يقيني بڻائڻ ته سڀئي سکندڙ اهڙي ڄاڻ ۽ مهارتون حاصل ڪري وٺن جيڪي جٽادار ترقي عام ڪرڻ لاءِ گهربل هجن، انهن ۾ تعليم ذريعي جٽادار لائيف اسٽائيل، انساني حق، صنفي برابري، امن ۽ عدم تشدد جو ڪلچر عام ڪرڻ، عالمي شهريت ۽ ثقافتي رجحان جي ساڃاهه ۽ جٽادار ترقي ۾ ڪلچر جي ڪردار بابت ڄاڻ شامل آهي. | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ |
| **4.A** اهڙ تعليمي ادارا ناهڻ ۽ انهن جو درجو وڌائڻ جن ۾ ٻارن، معذورن ۽ ٻنهي صنفن جو خيال رکيل هجي ۽ سڀني لاءِ محفوظ، عدم تشدد رکندڙ جامع ۽ مؤثر سکيا جو ماحول هجي. | | | | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ |
| **4.C** سن 2030ع تائين تعليم يافته استادن جي رسد چڱي حد تائين وڌائڻ، اهو ڪم ترقي پذير ملڪن ۾ استادن جي سکيا لاءِ بين الاقوامي سهڪار ذريعي به ڪري سگهبو. اهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ تمام گهٽي ترقي وارا ۽ ٻيٽي پيل ترقي پذير ملڪ به شامل آهن. | | | | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ | ✓ |

### سنڌ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ – عهدن جو چارٽ




سيڪريٽري تعليم
سنڌ ايجوڪيشن پاليسي ڪميشن
ڊائريڪٽر جنرل آف هيومن ريسورس اينڊ ٽريننگ
ڊائريڪٽوريٽ آف پراونشل انسٽيٽيوشن ٽريننگ ايجوڪيشن (PITE)
سنڌ ٽيچر ايجوڪيشن ڊيولپمينٽ اٿارٽي (STEDA)
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ
ڊائريڪٽر ٽيچر ٽريننگ انسٽيٽيوشن (TTI)
ريفارم سپورٽ يونٽ
ڊائريڪٽوريٽ جنرل مانيٽرنگ اينڊ اويليوشن (M & E)
ڊائريڪٽوريٽ آف اِي سي اِي
ڊائريڪٽوريٽ آف نان فارمل ايجوڪيشن
چيف ايڊوائيزر ڪريڪيولم ونگ
ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم، اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ (DCAR)
سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن
پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (PPP) نوڊ
ڊائريڪٽر انسپيڪشن رجسٽريشن آف گورنمينٽ انسٽيٽيوشنس
ڊائريڪٽر انسپيڪشن/ رجسٽريشن آف پرائيويٽ اسڪولس سنڌ
ڊائريڪٽوريٽ آف پلاننگ ڊيولپمينٽ اينڊ ريسرچ

## 1.3 ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2024-2019 جي تياري

اسڪول ايجوڪيشن سيڪٽر پلان اينڊ روڊ ميپ فار سنڌ 2024-2019 ۾ سنڌ صوبي ۾ تعليم جي شعبي ۾ حڪومت سنڌ جي وچ مدتي ترجيحن جون اهم ڳالهيون بيان ٿيل آهن.

ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2024-2019 ۾ ايس اِي ايس پي 2018-2014 کي لاڳو ڪرڻ دوران حاصل ڪيل سبقن جو جائزو شامل آهي، جڏهن ته حاصل نه ٿي سگهندڙ هدفن کي به مدنظر رکيو ويو آهي. سنڌ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ڪيترين پاليسين ناهي انهن تي عملدرآمد پڻ ڪرايو جڏهن ته سنڌ ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ کي جي. پي. اِي طرفان 2017-2015 گرانٽ سپورٽ بندوبست ۽ احتساب جي سرشتن ۾ اهم سڌارن جي سهائتا ڪئي ٿي. بهرحال ڪافي وڏيون مشڪلاتون موجود آهن ۽ موجوده ايس اِي ايس پي اينڊ آر جو مقصد آهي ته سنڌ ۾ تعليم کي سڀني لاءِ عام ڪرڻ لاءِ سڌارن جا وڌيڪ قدم کنيا وڃن.

پلان جي تياري جي اڳواٽي هڪ اسٽيئرنگ ڪميٽي ڪئي جنهن جي بين ڳالهين سان گڏوگڏ اها پڻ ذميواري هئي ته هوءَ ڪم کي مقرر رُخ ۾ هلائي ۽ تعليم جي زميني صورتحال جي تجزيي لاءِ انگ اکرن جي چونڊ ۾ مدد ڪري ۽ ان تي اک رکي، جيئن پلان جي منزل ۽ مقصد مقرر ٿي سگهن ۽ پلاٽ جي تجويز ڪيل ترجيحن ۽ اهم نڪتن تي مهر تصديق هڻي سگهي. سي اِي ايس پي اينڊ آر جي اڳيرائي جي عمل سان لاڳاپيل ٽيڪنيڪي معاملن جي نظرداري لاءِ هڪ ٽيڪنيڪل ورڪنگ ڪميٽي ڪئي، معمول واري تياري جو بندوبست ريفارم سپورٽ يونٽ تي ڪيو. جنهن ۾ ايس اِي ايس پي سيڪريٽريٽ ۽ ڪور پلاننگ ٽيم جا ڪم ڪار پڻ شامل هئا. يونيسڪو- آءِ آءِ اي پي حڪومت سان شراڪتدار طور مصروف ڪار رهيو جيئن زميني صورتحال جي تجزيي ۽ ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي تياري ۾ ٽيڪنيڪي صلاح مشورا ڏئي سگهي.

ڪوآرڊينيٽنگ ايجنسي جي شڪل ۾ يونيسڪو لوڪل ايجوڪيشن گروپ (LEG) جي گڏجاڻين ۾ رابطي ڪار ۽ سهولت ڪار وارو ڪردار ادا ڪيو ۽ لڳاتار سيڪريٽري آفيس، ريفارم سپورٽ يونٽ گرانٽ ايجنٽ ۽ گلوبل پارٽنرشپ فار ايجوڪيشن (GPE) سان لڳاتار رابطي ۾ رهيو. پلان جي تياري لاءِ فنڊ جي پي اي مهيا ۽ انهن جو بندوبست ورلڊ بينڪ پاران ڪيو ويو.

هڪ ايجوڪيشن سٽيوئيشنل اينالائسس تيار ڪيو ويو، جيئن صوبي ۾ تعليمي سيڪٽر جي صورتحال جي چڪاس ڪئي وڃي. انهي ۾ گذريل چئن ورهين دوران ايس اِي ايس پي 2018-2014 تحت اهم حاصلات ۽ درپيش مشڪلاتن کي ڏسڻ پڻ شامل هو. انهيءَ ايجوڪيشن سٽيوئيشنل اينالائسس (ESA) جي اڳيرائي جي طريقيڪار ۾ ڊيسڪ رويو، انٽرويو، فوڪس گروپ جا بحث مباحثا ۽ فيلڊ ورڪ پڻ شامل هو.

اِي ايس اي جي ڪيترن ئي ڳُڪرن جو پهريون ڊرافٽ آگسٽ 2018ع ۾ هڪ مشاورتي ورڪشاپ ۾ پيش ڪيو ويو جنهن ۾ سرڪاري ڪاتن، سول سوسائٽي تنظيمن، اين جي اوز ۽ ترقياتي پائيوارن منجهان 80 کان وڌيڪ شراڪتدار شريڪ ٿيا. مشاورتن مان حاصل ٿيل معلومات، وڌيڪ گڏ ڪيل انگن اکرن بشمول فيلڊ ورڪ جي مدد سان اِي ايس اي جو ڊرافٽ تيار ٿي سگهيو ۽ آئيندي جي سيڪٽر پلان متعلق ترجيحات جي نشاندهي ٿي سگهي.

سيڪٽر پلان جي تياري جي هڪ حصي طور هڪ خاص گروپ تشڪيل ڏنو ويو جيئن پروجيڪشن ۽ سائميوليشن ماڊل تيار ڪري سگهجي. اهو ڪاسٽنگ ۽ سائميوليشن ماڊل لاءِ ڪور ورڪنگ گروپ جي صورت ۾ منظر تي آيو.

هن گروپ ۾ بين سان گڏ ڪور پلاننگ ٽيم، سيمس، ڊي جي ايم ايںڊ اي، پي ڊي اينڊ ايف ۽ فنانس ڊپارٽمينٽ جا نمائندا شامل هئا. انهي جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيل سائميوليشن ماڊل اينڊڙ پنجن ورهين ۾ خرچ جي تخميني ۽ هدف مقرر ڪرڻ لاءِ بنياد مهيا ڪيو.

آگسٽ 2018 ۽ 2019 جي شروعات ۾ سيڪٽر پلان ۽ اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ لاءِ ڪيترائي ورڪشاپ ۽ مشاورتي گڏجاڻيون منعقد ٿيون جن ۾ ڊائريڪٽر ۽ سرڪاري تعليم کاتن مان 200 کان وڌيڪ عملدار، ريجنل ڊائريڪٽر، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر، ملڪي ۽ بين الاقوامي تنظيمن جا نمائندا، اين جي اوز ۽ ترقياتي پائيوارن حصو ورتو.

ٽيڪنيڪل ورڪنگ ڪميٽي قائم ڪئي وئي جيئن سيڪٽر پلان ۽ ايل اِي جي تياري لاءِ ٽيڪنيڪي معلومات مهيا ڪري سگهي. انهن بنهي ادارن جي سربراهي سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ وٽ رهي. ساڳئي ٽيڪنيڪل ورڪنگ ڪميٽي ايجوڪيشن سٽيوئيشنل اينالائسس ۽ موجوده ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 تي مهر تصديق هنئي.

سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ عمومي سربراهي ۽ قيادت جو ڪردار فراهم ڪيو ۽ لوڪل ايجوڪيشن گروپ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ مشاورتي انداز ۾ هڪ قابل عمل ۽ حقيقي پلان تخليق ڪرڻ جي راهه هموار ڪئي. جنهن ۾ سڀئي لاڳاپيل شراڪتدارن ڪي ٻه شريڪ رکيو ويو. چيف پروگرام مئنيجر آر ايس يو ايجوڪيشن پاليسي ونگ جي سربراهه توڙي ڪور ورڪنگ گروپ جي چيئرمين جي حيثيت ۾ ايجوڪيشن سٽيوئيشنل اينالائسس جي تحقيقن ۽ گذريل ايس اِي ايس پي مان حاصل ڪيل سبقن سان مطابقت رکندي پلان تيار ڪيو ۽ پروگرام جي ترجيحات ۾ نوان ظريا متعارف ڪرايا. ساڳئي ريت ملحق شعبن ريجنل ڊائريڪٽرن ۽ فيلڊ آپريٽرن کان صورتحال سان لاڳاپيل، حقيقي ۽ قابل عمل پلان تيار ڪرڻ لاءِ پيداواري مشاورت ڪئي وئي ۽ انهن کان مفيد جاڻ حاصل ڪئي وئي.

# 2. سنڌ ۾ ايجوڪيشن سيڪٽر کي درپيش اهم مشڪلاتون

## 2. سنڌ ۾ ايجوڪيشن سيڪٽر کي درپيش اهم مشڪلاتون

هن سيڪشن ۾ سنڌ ۾ ايجوڪيشن سيڪٽر کي درپيش اهم مشڪات جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 لاءِ ڪيل پاليسي چونڊن (Choices) جو منطقي جواز قائم ڪيو ويو آهي.

### 2.1 مساوي پهچ (Equitable Access)

سنڌ ۾ ايجوڪيشن سيڪٽر لاءِ چڱي خاصي مشڪلات پيدا ڪندڙ ہ مسئلا برقرار رهيا هڪ ته اسڪولن ۾ گهٽ داخلا وٺڻ بيو اسڪولن ۾ گهٽ عرصو رهڻ. سن 2016-17ع ۾ پهرئين جماعت ۾ پرائمري گراس انٽيڪ ريشو (GIR) 39% رهيو پر مختلف ضلعن ۾ جي آءِ آر ايس چڱي حد تائين مختلف رهيا. سنڌ ۾ 2014-15 ۾ پرائمري سطح تي گراس انرولمينٽ ريٽ (جي اِي آر) 79% رهيو (ڇوڪرن جو 88% ۽ ڇوڪرين جو 69%) جڏهن ته نيٽ انرولمينٽ ريٽ (اين. اِي. آر) فقط 61% رهيو. انهي مان ظاهر پئي ٿيو ته صوبي ۾ مقرر عمر کان وڏي عمر وارن ٻارن جي داخلا جو مسئلو موجود رهيو.

جدول 1: سنڌ ۾ اهم تعليمي اهڃاڻ (سيڪڙي ۾)

| اهڃاڻ | شرح |
|---|---|
| پرائمري جِي اِي آر 6-10 | 79 |
| مڊل جِي اِي آر 11-13 | 55 |
| سيڪنڊري جِي اِي آر 14-15 | 51 |
| سروائيول ريٽ پرائمري | 59.5 |
| سروائيول ريٽ مڊل | 96 |
| سروائيول ريٽ سيڪنڊري | 92 |
| ٽرانزيشن ريٽ پرائمري مان لوئر سيڪنڊري | 73.3 |
| ٽرانزيشن ريٽ لوئر مان اَپر سيڪنڊري | 99 |

ذريعا: پي. ايس. ايل. ايم سروي 2014-2015 ۽ پاڪستان ايجوڪيشن اسٽيٽڪس 2017.

جيئن جدول 1 مان ظاهر ٿئي ٿو ته ٻار جيئن پرائمري مان مڊل پوءِ سيڪنڊري سطح ڏانهن وڌندو وڃي ٿو ته اسڪولن ۾ داخلا گهٽبي وڃي ٿي. مڊل سطح تي جي. اِي. آر فقط 55% آهي جيڪو پرائمري ۾ 79% هو ۽ اهو اڳتي سيڪنڊري سطح تي 51% تائين هيٺ لهي وڃي ٿو. پنجين جماعت تائين ٻارن جو لڳ ڀڳ 50% اسڪول ڇڏي وڃي ٿو. اسڪول ڇڏي وڃڻ جي وڏيڪ شرح جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا جن ۾ والدين جي گهٽ معاشي حيثيت، اها سوچ ته تعليم مان لاڀ گهٽ ملي ٿو ۽ ٻارن جي گهريلو ۽ مارڪيٽ جي ڪمن ڪارين ۾ مصروف ٿي وڃڻ شامل آهن. پرائمري اسڪولن مان پاس ٿي نڪرندڙ ٻارن لاءِ گهربل مڊل ۽ سيڪنڊري اسڪولن جي کوٽ ہ مٿانهين سطح تي ٻارن جي گهٽ داخلا جو هڪ ممڪن سبب ٿي سگهي ٿو.

شڪل 1 ۾ سن 2015 ۽ 2016 ۾ ضلعي وار ڪچي جماعت کان هائير سيڪنڊري تائين داخلا ۾ فرق ڏيکاريل آهي. جڏهن ته سنڌ ۾ اسڪولن ۾ جملي داخلا ۾ 2% وڌائي پر ڪيترن ئي ضلعن ۾ واڌ هڪ سيڪڙي کان ہ گهٽ هئي. انهيءَ مان اهو اشارو مليو ٿي ته ويجهڙائي وارن ورهين دوران پهچ سان لاڳاپيل اڳيرائي پوري ساري رهي آهي.

**شڪل 1: سنڌ صوبي جي ضلعن ۾ داخلائن جي ڀيٽ**

**ضلعي وار داخلائن جي ڀيٽ**







ذريعو: اسڪول پروفائلنگ 19-2018.

## اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻار

پاڪستان ايجوڪيشن اسٽيٽڪس 17-2016 موجب سنڌ ۾ 5 کان 16 ورهين جي وچ ۾ ڇمارا وارا سٺ لکن کان وڌيڪ ٻار اسڪول نہ ٿا وڃن (اهي غير حتمي انگ اکر آهن ۽ هن پلان ۾ هڪ تجويز ٿيل هڪ تفصيلي چڪاس ذريعي انهن جي چڪاس ٿيڻي آهي). اسڪولن ۾ ٻارن جي گهٽ شرح داخلا ۽ اسڪولن ۾ رهڻ جي بہ گهٽ شرح جي سبب اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻار (OOSCs) سنڌ ۾ ايجوڪيشن سيڪٽر لاءِ هڪ تمام وڏي مشڪلات (Challenge) آهن. تخميني طور او ايس سيز جي 54% مان اها توقع ڪئي نہ آهي تہ اهي ڪڏهن اسڪول ۾ داخل ٿيندا ۽ جيڪي بالآخر جڏهن اسڪول ۾ داخل بہ ٿين ٿا تہ اهي وڏي عمر جا ٿي ويندا آهن. انهيءَ سبب وقت گذرڻ سان انهن ٻاران اسڪول ڇڏي وڃڻ جو خدشو وڌيڪ هوندو آهي. ٻارن ٻاران اسڪول نہ داخل ٿيڻ جا ڪيترائي سبب آهن انهن مان ڪجهہ هي بہ ٿي سگهن ٿا: ڳهربل سهوليتن جي کوٽ يا اٽپورائي، سکيا جا غير مناسب اختيار (Options)، استاد جن جي بلڪل تياري نہ هجي يا انهن جي سهائتا نہ ٿيندي هجي. انهن کي تعليمي اختيارن تحت نتيجا ڏئي سگهڻ جي صلاحيت گهٽ هجي ۽ پرائمري ڪانپوءِ وارن اسڪول جو غير مساوي ورڇ. مقامي سطح سان هم آهنگ حڪمت عمليون جوڙڻ ۾ اهو فهم تمام اهم ڪردار ادا ڪندو تہ اسڪول نہ ايندڙ ٻار ڪٿي آهن ۽ انهن ٻاران اسڪول نہ اچڻ جو سبب ڪهڙو آهي. ايس اِي ايس پي ايند آر جا اهي ترجيحي پروگرام لاڳو ڪرڻ جي ڏس ۾ اها ڳالهہ تمام اهميت رکي ٿي، جن جو مقصد اسڪولن جي داخلا ۽ ٻارن جي اسڪول ۾ رهڻ جي درپيش مشڪلات ۾ صنفي برابري جو مسئلو حل ڪيو وڃي.

متبادل، لچڪدار ۽ مجموعي طور غير رسمي تعليم (اين ايف اِي) جي دستيابي انهن ٻارن تائين پهچڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي جيڪي رسمي اسڪولي تعليم کان پري رهجي ويا آهن. سنڌ ۾ 17-2016 ۾ جملي 321,464 ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون مختلف غير رسمي تعليمي پروگرامن ۾ داخل ٿيا. اها شرح گذريل ورهيہ کان 13.5% وڌيڪ آهي.

بهرحال ان اڳڀرائي جي باوجود جو 2017 جي سنڌ نان فارمل ايجوڪيشن پاليسي تيار ٿي ايجوڪيشن سيڪٽر اينالائسس ۾ اين ايف اِي کي سنڌ جي ايجوڪيشن سيڪٽر ۾ هڪ ڪمزور ڪڙي ڪري ليکيو ويو. وڌيڪ توسيع جي ضرورت آهي. جيئن اين ايف اِي تائين پهچ وڌائي سگهجي انهي سان گڏوگڏ مهارتن تي بنياد رکندڙ، هنر سان واقف ڪرائيندڙ ٽيڪنيڪي تعليم ۽ اهڙا سرٽيفڪيٽ ڏيڻ لاءِ اتصال (Linkages) پيدا ڪيا وڃن. هن ڏس ۾ اين ايف اِي پاليسي جو مؤثر نفاذ وڏي اهميت وارو هوندو.

جيتوڻيڪ اين جي اوز ۽ ڪميونٽي بيسڊ آرگنائيزيشنز جو هڪ وڏو تعداد اين ايف اِي ۽ ماهرن جي نگراني ۾ هنري سکيا جا موقعا فراهم ڪري رهيو آهي تہ بہ متبادل ۽ تيز رفتار (Accelerated) تعليم يا مهارتون وڌائڻ جي پروگرامن جون جايون محدود آهن. انهن موقعن کي هڪ مجموعي حڪمت عملي سان مربوط ڪيو وڃي جيئن اهي او ايس سي ۽ وڏي عمر وارن ٻارن تائين پهچي سگهن. انهيءَ ۾ حڪومت تہ شامل آهي پر اهو ڪم نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊيولپمينٽ، بيسڪ ايجوڪيشن ڪميونٽي اسڪولز، سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن ۽ سيڪٽر ۾ ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز ڪري سگهن ٿيون. ڪوشش جو دائرو وڌائڻ جي قابل ٿيڻ لاءِ ڊائريڪٽوريٽ آف لٽريسي ايند نان فارمل ايجوڪيشن کي مضبوط بڻايو وڃي.

## خواندگي (Literacy)

سنڌ ۾ خواندگي چڱي خاصي مشڪل رهندي پئي اچي. جيتوڻيڪ وقت گذرڻ سان صوبي ۾ خواندگي جي شرح ۾ واڌارو ٿيو آهي پر اها پاڪستان جي سراسري قومي شرح کان هيٺ ٿي رهي آهي (سنڌ ۾ 55%، پاڪستان ۾ 58%). انهيءَ جو وڏو سبب ٻهراڙين ۾ گهٽ شرح خواندگي جو اها مجموعي طور فقط 36% آهي ۽ عورتن جي شرح 44% آهي ۽ ٻهراڙين ۾ عورتن جي شرح خواندگي فقط 19% آهي. صوبي ۾ شرح خواندگي وڌائڻ لاءِ خاص طور عورتن لاءِ خواندگي جي پروگرامن تائين پهچ وڌائڻي پوندي.

## تعميرات (Infrastructure)

ٻارن کي اسڪول ڏانهن ڇڪڻ ۽ اسڪول ۾ موجود رهڻ ۾ تعميرات اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. بهرحال اسڪولن جو هڪ ڏو انگ اڻپوري تعميرات کي مُنهن ڏئي رهيو آهي يا انهن ۾ بنيادي سهوليتن جي اڻهوند آهي. اسول پروفائيل 2019 مطابق سنڌ ۾ فنڪشنل اسڪولن جي لڳ ڀڳ 38% کي چوديواري نہ آهي؛ 28% ۾ واش روم نہ آهن ۽ 42% ۾ پيئڻ جو پاڻي نہ آهي. انهيءَ سبب خاص طور ڇوڪرين جي پرائمري جماعت کان پوءِ شراڪت تي ناڪاري اثر پوي ٿو. اهو مسئلو تڏهن وڌيڪ ڳنڀير ٿي وڃي ٿو جڏهن مختلف صلاحيتن وارن ٻارن لاءِ جوڳيون سهوليتون موجود نہ ٿيون هجن. تقريباً 7185 اسڪول (20%) هڪ ڪمري وارا آهن جنهن ۾ 49% اسڪولن ۾ فقط هڪ استاد آهي، لڳ ڀڳ 3331 اسڪولن (9%) کي ڪي پڪي پختي ڇت نہ آهي، اهڙين حالتن ۾ ٻار سکيا جي سازگار ماحول کان محروم رهجي وڃن ٿا ۽ انهن سبب معيار تي بہ اثر پوي ٿو.

پرائمري کان پوءِ وارن اسڪولن جي شديد کوٽ آهي. اسڪول پروفائيل 2019 مطابق سيني هلندڙ اسڪولن مان لڳ ڀڳ 88% پرائمري اسڪول آهن جڏهن تہ هلندڙ اسڪولن جو فقط 6% مڊل ۽ ايليمينٽري اسڪولن جو آهي. بهرحال اسڪولن جو 5.6% هائير سيڪنڊري اسڪول آهن.

جدول 2: سنڌ ۾ سطح جي لحاظ کان تعليمي ادارن جو تعداد

| اسڪولي سطح | ادارن جو تعداد |
|---|---|
| پرائمري | 32421 |
| مڊل | 1513 |
| ايليمينٽري | 686 |
| هائير سيڪنڊري | 2026 |
| جملي هلندڙ اسڪول | 36646 |

ذريعو: اسڪول پروفائيل 2019

سنڌ ۾ تعميرات سان لاڳاپيل گهرجون پوريون ڪرڻ جي ڏس ۾ قدم جاري رهڻ گهرجن. انهي ڏس ۾ اسڪول جي سائيز کي حقيقي گهرج مطابق ڪيو وڃي، يعني رائيٽ سائيزنگ ڪجي ۽ موجود ضرورتن جي پورائتي لاءِ اسڪولن کي اپ گريڊ ڪيو وڃي. اسڪولن کي ڪنسليڊيٽ ڪرڻ جو عمل بہ جاري رکيو وڃي. جنهن ۾ واڌو ۽ ڪم نہ ايندڙ اسڪولن کي نظام مان خارج ڪيو وڃي ۽ هڪٻئي جي ويجهو هلندڙ اسڪولن کي اپ گريڊ ڪري ڪيمپس اسڪول ڪيو وڃي، جتي ايليمينٽري ۽ ان کان مٿي جا ڪلاس هلايا وڃن. خانگي تعليم ۽ پي پي پيز (PPPs) مان بہ توقع ڪجي ٿي تہ اهي تعليمتائين پهچ بهتري آڻيندا.

سڀ کان اولين اهميت موجود اسڪولن جي تعميراتي حالتن کي بهتر بنائڻ تي ڏيندي انهن ۾ خاص طور ڇوڪرين جي اسڪولن ۾ بنيادي ضرورتون مهيا ڪرڻ تي ڏني وڃي.

## برابري (Equity)

برابري سان لاڳاپيل مسئلن جو بين بہ ڪيترن ئي رُخن ۾ اثر ٿئي ٿو. اهي ٻار جيڪي تعليم تائين پهچ جي صلاحيت تي ڪيترن ئي طريقن سان اثر انداز ٿين ٿا، تعليم تائين پهچ سان لاڳاپيل صنفي عدم توازن صوبي ۾ عام جام آهن. ٻهراڙين ۾ ڇوڪرين جي پرائمري اين. اِي آر مثال طور فقط 41% (مجموعي 61% جي ڀيٽ ۾) آهي. اها شرح مڊل سطح تائين 14% ۽ سيڪنڊري ۾ تہ 6% تائين هيٺ هلي وڃي ٿي. انهي جي ڪيترن ئي سببن منجهان ڪجهہ هي آهن: اسڪول ڏانهن گهٽو پنڌ، ٻارن جي سارسنڀال ۽ ٻيا گهرو ڪم، عورت استادن جي

عدم دستيابي ۽ صفائي سترائي جون اڻپوريون سهوليتون. اهي سڀ مسئلا ڇوڪرين جي تعليم جي موقعن ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا. اهڙو اسڪولي ماحول جنهن ۾ ڇوڪرين جي ضرورتن جو خيال رکيو وڃي ۽ انهي سان گڏوگڏ عورت استاد به دستياب هجن ته انهي سان اميد آهي ته والدين ۾ پنهنجين ڇوڪرين کي اسڪول موڪلڻ لاءِ اعتماد وڌندو.

خاص ضرورتن وارن ٻارن کي پڻ معياري تعليم تائين پهچ لاءِ جاکوڙ ڪرڻي پئجي سگهي ٿي. ٻين حڪمت عملين سان گڏوگڏ هڪ اها به ٿي سگهي ٿي ته مختلف ادارا پاڻ ۾ اشتراڪ ڪن جيئن مختلف ضرورتن وارن ٻارن کي مکيه وهڪري وارن رسمي تعليم وارن ادارن ۾ آندو وڃي.

اسڪول لاءِ تياري جي شروعات ٻار جي صحت سان ٿئي ٿي. سنڌ ۾ پنجن ورهين کان گهٽ ڄمار وارن جي تقريباً اڌواڌ حصي جي جسماني واڌ ويجهه ڇڱي حد تائين رڪيل آهي ۽ وڌيڪ 29% جي واڌ ويجهه تمام گهڻي رڪيل آهي. اهو شديد غذائي کوٽ ڏانهن اشارو آهي. پنجن ورهين کان گهٽ ڄمار جو 40% کان وڌيڪ ٻار پنهنجي قد جي پيٽ ۾ ڪمزور آهن يا ٻنهه ڏٻرا آهن. انهيءَ مان غذائي کوٽ ظاهر ٿئي ٿي. اڻپوري صحت ۽ غذا ٻار جي دماغي واڌ ويجهه لاءِ هاڃيڪار ٿي سگهي ٿي ۽ ٻار جي هڪ جاءِ تي ڌيان ڏيڻ جي صلاحيت تي گهڻو اثر وجهي سگهي ٿي.

سکيا وننڌڙ جي تياري مان گهڻي حد تائين اڳڪٿي ڪري سگهبي ته هن جي ڪارڪردگي ڪيئن هوندي، پوري صحت ۽ غذا کان پوءِ ٻارن کي سکيا ۾ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي. ٻهراڙين وارن ٻارن جا تعليمي اهڃاڻ مسلسل انهن جي شهري هم عمر وارن کان گهٽ پيا رهن. ٻهراڙين جي پرائمري عمر جي ٻارن جو اسڪول نه وڃڻ وارن ٻارن جو تناسب (52.9%) اهڙي شهري ٻارن جي تناسب (27.8%) کان لڳ ڀڳ ٻيڻ ٿي آهي. ڏٺو ويو آهي ته ٻهراڙين وارن ٻارن کي پري- پرائمري تعليم ڏانهن به پهچ گهٽ آهي ۽انهن ٻاران صحت سان لاڳاپيل مسئلن جهڙوڪ واڌ ويجهه ٻيهجي وڃڻ کي مُنهن ڏيڻ جو امڪان به وڌيڪ هوندو آهي.

ننڍپڻ ۾ معياري سارسنڀال ۽ تعليم (ECCE) ٻار کي اسڪول لاءِ تيار ڪرڻ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. سن 2013ع کان پري پرائمري تعليم ئي فقط اها سطح رهي آهي جنهن ۾ داخلا وڌي تقريباً 33% ٿي. سنڌ اِي سي سي اِي پاليسي 2015 لاڳو ٿيڻ هڪ اڳڀرائي ته هئي پر انهي جي باوجود صوبي ۾ ان جو نفاذ محدود ئي رهيو. پاليسي جو مؤثر نموني نفاذ ننڍن ٻارن کي اسڪول لاءِ تيار ڪرڻ جي مهارتن پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. انهيءَ جي ذريعي استادن ۽ پسگردائي وارن کي صحت، غذا ۽ ٻارن جي سارسنڀال جهڙين ڳالهين ۾ به سامل ڪري سگهبو. ڪنهن اهڙي ماحول ۾ جتي پنجن ورهين جي ڄمار وارن ٻارن کي اسڪول ۾ داخلا لاءِ راغب ڪرڻ ۽ پوءِ انهن جي اسڪول ۾ موجودگي هڪ وڏو مسئلو هجي، اتي ماڊل اسڪولن ۾ سرگرم ۽ فعال انداز متعارف ڪرائيندي اِي سي سي اِي لاءِ ڇٽن لفظن ۾ گهُر ڪري سگهجي ٿي. انهي کي مرحليوار صوبي جي ٻين اسڪولن ۾ به وڌائي سگهجي ٿو.

باڪس 1: پهچ سان لاڳاپيل اهم مشڪلاتون

**باڪس 1: پهچ سان لاڳاپيل اهم مشڪلاتون**

- اسڪولن ۾ گهٽ داخلا ونڻ ۽ گهٽ عرصي لاءِ اسڪول ۾ رهڻ.
  - گهٽ داخلا ۽ اسڪول ڇڏي ويندڙ ٻارن جو وڏيڪ تعداد
  - معياري عمر کان وڏي عمر وارن ٻارن جي داخلا، تنهنڪري اسڪول ڇڏي وڃڻ جو وڌيڪ امڪان
  - گهرج واري رُخ تي گهٽ ڌيان ڏنل / پسگردائي وارن کي شامل نہ ڪرڻ
  - ناڪافي پوسٽ پرائمري اسڪول
- ننڍن ٻارن ۾ او او ايس سي ۽ خواندگي جي گهٽ شرح
  - محدود ۽ غير مربوط اين ايف اِي آچ.
  - پلاننگ لاءِ انگن اکرن جو ناڪافي استعمال (مثال طور مقامي سطح تي گهٽ داخلا جا سبب)
  - خواندگي پروگرامن جي ناڪافي دستيابي
  - ڪمزور اداراجاتي صلاحيت خاص طور ايل ايند اين ايف اي ڪاتو
- برابري ۽ تعميرات سان لاڳاپيل مشڪلاتون
  - غير موجود / غير محفوظ / ناقص تعميرات ۽ سهوليتون خاص طور ڇوڪرين ۽ معذور ٻارن لاءِ
  - ٻارن جي صحت سان لاڳاپيل مسئلا جيڪي ٻارن جي اسڪول لاءِ تيار هئڻ ۾ رڪاوٽ وجهن ٿا
  - ڇوڪرين جي ضرورتن جي پورائي جي گهٽ ڪوشش (عورت استادن جي فراهمي، سهوليتون)
  - اِي سي سي پاليسي اجا نفاذ هيٺ آهي. ڪلاس روم ۽ سينٽر قائم ڪرڻ جي ضرورت آهي
  - شهرن ڀراڙين ۾ اڻ برابريون

## 2.2 معيار ۽ سکيا

### شاگردن جي سکيا جا نتيجا

شاگردن جي سکيا جا نتيجا جن جي مختلف جماعتن ۽ مختلف مضمونن ۾ چڪاس ڪئي وئي آهي انهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ايس اِي ايس پي 18-2014 جي شروعات کان ڪجهہ بهتري آئي آهي پر اهي اجا بہ گهٽو گهٽ آهن، جيئن جدول 3 مان ظاهر ٿيندو.

جدول 3: ايس اي ٽي ٽيسٽ جا نتيجا پنجين ۽ اٺين جماعت لاءِ، مضمون، صنف ۽ جاگرافيائي علائقي جي لحاظ کان 14-2013 ۽ 2017 (سيڪڙي ۾)

| | 2013-14 | 2017-18 | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| جماعت پنجين | | | | | | |
| | ٽوٽل | ٽوٽل | شهري | ٻهراڙي | ڇوڪرا | ڇوڪريون |
| ٻولي | 29.50 | 33.46 | 32.52 | 33.71 | 32.82 | 34.67 |
| رياضي | 17.09 | 21.72 | 21.97 | 21.72 | 21.96 | 21.28 |
| سائنس | 17.74 | 19.14 | 20.16 | 18.64 | 18.93 | 19.55 |
| جماعت اٺين | | | | | | |
| ٻولي | 37.1 | 46.16 | 45.93 | 46.24 | 44.51 | 48.69 |
| رياضي | 13.73 | 15.85 | 15.75 | 15.73 | 15.55 | 16.32 |

ايس اي ٽي ٿرڊ پارٽي ذريعي هر سال ورتي ويندي هئي اها ايس اي آر پي- II جو مکيه جزو هئي. اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ معياري حاصلات (Standard Achievement) ڪي اداراجاتي شڪل ۾ آندو ۽ پنجين ۽ اٺين جماعت ۾ اسٽينڊرڊ اينيوئل ايگزامينيشن شروع ڪيا. انهي لاءِ هن سنڌ صوبي پنهنجا وسيلا ڪم آندا ۽ سنڌ جي سرڪاري اسڪولن ۾ امتحان وٺڻ لاءِ ڊي سي اي آر جي ٽيڪنيڪل مهارت ڪتب آندي. هيٺين جدول مان مختلف مضمونن ۾ پنجين ۽ اٺين جماعت ۾ انٽرم مِين اسڪور (Interim mean Score) ظاهر ٿئي ٿو.

مضمون وار نتيجو جماعت پنجين

| جماعت پنجين | انگريزي | سنڌي/ اردو | رياضي | سائنس |
|---|---|---|---|---|
| مِين اسڪول اسٽينڊرڊائيز اينوئل ايگزامينيشن 2018-19 | 26.82 | 26.81 | 26.78 | 27.79 |

مضمون وار نتيجو جماعت اٺين

| جماعت اٺين | انگريزي | سنڌي/ اردو | رياضي | سائنس |
|---|---|---|---|---|
| مِين اسڪول اسٽينڊرڊائيز اينوئل ايگزامينيشن 2018-19 | 23.05 | 27.55 | 25.89 | 25.06 |

وڌيڪ اهو ته اِي ايس اي ڪي اها ڳالهه مشاهدي ۾ آئي، ڪلاس ۾ سکيا دوران وڌيڪ لاڙو زباني ياد ڪرڻ ڏانهن هو ۽ ڪلاس ۾ ڪم ڪار جو مرڪز استاد ئي رهيو ۽ شاگردن غير سرگرم شريڪ وارو ڪردار ئي ادا ڪيو.

ڪلاس ۾ چڪاس ۽ رپورٽنگ جو نظام نہ ئاهيو ويو آهي، تنهنڪري اهڙو ڪوبہ طريقيڪار موجود نہ آهي تہ شاگردن جي ڪمزورين تي توجهه ڏئي سگهجي يا شاگردن کي وڌيڪ بهتري لاءِ اُڀاري سگهجي. ڊي سي آر سال ۾ هڪ دفعو سيمپي اسڪولن جي ڪارڪردگي جائزي جي تصديق ڪري ۽ بهتري جا اُپاءَ تجويز ڪري سگهي ٿي.

## پري- سروس ۽ اِن سروس ٽريننگ

تعليم جي بهتري ڪيترن ئي عنصرن تي دارومدار رکي ٿي انهن مان سڀ کان اهم عنصر استادن جي پڙهائڻ جي صلاحيت آهي.

ويجهڙائي وارن ورهين ۾ استادن جي پري سروس تعليم ۾ ڪيترين ئي تبديليون آيون آهن. پراڻن پي. ٽي. سي ۽ سي. ٽي ڪورسن جي جاءِ تي ايسوسيئيٽ ڊگري اِن ايجوڪيشن ۽ چار سالا بيلچر آف ايجوڪيشن اچي ويا آهن ۽ هڪ سالا بي. ايڊ پڻ آهي. بهرحال معيار گهٽ ئي رهي ٿو جو، پري سروس ادارن انهن نون ڪورسن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڳهربل نتيجا حاصل نہ ڪيا آهن.

ماضيءَ ۾، اِن سروس ٽريننگ چونڊ اهم ميدانن ۾ ۽ بي ترتيب نموني ڪرائي ويندي هئي. انهي ۾ بار بار ساڳيا ئي اميدوار شريڪ ٿيندا هئا ۽ انهيءَ جي نتيجي ۾ ضروري نہ هو تہ ڪو پڙهائڻ جي معيار ۾ بهتري ايندي هجي. انهن مان ڪيترن ئي مسئلن جو حل ڪڍڻ لاءِ سنڌ ٽيچر ايجوڪيشن ڊيولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) سن 2017ع ۾ اسڪول ڪلسٽر سسٽم تي آڌاريل (Continuous Professional Development) ماڊل تيار ڪيو. انهيءَ ۾ گائيڊ ٽيچرز جو اصول بہ موجود آهي. اهي ويجهڙائي وارن اسڪولن ۾ پاڻ جهڙن جي سهائتا ڪندا ۽ سبجيڪٽ ٽيچرز بہ موجود هوندا. سي پي ماڊل جو نفاذ اڃا مشڪل سان شروع ٿيو آهي. نظام جي مؤثر ٿيڻ لاءِ ضروري آهي تہ اهو مڪمل طور لاڳو ڪيو وڃي، ان کي سهارو ڏنو وڃي ۽ ان جي نظرداري ڪئي وڃي.

## استادن جي ڀرتي ۽ مقرري (Recruitment and Deployment of Teachers)

سنڌ ريڪروٽمينٽ پاليسي 2017ع ۾ انهي ڳالهہ جي اهميت تي زور ڏنل آهي تہ اي سي سي اِي کان سيڪنڊري اسڪول تائين تعليم جي سڀني سطحن تي استادن جي ميرٽ تي ڀرتي ڪئي وڃي. بهرحال تمام ٿورن استادن کي سائنس ۾ تربيت مليل آهي يا اهي جيڪي سبجيڪٽ پڙهائين ٿا (بشمول رياضي، سائنس، انگريزي) انهن ۾ خاص مهارت رکندڙ آهن. اهڙي صورتحال اهڙن اسڪولن تي خراب اثر وڌو آهي، جيڪي فقط ڇوڪرين جا آهن. وڌيڪ اهو تہ جيڪڏهن تعليمي نظام ۾ وڌيڪ ڇوڪرين کي داخلا ڏيڻي آهي ۽ انهن کي اسڪولن ۾ رکڻو آهي تہ وڌيڪ عورت استادن کي ڀرتي ڪرڻ جي ضرورت پوندي.

شاگرد- استاد تناسب (ايس ٽي آر) 17-2016ع ۾ پرائمري اسڪولن ۾ 30:1 جي شرح سان مستحڪم هو جيتوڻيڪ ڀهراڙين ۾ ايس ٽي آر گهٽجو ڪري وڌيڪ ٿي رهيو. انهيءَ مان اها ڳالهہ ظاهر ٿي ٿئي تہ شهري ۽ ڀهراڙي وارن علائقن ۾ تعليمي معيار ۾ اڻ برابريون موجود هيون. استاد جي مقرري ۽ بندوبست تي مرڪزي ڪنٽرول موجود هئڻ سبب انهيءَ ڳالهہ جو پورائو نہ ٿو ڪري تہ جتي ضرورت هجي اتي مقرري ڪئي وڃي. انهيءَ صورتحال ۾ بهتري اچي سگهي ٿي بشرطيڪ ضلعي سطح تي اهڙو ايچ آر ايم آءِ ايس موجود ڪيو وڃي جيڪو ترقي يافتہ هجي ۽ ان تائين پهچ آسان هجي. انهيءَ ڳالهہ کي بہ سامهون آڻڻ ضروري آهي تہ اها عام مشاهدي جي ڳالهہ آهي تہ ڪنهن خاص اسڪول ۾ خالي جاءِ تي ڀرتي ڪيل استاد شهري علائقن ڏانهن بدلي ڪرائي وڃن ٿا ۽ صوبي جي ڀهراڙين ۾ ايس ٽي آر تناسب تي تمام خراب اثر وجهن ٿا. مقرري واري جاءِ تي لاڳيتي نوڪري ۽ ڪنهن بہ حالت ۾ ٽرانسفر نہ ٿي سگهڻ واري پاليسي سان بہ صوبي جي ڀهراڙين يا گهٽ داخلا وارن علائقن ۾ ايس ٽي آر گهٽائڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي.

## نصاب ۽ درسي ڪتاب (Curriculumn and Textbooks)

سنڌ صوبائي اسيمبلي جنوري 2015ع ۾ "The School Education Standards and Curriculum Act 2014" پاس ڪيو ۽ هڪ ڪريڪيولم ايمپليمينٽيشن فريم ورڪ تيار ڪيو. بهرحال وڌيڪ جائزو ورتو وڃي جيئن انهي امر جي خاطري ٿي سگهي تہ نصاب هڪ تہ صوبي جي تبديل ٿيندڙ حالتن ۽ ٻيو تہ ايس ڊي جيز سان بہ مطابقت رکي ٿو. خاص طور 4.7 جي هدف سان اهو سڀني سکيا وٺندڙن کان گهر ڪري ٿو تہ اهڙي ڄاڻ ۽ مهارتون حاصل ڪيون وڃن جيڪي پائيدار ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل آهن. انهيءَ ۾ انساني حق، صنفي برابري ۽ ثقافتي تنوع ہ شامل آهن. اها ڳالهہ رسمي ۽ غير رسمي نصاب تي لاڳو هئڻ گهرجي، خاص ڌيان انهن امر کي يقيني بنائڻ تي هجي تہ درسي ڪتابن ۽ سکيا جي مواد جو جائزو ونبو رهجي جيئن انهن مان ڪهڙا بہ ناڪاري لاڙا بشمول صنف سان لاڳاپيل ختم ڪري سگهجن.

وڌيڪ اهو تہ ECE ۾ شامل عملي ميدان ۾ ڪيل تحقيق مان ظاهر ٿئي ٿو تہ موجوده درسي ڪتاب سدائين نصابي ضرورتن جو پورائو نہ ٿا ڪن ۽ سکيا وٺندڙن لاءِ سازگار نہ آهن. خاص ڌيان جوڳي ڳالهہ اها آهي تہ درسي

ڪتاب سئي سکيا واري مواد طور ڪم نہ ٿا ڪن. خاص طور شروع وارين جماعتن لاءِ ڪنھن سبب استادن لاءِ خواندگي جون مھارتون شاگردن تائين پھچائڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو.

نصاب جي نظرثاني ۽ نئين سر تياري لاءِ استادن جي چڱي خاصي تياري جي ضرورت پوندي، جيڪا نئين مواد سان هم آهنگ ھجي. اھا تياري نوڪري کان اڳ ۽ پوءِ واري سکيا ذريعي ڪرائي سگھجي ٿي. حقيقت اھا آھي تہ 204ع ۾ ڪرايل ھڪ اڀياس مان اھا ڳالھ سامھون آئي تہ سنڌ ۾ فقط 34% استادن کي قومي نصاب بابت ڪا ڄاڻ ھئي. ٻولي جي سکيا ھڪ اھڙو ضروري عنصر آھي جنھن کي شاگردن لاءِ مناسب سکيا جو مواد دستياب ڪرڻ جي رٿابندي دوران مدنظر رکڻ ضروري آھي.

## چڪاس (Assessment)

جيتوڻيڪ تشڪيلي (Formative) ۽ تخليقي (Summative) چڪاسون اسڪولن ۾ عام طور ٿينديون رھنديون آھن تہ بہ انھن جي معيار بابت يا سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل ۾ بھتري آڻڻ بابت انھن جي وڏيڪ ڪم اچڻ متعلق ڪي جوڳا ثبوت موجود آھن. وڌيڪ اھو تہ سنڌ ۾ 80% کان وڌيڪ استاد اھا ڳالھ تسليم ڪن ٿا تہ انھن کي چڪاس سان لاڳاپيل ڪابہ سکيا نہ ملي آھي. ڪلاس ٽيچر طرفان شاگردن جي ڪلاس ۾ ئي چڪاس کي لازماً ھڪ باقاعدي ڪم ٻڌايو وڃي. مانيٽرنگ ٽيمون چڪاس جا رپورٽ ڪارڊ باقاعدگي سان چيڪ ڪري سگھن ٿيون.

سنڌ ايجوڪيشن اسٽوڊنٽ لرننگ آئوٽ ڪم اسيسمينٽ فريم ورڪ (ايس اِي ايس ايل او اِي ايف) سن 2015ع ۾ موجوده چڪاس سان لاڳاپيل ڪجھ مسئلن جي جواب ۾ تيار ڪيو ويو ھو. پنجين ۽ اٺين جماعت جي شاگردن جي ساليائي چڪاس ايس اي ٽي مڪينزم تحت ٽرڊ پارٽي کي ڏني وئي. پراونشل ايجوڪيشن اسيسمينٽ سينٽر (PEACe) ۽ ڊائريڪٽوريٽ آف ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ (DCAR) بہ مختلف جماعتن جون خاص نموني تي آڏاريل ٽيسٽون ڪرائن ٿيون. بھرحال انھن ٻنهي ادارن کي پنھنجيون صلاحيتون وڌائڻ جي گھرج آھي جيئن اھي تشخيصي چڪاسون ڪرائي سگھن. تعليمي معيار چڪاسڻ لاءِ جائزا تيار ڪرائي سگھن ۽ انھي امر کي يقيني بڻائي سگھن تہ انھن جائزن جي نتيجي ۾ سامھون آيل ڳالھيون ڪلاس ۾ سڌارن جي راھ ھموار ڪن ٿيون. DCAR ۾ موجود رھندي PEACe جو ڪردار ھڪ سرپرست اداري وارو ھجي جيڪو ڪڏھن ڪٿي تہ ڪڏھن ڪٿي چڪاس ٽيسٽون ڪري تعليمي معيار جو جائزو وٺي ۽ انھن ۾ بھتري لاءِ طريقا تجويز ڪري.

اسڪولن جي مانيٽرنگ بابت ڊي جي ايم اينڊ اِي جو ڪم استادن جي بندوبست ۾ ھڪ تمام اھم طريقو ٿي ويو آھي. اھو استادن جي غير حاضري گھٽ ڪرڻ ۾ اھم ڪردار ادا ڪري رھيو آھي. بھرحال استادن جي بندوبست جا ڪلاس ۾ حاضر رھڻ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي رُخ آھن. ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسرن کي نہ فقط انتظامي معاملا پر اسڪولن جي اثرائتي ھئڻ بابت ذميوارين کي ادا ڪرڻ گھرجي. ڊي جي ايم اينڊ اِي جي ڪردار کي معياري تعليم جي رُخ ۾ وڌيڪ بھتر بنائڻ لاءِ شاگردن جي چڪاس کي انھن جي موبائيل ايپليڪيشن جو ھڪ باقاعدي فيچر بڻائي سگھجي ٿو.

معيار سان لاڳاپيل مسئلن جو اختصار

باڪس 2. اسڪولن جي معيار ۽ سکيا سان لاڳاپيل اهم مشڪلات

**باڪس 2: اسڪولن جي معيار ۽ سکيا سان لاڳاپيل اهم مشڪلات**

- شاگردن جي گهٽ تعليمي حاصلات
  - ٻولي، رياضي ۽ سائنس ۾ گهٽ ڪارڪردگي (پنجين ۽ اٺين جماعت)
  - پڙهائڻ جي طريقن ۾ اڪثر ڪري استاد جو مرڪزي ڪردار، زباني ياد ڪرڻ جي روش جي همت افزائي
- نوڪري کان اڳ ۽ پوءِ واري سکيا
  - اسٽيڊا، پائيٽ، ڊڪار ۽ استادن جي تربيتي ادارن کي مضبوط ڪرڻ جي گهرج
  - عملي سکيا جي مهارتن جي تربيت ۽ چڪاس جي ضرورت
  - سي. پي. ڊي ماڊل جي توسيع ۽ سهائتا جي ضرورت جتي موجوده صلاحيت (Capacity) جي ضرورتن جو پورائو ڪري سگهي
  - معيار کي يقيني بڻائڻ لاءِ سي. پي. ڊي جي مانيٽرنگ متعارف ڪرائي وڃي
  - استادن (خاص ڪري ٻهراڙين ۾ عورت استادن ۽ اسپيشلسٽ استادن) جي پرتي ۽ مقرري ۾ وڌيڪ حقيقت پسندي
- نصاب ۽ درسي ڪتاب
  - نصاب تعليمي سيڪٽر (رسمي ۽ غير رسمي) جي ترجيحن جي عڪاسي نہ ٿو ڪري
  - درسي ڪتاب سکيا وندڙن لاءِ غير سازگار ۽ نصاب سان مطابقت نہ رکندڙ
- چڪاس (Assessment)
  - استادن جي چڪاس بابت تربيت گهربل آهي
  - ڊڪار/ پيس جي صلاحيت وڌائي وڃي جيئن شاگردن جي چڪاس جو نظام جوڙي سگهي
  - اسڪول کي مؤثر بڻائڻ ۾ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسرن جو ڪم محدود آهي

## 2.3 بندوبست ۽ انتظام

### انتظام

ايس اِي ايس پي 18-2019 ۾ اسڪول سطح تي مختلف قدمن جي ذريعي بهتري آڻڻ جي ڪوشش جي باوجود انهي مان هينين سطح جي تبديلي جي عڪاسي نہ ٿي ٿئي انهي جو جزوي سبب انتظام جي مختلف سطحن تي صلاحيت سان لاڳاپيل مسئلا آهن. ايس اِي ايس پي 18-2014 واري دؤر ۾ نيو مئنجمينٽ ڪيڊر پاليسي جو نوٽيفڪيشن هڪ اهم قدم هو پر صلاحيت، اختيارن جي منتقلي ۽ احتسابي نظام سان لاڳاپيل مشڪلات کي حل ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيئن اسڪول سطح جي تبديليون اچي سگهن.

صوبائي سطح تي مؤثر هئڻ بابت مشڪلات ۾ هي ڳالهيون شامل آهن: ڪم جو پيمانو (اسڪولن ۾ شاگردن ۽ استادن جو وڌندڙ تعداد، محدود وسيلا) سياسي مداخلت (خاص طور استادن جي بدلي ۽ مقرري سان لاڳاپيل پيشيوارانٽي واڌ ويجهہ وڌائڻ جي موقعن جي کوٽ، ڪنهن بہ عهدي تي سرڪاري طور تفويض ٿيل ذميوارين ۽ روزاني ڪم جي نوعيت ۾ چڱو فرق. اِي ايس اِي ۾ فيصلا سازي جي مرڪزيت کي بہ تحت صوبائي سطحن تي تعليمي آفيسرن لاءِ هڪ مشڪلات ڪري ٻڌايو ويو هو. تعليم جي انتظام ڪاري لاءِ عدم مرڪزي سطحن تي مؤثر صلاحيت ڪانسواءِ اسڪول مؤثر نہ ٿي سگهندا، انهن مشڪلاتن کي حل ڪرڻ ۾ انفرادي ۽ اداراجاتي بنيادن تي وچئين سطح تي انتظامي صلاحيت کي مضبوط ڪيو وڃي. اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي ۾ وچئين سطح جي انتظامي ڍاڪي تي صلاحيت وڌائڻ سان گڏوگڏ انهي ڳالهہ جي شديد ضرورت آهي تہ ٽي. اِي. او، ڊي. اِي. او ۽ ريجنل ڊائريڪٽرن جي عهدن کي مضبوط بڻايو وڃي. انهن کي سنيون تعميرات، ضروري گهربل

تعليم يافته عملو، اچ وڃ جون سهوليتون مهيا ڪيون وڃڻ تي. اي. او ۽ ڊي. اِي. او جي عهدن کي وڌيڪ بااختيار بڻائي انهن کي ضروري صلاحيت مهيا ڪرڻ، انهن کي اختيار ۽ مضبوط احتسابي نظام ڏيڻ سان گهربل مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

## وسيلن جي ورهاست ۽ خرچ (Resource allocation and Utilisaton)

خرچ ٿيل پئسن جي برابر پئسي ملڻ جو دارومدار وڌيڪ سرمائي تي نه آهي. سياسي عزم، بهتر رٿابندي، ڌيان سان مانيٽرنگ ۽ احتساب سان محدود بجيٽ ۾ به بهتر نتيجا ملي سگهن ٿا.

اِي ايس اي مطابق ترقياتي ۽ پگهار ڪان سواءِ ٻين ڪمن تي خرچ جي شرح گهٽ آهي. انهن بجيٽن جي گهٽ خرچ جا ڪجهه سبب ڏکيون ضابطي جون ڪارروايون ۽ صلاحيت سان لاڳاپيل مسئلا آهن.

ڪيترائي سرڪاري اقدام جاري آهن، جهڙوڪ چوڪرين جي وظيفن جي ورهاست ايس ايم سي فنڊ، اهي اقدام مؤثر ڪوششون طلب ڪن ٿا جيئن انهن کي لاڳو ڪرڻ ۾ شفافيت ۽ احتساب کي وڌائي سگهجي. شفافيت ۽ احتساب فقط فنڊن جي ورهاست ۾ نه پر نتيجن جي تجزيي ۽ اثر اندازيءَ ۾ به هجي.

اِي ايس اي تعليمي ماليات بابت اهم سفارشن ۾ هي ڳالهيون شامل هيون: خرچ کي مختلف سربراهن سان جوڙيو وڃي، وڌيڪ گهرائي سان خرچ تي نظر رکي وڃي، ۽ پلان جي نفاذ دوران خرچ کي درست رُخ ۾ هلايو وڃي (مثال طور ته ماهي بجيٽ خرچ جون رپورٽون). اها ڳالهه به مشاهدي ۾ آئي ته اداراجاتي صلاحيت تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ سان تعليمي سيڪٽر ۾ مؤثر خرچ جي صلاحيت وڌي سگهي ٿي چوڪرين جي وظيفن ۽ ايس ايم سي فنڊن جي ورهاست بابت معياري طريقه ڪار به نئين سر جوڙي سگهجي ٿو جيئن سرشماري ۽ حاضري بجاءِ وڌيڪ ڌيان ڪارڪردگي، آمادگي ۽ شاگردن جي عزت نفس ۾ بهتري تي هجي.

## اهميت واري رٿابندي، مانيٽرنگ ۽ جائزو (Strategic Planning, Monitoring and Evaulation)

رٿابندي بشمول مانيٽرنگ ۽ جائزي (ايم اينڊ اِي) ڏانهن وڌيڪ مؤثر انداز گهربل آهي. انهيءَ لاءِ وڌيڪ سگهارو ايم اينڊ اِي ۽ اندروني ايم اينڊ اِي طريقه ڪار گهربل هوندا. گڏوگڏ حاصل ڪيل جاچ کي به ڪم آندو وڃي، جيئن مؤثر فيصلا سازي تي سگهي. جيتوڻيڪ اهميت رکندڙ رٿابندي لاءِ جاچ تمام ضروري آهي پر مختلف شعبن مان حاصل ڪيل انگ اکر هڪ ڊيٽابيس ۾ شامل نه ڪيا ويا آهن (مثال طور ڊي جي ايم اينڊ اِي، ڊائريڪٽوريٽ آف پرائيويٽ اسڪولس، چوڪرين جا وظيفا) جنهن سان رٿابندي جو عمل پيچيده ٿي وڃي ٿو. وڌيڪ اهو ته ڪارڪردگي بابت سيني خدمتون فراهم ڪندڙن (سرڪاري، سرڪار جي تعاون سان هلندڙ ۽ خانگي) جا انگ اکر هڪ مشترڪ فارميٽ ۾ گڏ ڪيا ۽ پيش ڪيا وڃن جيئن انتظام ڪاري جي صلاحيت ۾ بهتري اچي، جنهن سان اهو امر يقيني بڻائجي ته جامع رڪارڊ مرتب ڪيا وڃن جن ۾ سيني ٻارن لاءِ مساوي پهچ جو احاطو ٿيل هجي.

ڊي جي ايم اينڊ اِي وٽ دفتر ۾ موجود اهڙو عملو ۽ صلاحيتون هجن جو هو ڊي جي ايم اينڊ اِي جا انگ اکر، ايچ آر ايم آءِ ايس ۽ سيمس واري ڄاڻ کي پاڻ ۾ مربوط ڪري سگهي. ٽرانسفر، پوسٽنگ ۽ تاديبي ڪمن بابت فيصلا به مرڪزي ڊيٽاسسٽم ذريعي ڪيا وڃن. گذريل سيڪٽر پلان ۾ اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي پاران ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف ايم اينڊ اِي تشڪيل ڏئي ان جي ذريعي مانيٽرنگ جو طريقه ڪار لاڳو ڪري هڪ يڪسان قدم کنيو ويو هو. انهيءَ جي باوجود به اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي جي ڊيٽا کي ڄاڻ پري پاليسي جوڙڻ، فيصلا ڪرڻ ۽ وسيلن جي مساوي ورڇ لاءِ هڪ پليٽ فارم جي مربوط ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سيڪٽر جي سيني اقدامن ۾ سرڪار جي قيادت هيٺ اشتراڪ ۽ سهڪار کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي جيئن اهميت رکندڙ رٿابندي ۽ ايم اينڊ اِي ۾ صلاحيتون وڌايون وڃن ۽ صوبي ۾ تعليم جي فراهمي ۾ سڌارو آندو وڃي.

## تعليمي سڌارا لاڳو ڪرڻ ۾ سهڪار لاءِ بهتر مانيٽرنگ

جي پي اي امپليمينٽيشن گرانٽ 17-2015 جي سهڪار سان تيار ڪيل ڊي سنڌ اسڪول مانيٽرنگ سسٽم (ايس ايس ايم ايس) انتظام ۽ احتساب لاءِ هڪ اهم اوزار ثابت ٿيو آهي، اهو سسٽم سيني ضلعن جو احاطو ڪري ٿو ۽ تعليمي سڌارا لاڳو ڪرڻ ۾ سهڪاري ڄاڻ پيدا ڪرڻ اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي جي صلاحيت وڌائي اٿائين. انهيءَ جي جوڙجڪ ۾ 29 ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ يونٽ، 29 چيف مانيٽرنگ آفيسر، 349 فيلڊ مانيٽر شامل آهن. ڊي جي ايم اينڊ اِي پاران جاري ٿيندڙ ماهوار رپورٽون ضلعي ۽ ريجنل آفيسر کم آٽيندا آهن جيئن غير حاضر استادن، اسڪولن کي گهرج مطابق رکڻ ۽ سول ڪمن بابت اهم فيصلا ڪري سگهن. مانيٽرنگ، ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۽ رپورٽن جي نتيجي ۾ استادن جي انتظام ڪاري حقيقت جي ويجهو ٿي آهي ۽ ان سان استادن جي حاضري جي شرح پڻ بهتر ٿي آهي.

بندوبست ۽ انتظام بابت باقي بين مسئلن جو اختصار باڪس 3 ۾ ڏنو ويو آهي.

## باڪس 3: تعليم جي بندوبست ۽ انتظام سان لاڳاپيل مسئلا

➔ انتظام
- تحت صوبائي اختيارين جو اثرائتو نہ ٿي سگهڻ، انهيءَ جا سبب ڪم جي ڪثرت ۽ وسيلن جي کوٽ، سياسي مداخلت، پيشيوارانہ واڌ ويجهہ جي موقعن جي کوٽ، عهدن جي ذميوارين جو اڻپورو بيان

➔ مرڪزي فيصلا سازي
- ايڇ آر ايم آءِ ايس ۾ اسٽاف لاءِ صلاحيت جي واڌ ويجهہ جي ضرورت
- استادن جي ڀرتي، مقرري ۽ انتظام ۾ شفافيت ۽ احتساب گهربل، خواندگي پروگرامن جي ناڪافي فراهمي
- صنفي برابري (خاص طور ڀرارڙين ۾ عورتن جي ڀرتي، مقرري ۽ سهائتا)

➔ وسيلن جي ورهاست ۽ خرچ
- پگهار کان سواءِ بين ۽ ترقياتي بجيٽن جو گهٽ استعمال
- بجيٽ جي ڪارگر ورهاست ۽ خرچ کي يقيني بڻائڻ لاءِ وڌيڪ تصديقي عمل گهربل

➔ اهميت واري رٿابندي، مانيٽرنگ ۽ جائزو
- اهميت واري رٿابندي، ايم اينڊ اِي ۽ تحقيقي ڪم ڪرڻ لاءِ خاص مقرر ڪيل يونٽ نہ هئڻ
- مربوط ڊيٽابيس نہ هئڻ، خانگي خدمتون فراهم ڪندڙن بابت ڄاڻ بہ انهيءَ ۾ شامل آهي
- فيصلا سازي ۾ ڄاڻ مهيا ڪرڻ لاءِ ڪمزور تجزياتي صلاحيت

# 3. ايس اِي ايس پي ايندبِ آر 2019-2024

# جي منزل ۽ مقصد

## 3. ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 جي منزل ۽ مقصد

شراڪت دارن سان تفصيلي صلاح مشورن کان پوءِ سيڪٽر جي طويل مدتي مقصدن تي اتفاق راءِ پيدا ٿي ويو. ايندڙ پنجن ورهين لاءِ عمومي ۽ خاص مقصدن جو انتخاب ڪري ۽ انهن کي تشڪيل ڏنو ويو آهي جيئن سنڌ اِي ايس اي ۾ بيان ٿيل ۽ تجزيو ڪيل مشڪلات کي حل ڪري سگهجي. ايس اي ايس پي اينڊ آر جي ترجيحي پروگرامن جو بنياد اِي ايس اي آهي جيڪو ايس اِي ايس پي 2014-2018 جي حصي طور لاڳو ڪيل پاليسين جي اهڃاڻن جي مدنظر ڪيل اڳڀرائي جي آڌار تي تيار ڪيو ويو آهي.

تعليم جو حقيقي واقعاتي تجزيو جيڪو هن پلان ۽ روڊميپ جي تياري جي حصي طور ڪيوويو هو ان جو منظر تي آيل هڪ اهم رُخ اهو آهي ته سنڌ صوبي کي جيڪا سڀ کان وڏي مشڪل درپيش آهي. اها آهي بنيادي سطحن تي ٻارن جي سني معياري تعليم ۾ شراڪت ۽ ان تائين پهچ. تنهنڪري سنڌ ايجوڪيشن سيڪٽر پلان روڊ ميپ 2019-2024 جي ڌيان جا مرڪز هوندا. ارلي چائلڊ هوڊ ايجوڪيشن، پرائمري، مڊل ۽ سيڪنڊري سطحون (ڏهين جماعت تائين) انهيءَ رُخ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيڻو آهي ڇاڪاڻ ته هڪ ته سکيا جا نتيجا بلڪل خراب تا ملن ۽ ٻيو ته اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن (او ايس سي) جو تعداد به تمام گهڻو آهي.

حڪومت جو اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتو سنڌ حڪومت پاران آرٽيڪل 25-A سان مٽي بيان ٿيل سيني سلهاڙيل هيٺ سطحن تي ايجوڪيشن سيڪٽر ۾ خدمتن جي فراهمي جو ذميوار آهي. انهيءَ ڪم ۾ ٻيا به خودمختيار ادارا/ اختياريون، اسپيشل ايجوڪيشن کاتو ۽ ٻيا فعال شراڪت دار شامل آهن.

ايس اِي ايس پي اينڊ آر جو طويل مدتي خواب هي آهي:

1. مختلف رسمي ۽ غير رسمي تعليمي طريقيڪارن ذريعي معياري تعليم تائين مساوي ۽ سيني لاءِ پهچ
2. ٻار- دوست ۽ معياري سکيا جي ماحول ذريعي مؤثر سکيا جي نتيجن کي يقيني بنائڻ
3. تعليمي سيڪٽر ۾ ڪارگر بندوبستي نظام ۾ سڌارا آڻڻ، انهيءَ لاءِ مضبوط احتسابي نظام، گهرج آهر وسيلن ۽ هر سطح تي مضبوط صلاحيتن کي ڪم آڻڻ ۽ ڪنهن به سياسي مداخلت کي تسليم نہ ڪرڻ ۽ مؤثر سياسي عزم کي بروءِ ڪار آڻڻ.

### برابري (Equity)

ايس اِي ايس پي 2019-2024 جي تشڪيل اهڙي رُخ ڪئي وئي آهي جو اهو برابري سان لاڳاپيل مشڪلاتن کي حل ڪري سگهي. هر پروگرام اهڙي طرح وضع ڪيو ويو آهي، جو ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ٻار ۽ خاص طور ڇوڪريون ۽ جن ٻارن کي سکيا ۾ يا دماغي لحاظ کان ڪي ننڍيون معذوريون آهن ته هي پراجيڪٽ ناهڻ ۽ هلائڻ ۾ انهن کي خاص رعايتون ڏنيون وڃن. مساوي پهچ ۽ شراڪت کي يقيني بنائڻ لاءِ سيڪشن چوٿين (اهميت وارا رُخ ۽ ترجيحي پروگرام) تجويز ڪيل ڪجهه ميدان هي آهن:

- طلب واري پاسي مؤثر نموني اُپاريندڙ طريقہ ڪار تي وڌيڪ ڌيان
- عورت استادن جي ڀرتي ۽ مقرري
- ڇوڪرين لاءِ سازگار بنيادي سهوليتن جي فراهمي کي ترجيح تي رکڻ
- مڊل ۽ هاءِ اسڪولن ۾ اپ گريڊيشن
- نصاب ۽ درسي ڪتابن تي نظرثاني ذريعي صنف- حساس مواد
- تربيت يافتہ استاد ۽ مئنيجر
- اهميت واري رٿابندي ۽ مانيٽرنگ
- تعليمي محرومين کي ختم ڪرڻ لاءِ بجيٽ رکڻ

## سکيا (Learning)

سنڌ جيتوڻيڪ پهچ جي مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ وڏي مشڪل کي منهن ڏئي رهي آهي پر سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن جي سکيا جي نتيجن جي لحاظ کان بلڪل توري اڳيرائي ٿي آهي. سيني سطحن جي اسڪولن ۾ سکيا کي مضبوط بنائڻ لاءِ ايس اِي ايس پي 2019-2024 ۾ سيني ترجيحي پروگرامن ۾ علم التعلم کي هدف بنائيندڙ ڪيتريون ئي سرگرميون تجويز ڪيون ويون آهن جهڙوڪ ڪلاس ۾ سازگار سکيا جو ماحول، تربيت يافته استاد ۽ مئنيجر، سڌاريل سکيا جي نتيجن ڏس ۾ مالياتي ورڇ ۽ خرچ ۾ اهڙي انداز ۾ ڏيٺا تيار رکڻ جنهن سان ڪلاس ۾ اوٽاين کي ختم ڪرڻ لاءِ وقت سر مداخلت ڪري معاملي کي درست رُخ ۾ هلائي سگهجي.

## صلاحيت وڌائڻ (Capacity Development)

سنڌ جي تعليمي نظام جي موجوده صلاحيت ۽ ان پاران طويل مدت لاءِ وضع ڪيل خواب جي تڪميل جي صلاحيت ۾ هڪ وڏي وٿي آهي، جيتوڻيڪ ايس اِي ايس پي 18-2014 دوران جي پي اي جي فنڊ سان تيار ٿيل ايچ آر ايم آءِ ايس تعليم مهيا ڪندڙن جي مانيٽرنگ جي لاءِ مضبوط بنياد فراهم ٿيل آهي پر اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي کي هر سطح تي صلاحيت وڌائڻ جي ضرورت آهي جيئن ان ڳالهه کي يقيني بڻائجي ته نشاندهي مقصد حاصل ٿي رهيا آهن.

اسڪولن ضلعن، ڊويزنن ۽ اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي جي سيڪريٽريٽ ۾ صلاحيت وڌائڻ سان گڏوگڏ ايچ آر ايم آءِ ايس ۾ سپرڪاري وڌائڻ به رٿابندي ڪئي وئي آهي جيئن هڪ جامع ڪارڪردگي مئنجمينٽ سسٽم تيار ڪري سگهجي زير تجويز نظام جي خيالي تشڪيل ائين ڪئي وئي آهي جو اهي صلاحيت وڌائڻ ۽ ان مان لاڀ ملڻ جي مانيٽرنگ تي ٿيل سپرڪاري ۾ وچوٽي گهٽائي سگهي. اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي وٽ اها تجويز آهي ته سندس ادارن، وڏي ۽ وچولي سطح وارن مئنيجرن، اسڪول استاد ۽ هيڊ ماسترن ۾ صلاحيت وڌائڻ بابت هڪ چٽو ڳانڍاپو هجي جيئن ايس اِي ايس پي 2019-2024 جي پروگرامن ذريعي مساوي پهچ، سکيا ۽ پڙهي پاس ٿي نڪرڻ جا موقعا فراهم ڪري سگهجن.

## مقصد (Goal and Objective)

سنڌ ۾ تعليمي نظام جو خواب ٽن خاص پس منظر رکندڙ مقصدن ذريعي عملي جامو پهري سگهندو. انهيءَ ڏس ۾ ايس ڊي جي-4 جا هدف حاصل ڪرڻ بابت ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. اهو ڪم سرانجام ڏيڻ لاءِ ايس اِي ايس پي اينڊ آر انن ترجيحي پروگرامن ذريعي 13 مقصد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

| مساوي پهچ | | | |
|---|---|---|---|
| | مقصد (Goal) | | حاصل مقصد (Objective) |
| I | مساوي داخلا وڌائڻ ۽ هر سطح تي ننڍن ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي اسڪول ۾ موجودگي کي يقيني بنائڻ بشمول نوجوانن کي خواندگي فراهم ڪرڻ | A | اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن لاءِ رسمي تعليم جي مساوي پهچ وڌائڻ |
| | | B | اين ايف اِي پروگرامن لاءِ مساوي پهچ وڌائڻ ۽ پڙهيل نوجوانن لاءِ ٽي. وي اِي ٽي سان رابطا پيدا ڪرڻ |
| | | C | اسڪول تعميرات جي فراهمي وڌائڻ جيئن حقيقي ضرورتون پوريون ٿي سگهن ۽ سکيا وٺندڙ لاءِ سازگار ماحول يقيني بنائڻ |
| | | D | سيني سطحن تي خاص طور ڇوڪرين ۽ پنتي پيل ٻارن لاءِ مساوي داخلا ۽ اسڪول ۾ داخل رهڻ جي شرح وڌائڻ |

| معيار ۽ سکيا | | | |
|---|---|---|---|
| | مقصد (Goal) | | حاصل مقصد (Objective) |
| II | صوبائي ۽ ضلعي سطحن تي معياري پهچ جي نظامن جي صلاحيت وڌائڻ، انهي ۾ هي ڳالهيون شامل آهن ميرٽ تي استادن جي ڀرتي، استاد جي تربيت ۽ پيشيوارانه واڌ ويجهه، نصاب، درسي ڪتاب ۽ سکيا جو مواد شاگردن جي سکيا جا نتيجا ۽ معيار جي خاطري | E | تعليمي قابليت رڪنڊز استادن جي ميرٽ تي مقرري يقيني بنائڻ ۽ سنا وسيلا رڪنڊز، ڪارگر ۽ مؤثر انتظام هيٺ نظام ذريعي سهائتا ڪرڻ |
| | | F | استادن، هيڊ ماسترن ۽ منتظمن لاءِ ڪلسٽر مرڪز Continuous Professional Development جي پاليسي لاڳو ڪرڻ |
| | | G | شاگردن لاءِ رسمي ۽ غير رسمي نصاب بهتر بنائڻ جن ۾ مقامي ضرورتن ۽ عالمي لاڙن تي ڌيان ڏنل هجي. جامع تعلم ۽ زندگي گذارڻ جون مهارتون، صنفي برابري، ثقافتي تنوع ۽ شهرين جهڙا اسم شامل هجن |
| | | H | لاڳاپيل ٻولين ۾ نظرثاني ٿيل نصاب تي ٻڌل سکيا جو سازو سامان ۽ درسي ڪتابن جي فراهمي بهتر بنائڻ |
| | | I | اسڪول لاءِ خاص چڪاس ۽ رپورٽنگ سسٽم، پنجين ۽ اٺين جماعت جي شاگردن جي معياري چڪاس، ڪلاس ۾ تعليم جي معيار جي چڪاس لاءِ ڊڪار/ پيس ۽ ڊي جي ايم ائنڊ اِي کي مضبوط بنائڻ |

| انتظام ۽ بندوبست | | | |
|---|---|---|---|
| | مقصد (Goal) | | حاصل مقصد (Objective) |
| III | سيني سطحن تي وسيلن جو مؤثر ۽ احتساب جوڳو استعمال | J | ڪارڪردگي ۽ احتساب کي بهتر بنائڻ لاءِ بندوبستي طريقہ ڪار قائم ڪرڻ |
| | | K | پگهارن کان سواءِ بجيٽ جي شفاف ورهاست ۽ استعمال کي بهتر بنائڻ |
| | | L | مربوط سيڪٽر رٿابندي لاءِ تنظيمي صلاحيت ۽ وسيلن کي بهتر بنائڻ انهي ۾ ضلع سطح تي رٿابندي ۽ لاڳو ڪرڻ ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن گروپ، ايل اِي جي، آءِ ايم ايس اِي ايس پي ذريعي معيار جي خاطري ۽ جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر جائزا |

هينين خاڪن مان اِيس اِي ايس پي ايندڙ آر 2019-2024 مقصدن، پروگرامن ۽ اهي حاصل مقصدن ڪي زير عمل آڻين تا انهن جي وچ ۾ ربط ظاهر ٿئي ٿو:

**مقصد I: پهچ**
مساوي پهچ وڌائڻ ۽ سيني سطحن تي ننڍن ۽ وڏن ٻارن جي اسڪول ۾ موجودگي يقيني بڻائڻ سان گڏوگڏ نوجوانن لاءِ خواندگي جي فراهمي

- **پروگرام 1:** اسڪول کان ٻاهر ٻار ۽ اڻ پڙهيل نوجوان
  - **حاصل مقصد A:** اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن لاءِ رسمي تعليم لاءِ مساوي پهچ وڌائڻ
  - **حاصل مقصد B:** اين ايف اِي پروگرامن لاءِ مساوي پهچ وڌائڻ ۽ اڻپڙهيل نوجوانن لاءِ
- **پروگرام 2:** مساوي ۽ ضرورتن پٽاندڙ اسڪول تعميرات جي فراهمي
  - **حاصل مقصد C:** اسڪول تعميرات جي فراهمي ۾ توسيع جيئن حقيقي ضرورتون پوريون ۽ ٻار دوست ماحول يقيني بڻائڻ
- **پروگرام 3:** مساوي ماحول ۽ ٻارن کي اسڪول ۾ موجود رکڻ
  - **حاصل مقصد D:** هر سطح تي مساوي داخلا ۽ ٻارن جي اسڪول ۾ موجودگي وڌائڻ خاص طور ڇوڪرين ۽ پنتي پيل ٻازن جي

**مقصد II: معيار**
صوبائي ۽ ضلعي سطحن تي معياري فراهمي نظامن جي صلاحيت وڌائڻ بشمول ميرت تي استادن جي ڀرتي، استادن جي تربيت ۽ پيشيوارانٽي واڌ ويجهه، نصاب، درسي ڪتاب ۽ سکيا جو سازو سامان شاگردن جي سکيا جي حاصلات ۽ معيار کي يقيني بڻائڻ

- **پروگرام 4:** استادن جي ميرت تي ڀرتي، تعليمي اهليت ۽ پيشيوارانٽي واڌ ويجهه
  - **حاصل مقصد E:** ڳهربل تعليمي قابليت رکندڙ استادن جي ميرت تي ڀرتي، بهتر وسيلن وارن، ڪارگر ۽ سستي بندوبست وارن نظامن ۾ رهندي سهائتا
  - **حاصل مقصد F:** استادن، هيڊماسترن ۽ منتظمن لاءِ ڪلستر جي بنياد تي بڌل Countinous Development Professional جي پاليسي لاڳو ڪرڻ
- **پروگرام 5:** معيار وارن معلوماتي ڳالهين جي شموليت ۽ طريقيڪار
  - **حاصل مقصد G:** رسمي ۽ غير رسمي شاگردن جي نصاب کي بهتر بڻائڻ جنهن ۾ ڏيان مقامي ضرورتن ۽ عالمي لاڙن تي هجن. ڳهڻ ڳالهين کي شامل ڪندڙ تعليم، حياتي جون مهارتون، صنفي برابري، ثقافتي تنوع ۽ شهريت
  - **حاصل مقصد H:** مناسب ٻولي ۾ نظرثاني ٿيل نصاب تي ٻڌل درسي ڪتابن ۽ سکيا جي سازو سامان جي بهتر فراهمي
  - **حاصل مقصد I:** خاص اسڪول سان واسطو رکندڙ شاگردن جي ڇڪاس ۽ رپورٽنگ نظام، پنجين ۽ اٺين جماعت جي شاگردن جي معياري ڇڪاس ڊڪار/ پيس ۽ ڊي جي ايم اينڊ اِي کي مضبوط بڻائڻ جيئن ڪلاسن ۾ تعليم جي ڇڪاس بهتر ٿي سگهي

**مقصد III: بندوبست**
سيني سطحن تي وسيلن جو مؤثر ۽ احتساب جوڳو عمل

**پروگرام 6:**
پيشيوارانا تعليمي قيادت ۽ بندوبست

**حاصل مقصد J:**
بندوبستي طريقيڪار قائم ڪرڻ جيئن ڪارڪردگي يا احتساب کي مضبوط ڪجي

**پروگرام 7:**
وسيلن جي ورهاست ۽ خرچ ۾ بهتري

**حاصل مقصد K:**
پگهار کان سواءِ بي بجيٽ جي شفاف ورهاست ۽ خرچ

**پروگرام 8:**
مؤثر اهميت واري رٿابندي ۽ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي پاران ايم ايند اِي

**حاصل مقصد L:**
مضبوط سيڪٽر پلاننگ لاءِ تنظيمي صلاحيت ۽ وسيلن کي بهتر بنائڻ بشمول ضلعي رٿابندي، نفاذ ۽ معيار کي يقيني بنائڻ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن گروپن، ايل ايند جي، آءِ ايم ايس اِي ايس پي ۽ جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر جائزن جي ذريعي

# 4. اهميت وارا پاسا ۽ ترجيحي پروگرام

## 4. اهميت وارا پاسا ۽ ترجيحي پروگرام

هڪ ڏگهي مشاورتي عمل ڪانپوءِ اٺن ترجيحي پروگرامن جي نشاندهي ٿي آهي جن ڪي ايندڙ پنجن ورهين ۾ ايس اِي ايس پي ايند آر جا حاصل مقصد هٿ ڪرڻ لاءِ لاڳو ڪيو ويندو آهي ترجيحي پروگرامن کي ٽن سرخين تحت بحث هيٺ آندو ويو آهي: برابري واري پهچ (Access)، معيار، سکيا ۽ بندوبست (Governance) ۽ انتظام (Management) مختلف سرخين تحت حڪمت عمليون هڪٻئي کي سگهارو بڻائين ٿيون ۽ عمومي حاصل مقصدن (Objects) جي حاصلات ۾ ڪردار ادا ڪن ٿيون. اڪثر حڪمت عمليون اي سي اِي کان سيڪنڊري تائين سڀني سطحن تي لاڳو آهن: جنهن صورتحال ۾ ڪا حڪمت عملي ڪنهن هڪ تعليمي سطح لاءِ مخصوص آهي ته ان ڳالهه جي لاڳو ڪرڻ واري پلان ۾ نشاندهي ڪئي وئي آهي. هر هڪ ترجيحي پروگرام ۾ شامل سرگرمين جو مڪمل چارٽ ايس اِي ايس پي ايند آر 2019-2024 جي نفاذ جي پلان ۾ شامل ڪيو ويو آهي. سرگرميون- ذيلي سرگرميون ۽ هدف اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي جي ملحق ادارن جي سڀني سربراهن سان مشاورت ڪانپوءِ طي ڪيا ويا آهن.

اٺ ترجيحي پروگرام هي آهن:

پروگرام 1: اسڪول نہ ايندڙ ٻار ۽ اڻ پڙهيل نوجوان
پروگرام 2: اسڪول تعميرات جي مساوي ۽ پوري فراهمي
پروگرام 3: اسڪولن ۾ برابر داخلا ۽ اسڪولن ۾ موجودگي برقرار رکڻ
پروگرام 4: استادن جي ميرٽ تي مقرري، تعليمي قابليتون ۽ پيشيوارانٽي واڌ ويجهہ
پروگرام 5: معياري جاچ ۽ ڪم
پروگرام 6: پيشيوارانٽي تعليمي قيادت ۽ بندوبست
پروگرام 7: وسيلن جي ورهاست ۽ استعمال ۾ بهتري
پروگرام 8: اثرائتي اهميت رڪندڙ رٿابندي ۽ اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي جي ايم ايند اِي

### 4.1 مساوي پهچ (Equitable Access)

ننڍن ۽ وڏن ٻارن جي سڀني سطحن تي اسڪولن ۾ وڌيڪ داخلا ۽ اسڪولن ۾ وڌيڪ موجودگي جو مقصد حاصل ڪرڻ ۽ نوجوانن کي خواندگي فراهم ڪرڻ لاءِ پلان، انهيءَ ڳالهه کي ترجيح ڏئي ٿو تہ اسڪول نہ ايندڙ ٻارن لاءِ معياري تعليم تائين پهچ کي وڌايو وڃي، خواندگي پروگرامن تائين پهچ وڌائي وڃي ۽ پرائمري شاگردن لاءِ سازگار ماحول ۾ بهتري آندي وڃي. ايس اِي ايس پي انهي ڳالهه تي بہ زور ڏيڻ لاءِ موقعو فراهم ڪري ٿي تہ پرائمري اسڪول جي عمر وارن ٻارن کي رسمي اسڪولن ۾ داخل ڪرڻ لاءِ عوام جي ذهن سازي ڪري عوام کي انهيءَ لاءِ آماده ڪيو ويندو ۽ داخلا لاءِ مهمون پڻ هلايون وينديون ۽ پڻ اڻپڙهيل نوجوانن لاءِ ضرورتن جي چڪاس ڪرڻ کان سواءِ اسڪولي تعميرات جي فراهمي ۾ توسيع ڪئي ويندي. اهو پلان جامع حڪمت عملين جي مدد سان لاڳو ڪيو ويندو، جيئن برابر پهچ ۽ اسڪولن ۾ موجودگي کي وڌائي سگهجي.

#### 4.1.1 پروگرام 1: اسڪول نہ ايندڙ ٻار ۽ اڻپڙهيل نوجوان

ڳنڍيل مقصد ۽ انهن جي حاصلات:

مقصد I: برابري واري داخلا وڌائڻ ۽ هر سطح تي ننڍن ۽ وڏن ٻارن جي اسڪولن ۾ موجودگي کي يقيني بنائڻ بشمول نوجوانن لاءِ خواندگي جي فراهمي.

**مقصد جي حاصلات A:** اسڪول نه ايندڙ ٻارن لاءِ رسمي تعليم تائين مساوي پهچ وڌائڻ

**مقصد جي حاصلات B:** اين ايف اِي پروگرامن تائين مساوي پهچ وڌائڻ ۽ اٽپڙهيل نوجوانن لاءِ ٽي وي اي ٽي سان رابطا پيدا ڪرڻ.

**بنيادي ذميواريون:** اسڪول تعليم ۽خواندگي کاتو ۽ خواندگي ڊائريڪٽوريٽ ۽ اين ايف اِي




پهريون ترجيحي پروگرام اسڪول نه ويندڙ ننڍن ۽ وڏن ٻارن جون مشڪلات دور ڪري ٿو انهي ۾ خاص ڌيان ڇوڪرين ۽ اٽپڙهيل نوجوانن تي هوندو.

ننڍن ۽ وڏن ٻارن (5 کان 16 سالن) جي اسڪولن ۾ موجودگي ۽ داخلا کي وڌائڻ جيئن اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين ۽ صوبائي تعليمي پاليسي دانچن ۾ لازمي قرار ڏنو ويو آهي اهو مقصد تڏهن ئي حاصل ٿي سگهي ٿو جڏهن اهڙن ننڍن توڙي وڏن ٻارن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي جيڪي معياري تعليم جون سهوليتون حاصل نٿا ڪري سگهن. ايس اِي ايس پي ايند آر رسمي ۽ غير رسمي تعليم لاءِ پختي عزم جو اظهار ڪري ٿو جيئن اسڪول ۾ شراڪت جي شرح وڌي سگهي. ان ترجيحي پروگرام جو مقصد آهي ته وچئين مُدي ۾ انهي مقصد جي حاصلات لاءِ اڳڀرائي ڪئي وڃي انهيءَ لاءِ اهڙين حڪمت عملين تي گهڻو زور هجي جيئن ٻارن کي گهرن مان ٻاهر آڻي رسمي پرائمري تعليم ۾ داخل ڪجي، انهي لاءِ اسڪولن جو سڪيا جو ماحول بهتر ڪجي جيڪي بنيادي سهوليتون موجود نه اهن فراهم ڪجن، گهربل تعليمي صلاحيتون رکندڙ استاد ڀرتي ڪجن، مقامي ماڻهن ۾ شعور ۽ آگاهي پيدا ڪجي جيئن اسڪولن جو سکيا جو ماحول بهتر ٿي سگهي. نوجوانن لاءِ خواندگي جي پروگرامن تائين وڌيڪ پهچ به هن ترجيحي پروگرام جو خاص مقصد آهي، جيڪو ڊائريڪٽوريٽ آف لٽريسي ايند نان فارمول ايجوڪيشن جي فعال ڪردار ذريعي حاصل ڪرڻ گهري ٿو. ٽنهنڪري پهرئين ترجيحي پروگرام ۾ وڌيڪ توجهه 9 ورهين کان وڌيڪ ڄمار وارن ٻارن بابت غير رسمي حڪمت عملي تي اهي جڏهن ته سگهارين مهمن ۽ علائقي جي ماڻهن ۽ خاص طور اسڪول مئنجمينٽ ڪاميٽين جي شراڪت ذريعي پنجن کان نون ورهين جي ڄمار وارا پرائمري اسڪول جي عمر وارا ٻار رسمي اسڪولي سرشتي ۾ داخل ڪيا

ويندا. بئي پاسي وري پروگرام ٻئين ۽ ٽئين ۾ خاص ڌيان انهي تي آهي ته رسمي تعليم ۾ داخلا ۽ ٻارن جي اسڪول ۾ موجودگي وڌائي وڃي، انهيءَ لاءِ گهربل تعميراتي رٿابندي ڪئي وڃي ۽ خاص طور ڇوڪرين لاءِ پرائمري ڪانپوءِ وارا اسڪول موجود ڪيا وڃن.

## اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن (او او ايس سي) جي نشاندهي

ايس اِي ايس پي ايند آر اهو هدف مقرر ڪيو آهي ته، سنڌ صوبي ۾ 2024ع تائين اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن جو تعداد گهٽائي 18 لکن تائين آندو ويندو. اهو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻ رُخو انداز ڪتب آڻيندي رسمي ۽ غير رسمي تعليم تائين پهچ عام ڪئي ويندي. اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي شروعات ۾ اهو مقصد رکيو آهي ته خانگي شعبي ۾ ۽ مدرسا اسڪولن ۾ داخل ٻارن کي اسڪول ۾ شرڪت کان سواءِ مناسب باقي بچيل (Residual) واري اپياس ڪرائڻ جو رٿيو ويو آهي جيئن صوبي ۾ اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن جي ترتيب (Pattern) جو اندازو ٿي سگهي ته اهي ڪير آهن ۽ انهن ٻاران اسڪول نه وڃڻ جا مکيه سبب ڪهڙا آهن. جن ضلعن ۾ اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن خاص طور ڇوڪرين جو انهن ضلعن ۾ حڪومت پاران مداخلت ڪرڻ کي ترجيح تي رکيو ويندو.

## شاگردن جي اسڪولن ۾ مستقل موجودگي

اسڪول جي ڪارڪردگي جو هڪ اهڃاڻ اسڪولن ۾ شاگردن جي مستقل موجودگي آهي. ايجوڪيشن پروفائيل 2019ع انهي نڪتي کي اُڀاريو آهي ته شاگردن پاران اسڪول ڇڏڻ جي وڏيڪ شرح پرائمري کان سيڪنڊري ڏانهن منتقلي دوران هوندي آهي. هن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هن پروگرام هڪ مقصد اهو رکيو آهي ته، هر هڪ ٻار لاءِ هڪ منفرد شناختي ڪوڊ (Unique Identification Code) ناهيو وڃي ۽ انهي ذريعي شروعات ۾ ئي چتاءُ جو نظام (Warning System) قائم ڪجي جنهن جي ذريعي جن شاگردن پاران اسڪول ڇڏڻ جو خدشو هجي ته نظام انهن تائين پهچي وڃي. انهيءَ لاءِ هڪ ڊجيٽل ايپليڪيشن تيار ڪئي ويندي ۽ انهن بابت هڪ ڏار نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويندو. انهي نظام جي ڪامياب عملدرآمد لاءِ اسڪول جي قيادت ۽ تعلقي ۾ موجود آفيسرن جي تربيت ڪئي ويندي جيئن استادن جي سهائتا ٿي سگهي. اسڪول ڇڏڻ جي خدشي وارن ٻارن جو پيرو کڻي سگهجي ۽ روڪٿام جا اپاءُ وٺي سگهجن.

انهيءَ ڳالهه کي اُپارڻ به ضروري آهي ته بلڪل هيٺئين سطح تي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پرائمري سطح تي گهٽ حاضري جي سببن تي ڌيان ڏنو وڃي. اهو ڪم باقاعده ۽ وڏي تياري سان ڪيو ويندو، جيڪو ٻارن کي اسڪول موڪلڻ لاءِ همٿائڻ تي گهر گهر عملو موڪليو ويندو ۽ اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا تي سگهاريون مهمون به هلايون وينديون. هن پروگرام ۾ موجود عملن کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ ترجيحي پروگرام ٻئين ۾ ڪُٽل سهوليتن جي دستيابي خاص طور ڇوڪرين جي اسڪولن ۾ شاگرد دوست سڪيا جي سازو سامان تي آهي جيئن وڏيڪ شاگردن کي اسڪولن ڏانهن ڇڪي سگهجي. اسڪول مئنجمينٽ ڪاميٽين ۽ استادن جي وڏيڪ شراڪت سان توقع ڪجي ٿي ته اسڪول جي پسگرداين مان اسڪولن ۾ داخلا جي شرح وڏيڪ ٿيندي.

## تعليمي بندوبست جون تنظيمون (EMO) (Education Management Organisations)

اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو، پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ماڊل تحت اي ايم او ماڊل جي توسيع جي اثر اندازي ۽ امڪانن جو جائزو وٺندو جيئن بهتر تعميرات ۽ شاگردن لاءِ سازگار تعليمي ماحول جي فراهمي لاءِ ڪوشش جو دائرو وڌائي سگهجي. پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ لاءِ امڪاني شراڪت دارن جي نشاندهي به هن پروگرام جو حصو هوندي. هي اهم سرگرميون اهڙي طرح تشڪيل ڏنيون ويون آهن جيئن اهي اسڪولن ۾ داخلا ۽ ٻارن جي موجودگي جي شرح وڌائين ۽ اڳتي هلي اسڪول مان ٻاهر رهندڙ ٻارن جو تعداد گهٽائڻ ۾ ڪردار ادا ڪن.

## هنگامي حالتن ۾ تعليم (Education in Emegency)

ايس اِي ايس پي اينڊ آر انهي ڳالهه کي به مدنظر رکي ٿو ته هنگامي / انساني حالتن ۾ به متاثر ٿيڪرن ۽ ٻوڪرين کي بغير رکني جي تعليم تائين پهچ هجي. پروگرام ۾ اها تجويز آهي ته جزوي يا پورن تباهه ٿيل اسڪولن جو سروي ڪيو وڃي جيئن هنگامي حالتن ۾ عارضي انتظام ڪيا وڃن يا عارضي سکيا مرڪز قائم ڪيا وڃن ۽ پڙهائي ۽ سکيا جو سازو سامان تيار ڪيو وڃي. عارضي، استادن، سهولتڪارن ۽ گهربل تربيتن بشمول نفسياتي سهائتا پهچائڻ به هن پروگرام جو حصو آهي. هن پروگرام اسڪول ڇڏيندڙن کان ٻارن کي واپس اسڪول پهچائڻ جي اقدامن ۽ تعليمي ادارا تيار ڪرڻ ۾ سهائتا ڪري ٿو.

## سکيا جي متبادل رستي طور غير رسمي تعليم
## (Non-formal Education as Alternative Learning Pathway)

جيئن ته ٻارن جي عمر جي لحاظ کان تعليمي ضرورتون مختلف ٿين ٿيون، تنهنڪري مختلف طريقہ ڪار پيش ڪيا ويندا جيڪي (i) 9 ورهين تائين ڄمار وارن ٻارن ۽ (ii) 9 کان 16 ورهين تائين وڏن ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪري سگهن. اين ايف اِي جي هڪ متوقع حاصلات اها آهي ته اسڪول کان ٻاهر رهندڙ ٻارن کي رواجي/ رسمي اسڪولن ۾ آندو وڃي.

9 ورهين کان مٿي ڄمار جيڪي اسڪولن ۾ داخلا جي سرڪاري ڄمار کان وڏا آهن ۽ ڪنهن به رسمي پروگرام ۾ داخل نہ ٿيا آهن. هن پروگرام جو مقصد هوندو ته مقامي ۽ علائقائي مارڪيٽ ۾ گهربل لاڳاپيل ڏنڌي لاءِ شراڪت داري پيدا ڪندو انهيءَ لاءِ لکڻ، پڙهڻ ۽ انگي حساب کي خواندگي جي بظاهر نظر ايندڙ ڪم سان گڏوگڏ ڪيترن ئي شعبن تي حاوي زندگي جي مهارتن ۽ قابليتن کي به ڪم آندو ويندو، جيڪي نوڪري يا پنهنجو روزگار پاڻ ڪرڻ جهڙن ڪمن لاءِ به ڪم آڻي سگهن. زير هدف ضلعن ۾ چڪاس ڪرائي ته ڪهڙن ضلعن ۾ ڪهڙن هنرن جي ضرورت اهي پوءِ اتي هنرن تي آڌاريل پروگرام تيار ڪرايا ويندا. وڌيڪ اهو ته اين ايف اِي پروگرامن کي رسمي ڌارا وارن (پرائمري کان اڳ ۽ پوءِ) سان مربوط ڪيو ويندو جيئن اهڙا شاگرد جيڪي تعليم جي ڪا تيز رفتار (Accelerated) جماعت مڪمل ڪن ته پوءِ اهي رسمي ڌارا ۾ پنهنجي تعليم جاري رکن يا جيڪي شاگرد اسڪول ڇڏي ويجن ٿا اهي ٻيهر داخلا وٺي سگهن يا تعليم جي مختلف ڌارائن مان هيڏانهن هوڏانهن ٿي سگهن. وڌيڪ اهو ته اسول مان ڇڏي ويندڙ معياري عمر کان وڏي عمر وارن ٻارن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ بعد- پرائمري (Post-Primary) نصاب تيار ڪرايو ويندو جيئن اهي بعد- پرائمري تعليم ته جاري رکن پر انهن کي اهو به اختيار هجي ته ٽيڪنيڪل ۽ هنري مهارتن وارن موقعن سان به مربوط ٿي سگهن. انهيءَ ڳالهه جو به خيال رکيو ويندو ته اين ايف اِي پروگرامن لاءِ چٽن رستن جي وصف به ڪري ڇڏبي جيئن اهي ساڳيون ڳالهيون رسمي تعليمي نظام ۾ شامل نہ ٿي وڃن، وڌيڪ اهو ته استادن لاءِ رهبر (Teacher Guide) ۽ تربيتي ڪتابچي ذريعي اين ايف بي اي سهولتڪار اهڙين مهارتن سان مڪمل طور ليس ٿي ويندا جيڪي هن ڪم مان لاڀائتا نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل آهن.

## اڻپڙهيل نوجوان ۽ بالغ (Illitrate Youth and Adults)

اڻپڙهيل نوجوانن جي مسئلي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ هيءُ پروگرام خاص طور عورتن لاءِ خواندگي جي پروگرامن جي فراهمي وڌائيندو. اهو ڏسڻ لاءِ هڪ سروي ڪرايو ويندو ته ڪهڙن ضلعن ۾ سڀ کان وڌيڪ اڻپڙهيل نوجوان آهن. نوجوانن ۽ بالغن جي خواندگي لاءِ هڪ نصاب تيار ڪرائڻ سان گڏوگڏ اهو لاڳو ڪرڻ ۾ مدد لاءِ پڙهائڻ ۽ سکيا جو سازو سامان پڻ تيار ڪرايو ويندو. پروگرام ۾ بالغن جي شموليت کي همٿائڻ لاءِ ان ۾ هنري ۽ پيشيوارانہ تربيت شامل ڪرڻ سان گڏوگڏ ان ۾ زندگي جا هنر به شامل ڪيا ويندا.

هن پلان ۾ اسڪولن جو عداد ڪٽي وڏائي ڪٽي گهٽائي گهرج آهر ڪرڻ جي جيڪا پيش بندي ڪئي وئي آهي (ڏسو ترجيحي پروگرام 2) ان مان انهن سهوليتن جي نشاندهي ٿي سگهندي، جيڪي اين ايف اِي مرڪزن طور ۾ ڪم اچي سگهن ٿيون. بشمول خالي ڪلاس يا اهي اسڪول هن ۾ شام واريون شفٽون هلي سگهن. اسڪول کان ٻاهر رهنڊڙ ننڍن ۽ وڏن ٻارن کي سکيا جي فراهمي جو هڪ طريقو حڪومت ۽ اين جي اوز سان پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ هوندو.

## فني ۽ هنري سکيا (Technical and Vocational Training)

STEVTA سان معاهدا ڪيا ويندا جن تحت وڏن ٻارن، نوجوانن ۽ بالغن کي فني ۽ هنري سکيا ڏني ويندي. STEVTA ۽ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي ڊائريڪٽوريٽ آف لٽريسي ۽ نان فارمل ايجوڪيشن جي وچ ۾ تعاون جو رسمي پليٽ فارم قائم ڪيو ويندو، جيئن هم آهنگ ڪوشش کي يقيني بڻائي سگهجي. فني ۽ هنري مهارتن لاءِ سنڌ ٽيڪنيڪل اينڊ ووڪيشنل ٽريننگ اٿارٽي سان مشاورت ڪانپوءِ پروگرام جا جزا تيار ڪيا ويندا.

هيءَ پلان اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي ڊائريڪٽوريٽ آف لٽريسي اينڊ نان فارمل ايجوڪيشن جي موجوده گهٽ گنجائش کي تسليم ڪندي سمجهي ٿو ته غير رسمي تعليم جي توسيع جي جيڪا پيش بندي ڪئي وئي آهي ان مطابق مدد نه ٿي سگهندي.

ترجيحي پروگرام 8 ۾ اين ايف اِي ۽ ٻين اقدامن سان سلهاڙيل مداخلتن جي رٿابندي ۽ مانيٽرنگ کي سگهارو بنائڻ واريون سرگرميون شامل آهن.

انهن سيني اقدامن جي مانيٽرنگ ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ يونٽ تمام هيناهين سطح کان ڪندا. اهڙا يونٽ ڊائريڪٽوريٽ آف ايم اينڊ اِي تحت اڳيئي موجود آهن. اهڙي مانيٽرنگ سان هن ڊائريڪٽوريٽ جي وسيلن مان ٻه وڌ ۾ وڌ فائدو حاصل ڪري سگهبو. پروگرامن کي مؤثر نموني لاڳو ڪرڻ لاءِ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي سيني سطحن ۾ تعاون ۽ سهڪار گهربل هوندو.

وڌيڪ اهو ته ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 انهي ڳالهه کي همٿائي ٿو ته اسڪول کان ٻاهر رهنڊڙ نوجوانن ۽ بالغن کي اين ايف اِي پروگرام جي ڪامياب تڪميل کان پوءِ روڪ انعام ڏنا وڃن.

## 4.1.2 پروگرام 2: گهرج آهر ۽ مساوي اسڪولي تعميرات مهيا ڪرڻ

### مربوط مقصد ۽ حاصل مقصد

مقصد I: سطحن تي مساوي داخلا وڌائڻ ۽ ننڍن ۽ وڏن ٻارن جي اسڪول ۾ داخلا کي يقيني بنائڻ بشمول نوجوانن لاءِ خواندگي جي فراهمي.

حاصل مقصد C: اسڪول تعميرات جي فراهمي وڌائڻ جيئن حقيقي گهرج جو پورائو ٿي سگهي ۽ سکيا لاءِ سازگار ماحول کي يقيني بنائڻ.

### بنيادي ذميواريون: اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو




سرڪاري اسڪولن ۾ شاگردن پاران گهٽ عرصو داخل رهڻ ۽ جلد ڇڏي وڃڻ جو هڪ سبب بعد- پرائمري جماعتن لاءِ اسڪول تعميرات ۽ سهوليتن جي ناڪافي فراهمي آهي. آر ايس يو پاران هڪ تازي ڪرايل اسڪول پروفائيلنگ 19-2018 ذريعي نه هلي سگهندڙ ۽ نه هلندڙ اسڪولن جي هڪ لسٽ تيار ڪئي وئي آهي ۽ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي کي اهي اسڪول بند ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ انهي پروفائيلنگ واري عمل دوران ڪيترن ئي اسڪولن ۾ بنيادي ضرورتن جي کوٽ جي به نشاندهي ٿي آهي. اسڪول پروفائيلنگ تي آڌاريل ۽ ضرورتن جي چنڊچاڻ ڪانپوءِ ساليانی تعميراتي هلندڙ رٿائن ذريعي جن علائقن ۾ گهٽ ڪم ٿيا آهن انهن ۾ پهچ ۽ بعد- پرائمري جماعتن جي دستيابي کي ترجيح ڏني ويندي ۽ ڇوڪرين جي پهچ وڌائڻ لاءِ اُپاءُ ورتا ويندا. رٿائن ذريعي اسڪولن جو تعداد ”درست حد“ ۾ آندو ويندو. سرشتي مان واڌو بيڪار اسڪول ختم ڪيا ويندا ۽ هڪ ڪمري وارن اسڪولن کي يڪجاءِ (Consolidate) ڪيو ويندو ۽ ايس اِي ايس پي 2018-2014 جي نفاذ دوران شروع ڪيل ڪوشش کي جاري رکيو ويندو.

انهيءَ ڏس ۾، مساوي پهچ وڌائڻ ۽ ٻارن جي اسڪول ۾ موجودگي يقيني بنائڻ لاءِ هيءُ پلان اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي پاران منظور ٿيل اسڪولن کي ڪلسٽر ۽ يڪجاءِ ڪرڻ واريون پاليسيون لاڳو ڪرڻ جو ڪم جاري رکندو جيئن ٻهراڙي جي اسڪولن جي تمام پري پري ۽ هڪٻئي کان جدا جدا واقع هئڻ ۽ ناڪافي وسيلن وارن مسئلن کي حل ڪري سگهجي. وڏا ۽ مرڪزي (Hub) اسڪول ڌيلي (Satellite) اسڪولن کي سهوليتون ۽ تعليمي ۽ انتظامي مدد مهيا ڪندا. جنهن سان شاگردن پاران اسڪول ۾ موجود رهڻ جا امڪان ۽ سکيا جا سٺا نتيجا ملڻ جا امڪان وڌندا. مرڪزي اسڪولن جي ترتيب انتظامي ۽ مالي ڪمن ڪارين جي لحاظ کان ڪلسٽر بيس اسڪول مئنجمينٽ واري رکي ويندي. اسڪولن جي اپگريڊيشن ۽ ڪنساليڊيشن جي قابل عمل هئڻ جون رٿائون تيار ڪيون وينديون ۽ ترجيحي علائقن ۾ لڳ ڀڳ 35000 نوان ڪمرا تعمير ڪرايا ويندا

هيءُ پلان اِي سي اِي کان ڏهين جماعت تائين مختلف تعميراتي ضرورتون پڻ هٿ ۾ ڪٽندو. انهيءَ ۾ خاص طور ڇوڪرين جي اسڪولن لاءِ پاڻي ۽ صفائي سترائي جون سهوليتون ۽ بعد- پرائمري اسڪولن ۾ سائنس ليبارٽرين کي سازو سامان ڏيڻ پڻ شامل آهي. ايس اِي ايس پي 2018-2014 جي نفاذ دوران ڪيترن ئي ضلعن ۾ اپگريڊ ٿي آهي، جنهن جو اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا ۽ موجودگي تي هاڪاري اثر پيو آهي. ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي رٿا جي سموري عرصي دوران اهي عمل اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي ساليانی ترقياتي پلان (اي ڊي پي) طور جاري رهندا.

## بعد- پرائمري تعليم تائين خاص طور ڇوڪرين جي پهچ (Access to Post-Primary Education, Particularly Girls)

اهميت رکندڙ پلان دؤران جنهن بئي ڏس ۾ ڪوشش ڪئي ويندي اهو هوندو پرائمري اسڪولن کي اپگريڊ ڪري ايليمينٽري اسڪول ڪرڻ ۽ جتي ممڪن هجي اپگريڊ ڪري سيڪنڊري اسول ڪرڻ اهو عمل ڪلسٽرنگ ماڊل جي توسيع ذريعي ڪيو ويندو. اسڪول تعليم ۾ خواندگي ڪاتو 2019-2024 دوران سڀني شاگردن ۾ خاص طور ڇوڪرين لاءِ مدل ۽ هاءِ اسڪولن ۾ موجودگي يقيني بڻائي ويندي ۽ بيوٽ بعد- پرائمري ڪان پوءِ اڳتي لاءِ منتقلي يقيني بڻائي ويندي. هن پلان جو هدف اهو آهي ته بعد- پرائمري جي موجوده 11.2% جي شرح کي وڌائي 2024ع تائين 15% ڪئي وڃي. هڪ ته اها واڌ وري استادن جي پرتي ذريعي ۽ عورتن استادن تي زور سبب توقع آهي ته پرائمري تعليم مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ سرشتي مان نڪري ويندڙ شاگردن جو تعداد گهٽجي ويندو.

## ضلعن جي وچ ۾ اڻبرابري (Inter-District Disparity)

صوبي ۾ شاگردن لاءِ مساوي موقعن جي فراهمي يقيني بنائڻ لاءِ اسڪول تعليم ۾ خواندگي ڪاتي جي رٿا آهي ته، ضلعن جي وچ ۾ اسڪولي تعميرات جي اڻبرابري کي ختم ڪيو وڃي. سڀ کان سٺي ڪارڪردگي رکندڙ ۽ سڀ کان خراب ڪارڪردگي رکندڙ ضلعن جي وچ ۾ سيڪنڊري جي اِي آر ۾ موجود 49% فرق سان اسڪول تعليم ۾ خواندگي ڪاتو انهي اڻبرابري کي 10% تائين آڻڻ جو ارادو ري ٿو. انهيءَ زير هدف سيڙپڪاري سان اميد آهي ته انهن علائقن ۽ ضلعن کي فائدو پهچندو جن ۾ اسڪولي تعميرات گهٽ آهي ۽ انهي جي نتيجي ۾ سيڪنڊري جي اِي آر گهٽ رهي ٿي. انهيءَ هدف کي بغير ڪنهن تعميرات واري اسڪول کي موجوده ڪا تعمير مهيا ڪري ڏيڻ واري هدف سان مربوط ڪيو ويندو. انهيءَ ذريعي انهن کي يا ته گهربل تعميرات ڏني ويندي يا انهن کي جيڪڏهن ضرورت پئي ته موجوده اسڪولن ۾ ضم ڪيو ويندو.

## بنيادي سهولتن جي بهتري (Improving Basci Facilities)

صوبي ۾ ڪي به اسڪول ڇت کان سواءِ نه هوندا وڌيڪ اهو ته اسڪول تعميرات ۾ بهتري لاءِ وڏي ترجيح وارن اسڪولن کي هدف بڻايو ويندو ۽ اها ڳالهه يقيني بڻائي ويندي ته انهن کي بجلي، چوديواري، پيئڻ جو پاڻي ۽ ڇوڪرين لاءِ سازگار واش روم هجن. انهن اسڪولن کي سائنس ليبارٽريون ۽ سازو سامان مهيا ڪيو ويندو. انهيءَ سان گڏوگڏ بنيادي تعميراتي معيارن ۽ ترقي کي پبلڪ سيڪٽر اسڪولس اسٽريٽجڪ پلان 2017-2022 سان هم آهنگ ڪيو ويندو ۽ انهيءَ ۾ معذورن لاءِ سازگار وارو جزو (Component) پڻ شامل ڪيو ويندو.

## ابتدائي ننڍپڻ جي سنڀال ۽ تعليم (Early Childhood Care and Education)

جٽادار ترقياتي مقصد (Sustainable Development Goals) مان شاندهي ٿئي ٿي ته ايڪويهين صدي لاءِ ترجيحي ڌيان جو مرڪز ارلي چائيلڊ هوڊ ڊيولپمينٽ (Early Childhood Development) آهي. هيءَ پروگرام ايس ڊي جي ٽارگيٽ 4.2 جو احاطو ڪري ٿو، جنهن جي تقاضا آهي، سڀني ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي معياري ارلي چائيلڊ هوڊ ڊيولپمينٽ ڪيئر ۽ پري پرائمري تعليم تائين پهچ هجي جيئن اهي پرائمري تعليم لاءِ تيار ٿي سگهن. انهيءَ ڳالهه کي مدنظر رکندي هتي ترجيحي پروگرام سنڌ اِي سي سي اِي پاليسي 2015ع کي نافذ ڪرڻ جي ڍانچي جي هڪ حصي طور اِي سي سي اِي سهوليتن جي توسيع تي ڌيان ڏيندو. سڀني ٽيچرز ٽريننگ انسٽيٽيوشن ۾ اِي سي سي اِي ريسورس سينٽر قائم ڪندي اِي سي سي اِي کي پري سروس ٽريننگ ۾ شامل ڪيو ويندو. اهڙن ريسورس سينٽرن ۾ زير تربيت استادن کي عملي سکيا ڏني ويندي. هن پروگرام جي مکيه سرگرمي موجوده پرائمري استادن کي اِي سي سي اِي لاءِ سکيا ڏيڻ ۽ موجوده ڪچي وارن کي خاص مقصد لاءِ تيار ڪيل اِي سي سي اِي ڪلاسن ۾ تبديل ڪرڻ هوندو. موجوده پلان 2000 نوان ڪلاس قائم ڪرڻ جو پڻ

هدف رکندو جيڪي خاص اِي سي اِي ڪلاسن لاءِ هوندا ۽ انهن کي گهربل سازو سامان ڏنو ويندو. توسيع جو ڪم ضرورت جي چڪاس تحت ڪيو ويندو، اها چڪاس ساليانو اسڪول پروفائيلنگ ۽ اڳ ۾ بيان ٿيل جاگرافيائي انساني تجزيي ذريعي ڪئي ويندي، گڏوگڏ اهو بہ ڏنو ويندو تہ اڳ ۾ ئي خانگي شعبي ۽ اين جي اوز ذريعي ڪيتري حد تائين اِي سي اِي سهوليتون موجود آهن.

### 4.1.3 پروگرام 3: ٻارن جي مساوي داخلا ۽ اسڪول ۾ ايندو رهڻ

#### مربوط مقصد ۽ حاصل مقصد

**مقصد I**: سيني ننڍن ۽ وڏن ٻارن لاءِ سيني سطحن تي داخلا ۽ موجودگي وڌائڻ ۽ نوجوانن لاءِ خواندگي فراهم ڪرڻ.

**حاصل مقصد D**: خاص طور ڇوڪرين ۽ پنتي پيل ٻارن لاءِ هر سطح تي مساوي داخلا ۽ اسڪول ۾ موجودگي وڌائڻ.

#### بنيادي ذميواريون: اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو



ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي برابري وارو نقطو هن ترجيحي پروگرام ذريعي به اڳتي وڌندو جنهن ۾ ڪيترائي رسد ۽ طلب وارن پاسن جا اُپاءَ شامل آهن، جيئن خاص طور ڇوڪرين ۽ پنتي رهجي ويل ٻارن لاءِ اِي سي اِي کان سيڪنڊري تائين برابر پهچ ۽ داخل رهڻ جي شرح کي وڌائي سگهجي.

ايس اِي ايس پي 2014-2018 جي هڪ حاصلات سنڌ اِي سي اِي پاليسي 2015 جو جاري ٿيڻ هو. اِي سي اِي پاليسي جنهن کي جٽادار ترقياتي مقصد (Sustainable Development Goals) سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. انهيءَ جو ڌيان ٻارن جي مجموعي واڌ ويجهه تي آهي جنهن ۾ تعليم، تحفظ، غذا ۽ صحت جون ضرورتون شامل آهن. انهيءَ جو مؤثر نفاذ ننڍن ٻارن جي اسڪول لاءِ تياري جي مهارتن جي واڌ ويجهه ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ۽ انهن جي پرائمري تعليم ڏانهن منتقلي کي آسان بڻائيندو.

هي پروگرام اهڙي آبادي کي هدف بڻائيندي جن تائين حڪومتي سهوليتون ۽ فائدا گهٽ يا نه پهتا آهن. اهڙن ٻارن لاءِ هڪ مضبوط شروعاتي بنياد تيار ڪرڻ جو مقصد رکي ٿو جن کي گهر ۾ جسماني صحت يا دماغي ۽ جذباتي مدد جي لحاظ کان پوري گهربل سهائتا نه ملي هجي. توقع آهي ته مدر سپورٽ گروپن (Mother Support Groups) ذريعي به اسڪول جي تياري وڌائي سگهجي ٿي، جيڪا اِي سي اِي کان پرائمري تعليم تائين ٻارن جي وڌيڪ اسڪول ۾ رهڻ ۽ سکيا جا نتيجا ڏيڻ ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

## ابتدائي ننڍپڻ جي سنڀال ۽ تعليم (Early Childhood Care and Education)

سرگرمين جو پهريون مجموعو تعميرات جي توسيع هوندو، جيئن اِي سي اِي هلائي سگهجي. اهي ٻئين ترجيحي پروگرام ۾ شامل ڪيون ويون آهن. ترجيحي پروگرام 3 ۾ حڪومت پاران جيڪي ڪم سرانجام ڏنا ويندا انهن ۾ هي ڳالهيون شامل آهن. (1) ادارن، عملي ۽ خدمتن لاءِ معيار تيار ڪرڻ ۽ (2) انهن جي چڪاس (3) اِي سي اِي استادن لاءِ تعليمي پروگرام تيار ڪرڻ (4) اِي سي اِي لاءِ گهربل تعليمي قابليتون رکندڙ استادن جي ڀرتي ۽ سکيا (5) اسڪول پرنسپالن جي سکيا (6) اِي سي اِي اسڪول ڪائونسلن جي ذريعي صحت، پاڻي، غذا، ٻارن جي سارسنڀال، والدين پاران سارسنڀال، پوليو / EPI ٻارن جي جم جي رجسٽريشن جهڙن معاملن تي والدين ۽ پسگردائي وارن کي شريڪ ڪرڻ (7) ۽ ڪاتي اندر ۽ ٻين کاتن سان اشتراڪ لاءِ طريقيڪار قائم ڪرڻ.

سنڌ اِي سي اِي پاليسي 2015 جو نفاذي ڍانچو تڪميل تي پهچڻ سان ان جون سرگرميون ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 جي سالياني آپريشنل رٿائن ۾ شامل ٿي وينديون. سنڌ اِي سي اِي پاليسي جي شروعات کان ئي اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي اسڪولن ۾ اِي سي اِي ڪلاسن لاءِ سامان مهيا ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. توقع آهي ته هيءَ پاليسي هن پلان هيٺ جاري رهندي ۽ 2019-2024 واري عرصي دوران واڌو 2400 اِي سي اِي ڪلاسن جي تعمير ۽ انهن کي سامان مهيا ڪرڻ جو هدف آهي. اهو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ اها ڳالهه اهم هوندي ته سڀ کان اڳ اهو جائزو ورتو وڃي ته اِي سي اِي قائم ڪرڻ جي ضرورت ڪٿي آهي. پهرئين مرحلي ۾ مختلف اسڪولن ۾ اڳ ۾ ئي قائم ڪچي ڪلاس کي اپگريڊ ڪيو ويندو.

اِي سي اِي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اسٽريٽجڪ انسٽيٽيوشنل پلان تيار ڪيو ويندو. ٽيچرز ٽريننگ انسٽيٽيوشن ۾ ريسورس سينٽر قائم ڪيا ويندا ۽ اِي سي اِي بهتر ڪمن ڪارين ۽ جاڇ جي تنظيم لاءِ اِي سي اِي ڪانفرنسون منعقد ڪيون وينديون ۽ ڪلاس جي ماحول کي وڌيڪ ٻار- دوست ماحول ۾ تبديل ڪيو ويندو.

## صحت ۽ غذا (Health and Nutrition)

اِي سي اي (ESA) سنڌ ۾ ٻارن جي صحت ۽ غذا جي لحاظ کان انهن جي ڳنڀير حالتن جو اظهار ڪيو. انهيءَ جو انهن جي سکڻ جي صلاحيت ۽ اسڪول مان غير حاضري تي بہ اثر پوي ٿو. هي ترجيحي پروگرام ننڍن ۽ وڏن ٻارن ۽ خاص طور ڇوڪرين لاءِ اسڪول صحت ۽ غذا پروگرامن ذريعي مساوي پهچ ۽ اسڪولن ۾ حاضري برقرار رکڻ جي صلاحيت کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن ۾ اهڙيون سرگرميون شامل آهن جيڪي (Accelerated Action Plan Education for Reduction of Stunting and Malnutrition in Sindh) مان مربوط آهن. اهو صوبائي حڪومت جو هڪ گهڻ شعباتي پروگرام آهي جيڪو خاص طور گهٽ سهوليتون مليل آباديءَ تي ڌيان ڏيئي ٿو ۽ ايس ڊي جي ايجنڊا سان بہ مطابقت رکي ٿو. پروگرام ۾ ضلعن کي هڪ ترتيب ۾ رکڻ بہ شامل آهي جيئن انهن کي حڪومت پاران مداخلت لاءِ ترجيح تي رکي سگهجي.

ٻارن پاران اسڪول ڇڏڻ جي ڪيترن ئي سببن مان هڪ سبب نصاب جو انهن جي شخصي واڌ ويجهہ سان غير واسطيدار هئڻ آهي. انهيءَ ڳالھ کي يقيني بڻائڻ لاءِ تہ ٻار بنيادي تصورن ۽ مهارتن کي حقيقي زندگي ۾ لاڳو ڪن، صحت ۽ غذا ۽ زندگي جي مهارتن کي نصاب ۾ خاص طور شامل ڪيو ويو آهي. هي پروگرام انهيءَ ڳالھ جي خاطري ڪندو تہ استادن ۽ واسطيدار ماڻهن لاءِ بهترين غذائي تدبيرن ۽ وسيلن بابت سکيا جا سازو سامان تيار ڪرايا وڃن ۽ تربيتي ۽ آگاهي سيشن هلايا وڃن. انهيءَ سان گڏوگڏ ثقافتي هم آهنگي رکندڙ سازو سامان بہ تيار ڪيو ويندو جيئن مقامي ماڻهن کي همٿايو وڃي تہ هو شاگردن جا جم سرٽيفڪيٽ وٺن، صحت، غذا ۽ پوليو / EPI بابت ڪمن ڪارين ۾ شريڪ ٿين. انهيءَ سان گڏوگڏ ٻارن جي حقن خاص طور تعليم ۽ صحت بابت تربيتي سيشن ڪرايا ويندا. انهيءَ سان گڏوگڏ وڏي ڇوڪرين، عورت استادن ۽ ايچ ايم ايچ بابت بابت ثقافتي طور موزون سازو سامان تيار ڪيو ويندو ۽ ايس ايم سي جي لاڳاپيل ميمبرن کي مناسب نموني آگاهي ڏني ويندي.

هن ترجيحي پروگرام ۾ شامل ڪجھ سرگرميون شاگردن، استادن، هيڊ ماسترن ۽ والدين لاءِ سکيا جو سازو سامان تيار ڪرڻ سان لاڳاپو رکن ٿيون. انهيءَ سان گڏوگڏ صحت ۽ غذائي عادتن کي پروان چڙهائڻ لاءِ سيڪنڊري سطح تي استادن جي تربيت بہ ڪئي ويندي، جنهن جو مقصد ٻارن جي واڌ ويجهہ ٻيهڄڻ ۽ غذا جي کوٽ بابت آگاهي ڏيڻ هوندو. صحت جي چڪاس ۽ ضرورتمند ٻارن کي غذائي سهائتا بابت بہ صحت کاتن ۽ ٻين ادارن سان گڏجي انهن شين لاءِ ڪو اداراجاتي نظام جوڙيو ويندو. ڪجھ ڪمن جو سنئون سڌو مقصد ڇهين کان ڏهين جماعت ۾ داخل ٻارن خاص طور وڏين ڇوڪرين جي صحت ۽ غذا بابت ڄاڻ بهتر بڻائڻ هوندو.

## سماجي، جذباتي اقدام (Socio Emotional Intervention)

ايس اِي ايس پي اهڙين ڪيترين ئي مشڪلاتن کي مُنهن ڏئي پيو جيڪي شاگردن پاران سکيا جا بهتر نتيجن سان انهن پاران ميٽرڪ ۾ اسڪول ۾ رهڻ تائين پيش اچن ٿيون. انهيءَ ڏس ۾ استادن کان ڪم وٺندي تجرباتي طور حڪومت پاران اقدام ڪيو ويندو جيئن شاگردن جي سماجي جذباتي مهارتون وڌايون وڃن، پراجيڪٽ ۾ تجرباتي طور ڪنهن اسڪول تي آڏاريل ڪرداري اقدام ڪيو ويندو جنهن ۾ اها سادي حڪمت عملي شامل هوندي. والدين کي انهيءَ ڳالھ تي همٿائجي ۽ اها ياد ڏهاني ڪرائجي تہ ٻارن جي تعليم ۾ پاڻ بہ شريڪ ٿين جهڙوڪ هو موبائيل ايس ايم ايس وسيلي ياد ڏهانين جو استعمال. والدين کي اهڙي طرح مصروف ڪرڻ جي عمل کي ارلي وارننگ اسٽوڊنٽ ڊراپ آئوٽ ٽريڪنگ سسٽم سان مربوط ڪيو ويندو.

پسگرائي وارن ماڻهن جي سگهاري شراڪت لاءِ والدين کي بہ آگاهي ڏني ويندي تہ اهي ٻارن ۾ سماجي جذباتي مهارت جي واڌ ويجهہ ڪيئن ڪن. سي کان اڳ سي پي ڊي ذريعي تعليمي مئنيجرن کي تربيت ڏني ويندي تہ اهي سموري صوبي ۾ هڪ خاص عمر جي ڇوڪرين ۽ پنتي پيل ٻارن جي اسڪول رهڻ ۾ مدد ڪن.

سني معياري تعليم کان پري رهيل ٻارن ۾ خاص ضرورت وارا ٻار اچي وڃن ٿا. ايس اِي ايس پي اينڊ آر مختلف صلاحيتن وارن ٻارن کي موقعن جي آڇ ڪري ٿو جيئن اهي مکيه ڌارا وارن اسڪولن جو حصو ٿي سگهن. انهيءَ لاءِ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي پهريون پيرو استادن کي جامع (Inclusive) تعليم بابت سکيا ڏني ويندي. اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو اسپيشل تعليم کاتي سان اشتراڪ جو هڪ طريقيڪار تجويز ڪندو جيئن وڌيڪ جامع تعليمي نظام کي يقيني بڻائي سگهجي. هيءَ ڪميٽي هڪ رٿا تيار ڪندي جيئن مختلف صلاحيتن وارن ٻارن کي مکيه ڌارا وارن رسمي اسڪولن ۾ شامل ڪري سگهجي. انهيءَ سان گڏوگڏ اشتراڪ جا طريقيڪار جامع تعليم بابت هڪ جزو (Module) تيار ڪرڻ ۾ مدد ڏيندا ۽ پرائمري اسڪولن ۾ استادن لاءِ آگاهي سيشن منعقد ڪيا ويندا، جيئن اهي ٻارن ۾ خاص ضرورتن وارن ٻارن کي سڃاڻي ۽ رهنمائي وٺي سگهن ۽ جامع سکيا جي ماحول ۾ سهولت پيدا ڪري سگهن.

## عورت استاد (Female Teachers)

هيءَ ترجيحي پروگرام ڇوڪرين ۽ خاص طور بعد- پرائمري وارين جماعتن ۾ ۽ ٻهراڙين ۾ داخلا ۽ اسڪول ۾ موجود رهڻ ۾ بهتري آڻڻ جي ڪوشش ڪندو. اڳ ۾ بيان ٿيل حڪمتعملين سان گڏوگڏ هر سطح تي ۽ خاص طور ٻهراڙين ۾ عورت استادن جي دستيابي وڌائيندو جيئن مائٽهن کي ڇوڪرين کي اسڪولن موڪلڻ تي همٿائجي. اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو انهي ڏس ۾ عورت استادن جي ڀرتي ۽ مقرري قابليت جي بنياد تي، عورت استادن جي ڀرتي کي ترجيح ڏني ويندي. ڀرتي جي قاعدن قانونن تي نظرثاني ڪرڻ وقت اهو خيال رکيو ويندو ته ڪنهن خاص اسڪول ۾ مقرر ٿيل عورت استاد لازماً ساڳي ئي اسڪول ۾ نوڪري ڪري. پاليسي مطابق اِي سي سي اِي لاءِ مقرر ٿيل سڀ نوان استاد عورتون ئي هونديون. عورت استادن جي مقرري بهتر بنائڻ لاءِ قدم ضلعي طرفان کنيا ويندا. عورت استادن جي سهائتا ڪرڻ لاءِ نشاندهي ٿيل وڌيڪ ترجيحي ضلعن ۾ تجرباتي طور سواري مهيا ڪرڻ جي اسڪيم شروع ڪئي ويندي.

## وظيفا ۽ روڪ رقم کان سواءِ ٻيا انعام (Stipends and Non-cash Incentives)

اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو سن 2006ع کان وٺي سيني سرڪاري اسڪولن ۾ ڇوڪرين ۾ وظيفا ورهائي رهيو آهي. انهيءَ جو مقصد ڇوڪرين کي همٿائڻ جو آهي ته اهي سيڪنڊري تعليم مڪمل ڪرڻ تائين اسڪولن ۾ رهن. اهو پروگرام اهڙن انعامن جي اثر جو تعين ڪندو ته اهو اسڪولن ۾ حاضري ۽ موجودگي برقرار رکڻ ۾ ڪيترو مؤثر آهي ۽ اهو ته اهو ڪيتري قدر هلي سگهي ٿو ۽ ڪيترو ڄٽادار آهي. انهيءَ لاءِ هڪ اثر جو اڀياس (Impact Study) ڪرايو ويندو جنهن مان کاتي کي آئيندي جون حڪمت عمليون طئي ڪرڻ ۾ مدد ملندي ۽ اهڙا نوان قدم کنيا ويندا جن جو بنياد روڪ رقم تي نه هوندو.

انهيءَ اسڪيم کي وڌائي انهن ڪلاسن لاءِ اسڪالرشپ بڻايو ويندو جن مان اسڪول مان نڪري وڃڻ جو شرح وڌيڪ آهي يعني ڪلاس ڇهون ۽ نائون ۽ انهي وظيفي کي مشروط روڪ انعام ڪيو ويندو ته جيئن ڇوڪرن جي فقط سِر شماري بجاءِ انهن کي ڪارڪردگي تي اُياري سگهجي. انهيءَ مقصد کي مدنظر رکندي موجوده وظيفي واري طريقيڪار تي نظرثاني ڪئي ويندي، جيئن ان جي اثرائتي هئڻ واري صلاحيت وڌائي سگهجي. ڊائريڪٽوريٽ آف مانيٽرنگ اينڊ ايويليوشن پاران بلڪل شفاف نموني سان مانيٽرنگ سان انهي ڪم ۾ سهوليت ملندي، انهيءَ سان گڏوگڏ روڪ رقم جي بغير همت افزائي کي ترجيح ڏيڻ لاءِ ٻيون اسڪيمون پڻ ڳاهيون ونديون.

## ڇوڪرين لاءِ سواري (Transportation for Girls)

هڪ ٻي حڪمت عملي جيڪا هن سيڪٽر پلان ۾ شروع ڪئي ويندي اها آهي ڇوڪرين لاءِ سواري. نشاندهي ٿيل وڌيڪ ترجيح وارن ضلعن ۾ هڪ اسڪيم تيار ڪري تجرباتي طور هلائي ويندي جيئن ڇوڪرين ۽ عورت استادن لاءِ سواري جو بندبست ڪجي. انهيءَ اسڪيم جو دائرو وڌائڻ کان اڳ ان جي اثر ۽ ڄاڻاداري جي چڪاس ڪئي ويندي.

## 4.2 معيار ۽ سکيا (Quality and Learning)

حڪومت طرفان ملندڙ خدمتن (Services) مان معياري تعليم هڪ اهڙي تمام بنيادي خدمت آهي جيڪا سماج ۾ برابري لاءِ بنياد مهيا ڪري ٿي. اها ڳالهه اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي سڌاري جي ايجنڊا ۽ ٻين سيني ڪمن سان مربوط آهي. ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 صوبائي ۽ ضلعي سطحن تي معياري پهچ جي نظام جي سڌاري جو اهو اهم مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ صوبي ۾ تعليم ۾ تمام وڏي تبديلي آڻڻ لاءِ هيئن تبديل ڪرڻ گهرجي ته. اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو اهو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ اڳوڻي هڪ پاسي ٻيهي فقط صلاحيت وڌائڻ واري روش کي ڇڏي استادن جي لڳاتار پيشيوارانه واڌ ويجهه (Continous Professional Development) ڪري رهيو آهي ۽ استاد جي ڪارڪردگي ۽ تربيت ۾ اڳڀرائي کي ڪيريئر سان مربوط ڪندي سرڪاري اسڪولن جي استادن لاءِ ڪيريئر جي ڍانچي تشڪيل ڏئي رهيو آهي. ڀرتي لاءِ 2017ع جي قانون جي منظوري کان پوءِ سيني نون ڀرتي ٿيل استادن لاءِ نوڪري تي چڙهڻ وقت تربيت (Indication Training) لازمي ڪئي وئي آهي. نصاب لاڳو ڪرڻ جو ڍانچو (Curriculum Implementation Framework) ۽ ايڪويهين صديءَ ۾ سکيا جون ٻيون ترجيحون اختيار ڪري ونن. سنڌ ۾ معياري تعليم جو تمام اهم ابتدائي ڏاڪو ٿي پيو آهي.

چڪاس هڪ اهڙو طريقيڪار آهي جيڪو حاصلات جو ثبوت مهيا ڪري ٿو. اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو، سنڌ ايجوڪيشن اسٽوڊنٽ لرننگ آئوٽ ڪم فريم ورڪ (سيسلوف) جي پڪڙيل ڍانچي تحت اسڪول ۾ شاگرد جي چڪاس جو نظام لاڳو ڪرڻ جو مقصد رکي ٿو. انهيءَ ڪوشش جي پائيداري لاءِ ڪوششون جديد قسم جي چڪاسي عملن ۽ نظامن ذريعي ڪيون وينديون جن ۾ ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ انهن کي عام طور اِي اسيسمينٽ (e-assessment) ڪوٺيو وڃي ٿو. اها مشق پهرئين مرحلي ۾ ڇهن ريجنل هيڊ ڪوارٽرن کان شروع ڪري ان کي مرحليوار وڌايو ويندو.

اهي ترجيحون ٻن پروگرامن ۾ ورهايون ويون آهن. (P4) استادن جي ڀرتي، تعليمي قابليتون ۽ پيشيوارانه واڌ ويجهه ۽ (P5) معياري جاچ ۽ عمل (Quality Inputs and Processes)

### 4.2.1 پروگرام 4: ميرٽ تي استادن جي ڀرتي تعليمي قابليتون ۽ پيشيوارانه واڌ ويجهه

#### مربوط مقصد ۽ حاصل مقصد:

مقصد II: صوبائي ۽ ضلعي سطحن تي معياري پهچ جي نظامن جي گنجائش / صلاحيت وڌائڻ بشمول استادن جي ڀرتي استادن جي تربيت ۽ پيشيوارانه واڌ ويجهه، نصاب، درسي ڪتاب ۽ سکيا جو سازو سامان، شاگردن جي سکيا جا نتيجا ۽ معيار جي تصديق.

حاصل مقصد E: گهربل تعليمي قابليتون رکندڙ استادن جي ميرٽ تي ڀرتي يقيني بنائڻ ۽ سٺن وسيلن واري، مؤثر ۽ ڪارگر نموني بندوبست هيٺ رهندڙ نظام ذريعي سهائتا ڪرڻ.

**حاصل مقصد F:** استادن، هيڊ ماسترن ۽ منتظمن لاءِ اسڪولن جي مجموعي (Cluster) تي آڌاريل مسلسل پيشيوارانه واڌ ويجهه بابت پاليسي لاڳو ڪرڻ.

**بنيادي ذميواريون: اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو**




## ادارن کي مضبوط ڪرڻ (Institutional Strengthening)

استادن جي پرتي، تربيت ۽ پيشيوارانه واڌ ويجهه جي نظامن کي بهتر ڪرڻ جي پهرئين حڪمت عملي اهي ڪم سرانجام ڏيندڙ اختيارين جي اداراجاتي صلاحيتن کي مضبوط بنائڻ هوندو. انهيءَ ڏس ۾ ڊائريڪٽوريٽ آف ايچ آر، اسٽيڊا، پائيٽ، ڊڪار ۽ ٽيچرس ٽريننگ انسٽيٽيوشنس جي صلاحيتن جي اداراجاتي تجزيو (Analysis) ڪرايو ويندو، جنهن جو مقصد اهو هوندو ته انهن ملحق ادارن جي مضبوط ۽ ڪمزور پاسن جي چڪاس ٿي سگهي. انهي جائزي مان حاصل ٿيل سفارشون اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي استادن جي تربيت ۽ پيشيوارانه واڌ ويجهه جي ڪمن کي مضبوط بنائڻ جي صلاحيت وڌائڻ جي پلان جو بنياد هونديون. صلاحيتون وڌائڻ جي انهي پلان جي نفاذ جي شروعات هن پلان جي عرصي ۾ مڪمل طور تي ويندي انهي ۾ خاص صلاحيتون ۽ ٽيڪنيڪل مهارت رکندڙ عملي جي پرتي شامل هوندو. گڏوگڏ تسليم ٿيل ادارن سان گڏ هلندڙ پروگرام به شامل هوندا.

## استادن لاءِ ڪيريئر جا رستا (Career Pathways for Teachers)

ان ڪان پوءِ واري حڪمت عملي هوندي استادن لاءِ اهڙا ڪيريئر جا رستا ناهڻ جيڪي وڌيڪ مجتا ۽ سندن رستي تي وڃي هلن. انهيءَ ڪم جي شروعات ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي عرصي دوران ڪئي ويندي ۽ استادن جي ڪيريئر جي رستن لاءِ پيشيوارانٽي واڌ ويجهه ۽ نفاذ جي ڍانچن جي پاليسي ناهڻ سان ڪئي ويندي.

انهيءَ ڳالهه کي به ملحوظ خاطر رکيو ويو آهي ته نظرثاني ٿيل پاليسي اهڙا سنگ ميل قائم ڪندي جن سان نون استادن جي لاءِ نهڪندڙ تعليمي قابليتن کي يقيني بڻايو ويندو ۽ انهن کي انهي ڳالهه تي أپاريو ويندو ته هو پاڻ کي متئين گريڊ ۾ ميرٽ تي ترقي لاءِ اهل ثابت ڪن.

استادن جي ميرٽ جي اڌار تي مقرري جاري رهندي، هن پلان جي نفاذ جي عرصي دوران گهٽو زور سائنس ٽيچرز ۽ سبجيڪٽ اسپيشلسٽ استادن ۽ عورت استادن جي پرتي مقرري تي رهندو. انهي ڪان پوءِ استادن کي اجا وڌيڪ سرگرميءَ سان، گهٽڻ ادارن جي سهڪار سان ۽ پائيدار نموني نظرداري هيٺ رکيو ويندو انهي (ڪارڪردگيءَ جي چڪاس به شامل هوندي). سبجيڪٽ اسپيشلسٽ استادن جي پرتي مدل ۽ هاءِ اسڪولن ۾ ٻارن جي داخلا ۽ انهن جي موجودگي جا گهربل هدف حاصل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي (4.1.2)، جڏهن ته عورت استادن جي مقرري مان توقع آهي ته ڇوڪرين جي وڌيڪ داخلا ۽ اسڪولن ۾ موجودگي ۾ ڪردار ادا ڪندي (4.1.3)، انهيءَ ڳالهه جو به خيال رکيو ويندو ته ڪنهن به اسڪول ۾ ڪنهن مخصوص خالي جاءِ تي پرتي ٿيل استاد لازماً انهيءَ ئي اسڪول ۾ ڊيوٽي ڪن ۽ اتان بدلي ممڪن ئي نه هجي.

## استادن جي تربيت ۽ سي پي ڊي (Teacher Training and CPD)

تعليم ۽ سکيا جي معيار تي اثر وجهڻ ۾ استاد جي صلاحيت تمام اهم جزو آهي. تعليم جي سيڪٽر جون مضبوط ترجيحون اهي آهن ته نوڪري کان اڳ واري بهتر تربيت ۽ سي پي ڊي ماڊل تحت استادن جي تعليمي قابليتن کي وڌايو وڃي. اهو مقصد سامهون رکندي تربيت جي حڪمت عملي تي نظرثاني ڪئي ويندي ۽ استادن جي نوڪري کان اڳ واري تربيت ۽ پڻ اين ايف اِي، بالغن جي خواندگي ۽ اِي سي اِي ۾ وڌيڪ عملي ڪم شامل ڪيو ويندو ۽ انهيءَ ڳالهه کي يقيني بڻايو ويندو ته استادن جي تربيتي پروگرامن ۾ صنفي حساسيت واري معيار کي ملحوظ رکيو وڃي.

ايس اِي ايس پي اينڊ آر اهو طئي ڪيو آهي ته ويجهڙائي ۾ تيار ڪيل لڳاتار پيشيوارانٽي ترقي (Continuous Development Model) واري ماڊل کي سکيا جا ڪم بهتر بڻائڻ ۽ شاگردن جي سکيا کي وڌائڻ جي هڪ اهم حڪمت عملي طور نافذ ڪيو وڃي. انهي ۾ استاد، هيڊ ماسٽر ۽ منتظم اچي ويندا. سي پي ڊي ماڊل ۾ صوبي جا سيئي پرائمري ۽ ايليمينٽري اسڪول اچي ويندا جنهن سان اها خاطر ٿيندي ته صوبي جي استادن کي اسڪول منجهه سهائتا ملندي، PITE جي ذريعي نوڪري دوران تربيت جون رٿائون جوڙيون وينديون. انهن جو بنياد ضلعي سطح تي ڪرايل تربيت جي ضرورتن جي چڪاس تي هوندو.

تربيت ۽ سهائتا مقامي ماحول ۾ هڪٻئي جي آمهون سامهون ٿين ٿيون. نوڪري دوران تربيت ڏيندڙ معائني لاءِ اچي مدد ڪن ٿا ۽ استاد سکيل ڳالهيون تعليم ڏيڻ ۾ ڪتب آڻين ٿا ۽ ان جو نتيجن ۾ اظهار ٿئي ٿو ته اها ڇڻ ته آن لائين مدد ٿئي ٿي. اهو ماڊل استادن پاران هڪٻئي جي سهائتا تي دارومدار رکي ٿو ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائي ٿو ته واڌ ويجهه جو عمل اجتماعي رهي. اهي مکيه سرگرميون جيڪي هن پلان هيٺ لاڳو ٿينديون اهي هي آهن: ڪلسٽر / حب اسڪولن تي آڏاريل گائيڊ ٽيچرز جي چونڊ ۽ تربيت، اسڪولن تي آڏاريل سبجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر (سائنس، رياضي ۽ ٻولين ۾) جي چونڊ ۽ تربيت هڪ هفتي جا سي پي ڊي ڪورس بشمول پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جي سيني استادن کي سماجي، جذباتي مهارتن جي اسڪولن جا دورا ۽ سي پي ڊي لاءِ

هڪ مانيٽرنگ ۽ جائزي جو پلان تيار ڪرڻ انهي ۾ استادن جي تربيت ڪانپوءِ چڪاس به شامل آهي. اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي هن ماڊل کي ڪاميابي سان هلائڻ لاءِ گائيڊ ٽيچرز (جيڪي سي پي ڊي معائنا ڪندا) ۽ سبجيڪٽ ڪوآرڊينيٽرز لاءِ واڌو معاوضن جا بندوبست ڪيا آهن جيئن نوڪري دوران پروگرام جي سهائتا ڪري سگهجي.

عملي طور سنڌ حڪومت گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليجز آف ايجوڪيشن جو انتظام حوالي ڪرڻ لاءِ خانگي ادارن سان شراڪت ڪري چڏي آهي. اهڙي پهرئين شرڪتداري زير عمل آهي. انهيءَ ماڊل جي توسيع ۽ دائرو وڌائڻ کان اڳ اهو پروگرام اهڙو اپياس به ڪرائيندو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت اڳ ۾ جيڪي استادن جا تربيتي ادارا حوالي ڪيا ويا آهن انهن جي نتيجن جو معيار ڪهڙو رهيو آهي. اهو اپياس پلان جي ٽئين سال ۾ ڪرايو ويندو چاڪاڻ ته ڊگري پروگرام چئن ورهين جو آهي ۽ سنا نتيجا ٻن ورهين جي تياري کان پوءِ ئي اچي سگهن ٿا.

ڊائريڪٽوريٽ آف مانيٽرنگ اينڊ ايويليوشن جي ڪردار کي وسيع ڪيو ويندو اهو هاڻي مقداري نگهداشت کري پوءِ اڳتي هلي اها ڪلاس روم ۾ سکڻ ۽ سيکارڻ جي معياري چڪاس ٿيندي جنهن ۾ ڊجيٽل ايپليڪيشن ڪتب آندي ويندي.

### هيومن ريسورس مئنجمينٽ (Human Resource Management)

انهيءَ سان گڏوگڏ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو استادن جا بندوبستي نظام تيار ڪندو، جنهن ۾ ساليانِي ڪارڪردگي جائزي سان گڏوگڏ هيومن ريسورس ڊائريڪٽوريٽ جي ماتحتي ۾ بهتر نموني پرتي ۽ مقرري ٿيندي ۽ ان جي سهائتا هيومن ريسورس مئنجمينٽ انفارميشن سسٽم جي موجوده کان هڪ وڌيڪ سٽريل ورزن ذريعي ٿيندي. انهن حڪمت عملين جا تفصيل ترجيحي پروگرام 6 ۾ بندوبست ۽ انتظام جي اسميهت بيان ٿيل آهن.

## 4.2.2 پروگرام 5: بهتر چاڻ جا واڌارا ۽ طريقيڪار (Quality Inputs and Processes)

مربوط مقصد ۽ حاصل مقصد:

مقصد II: صوبائي ۽ ضلعي سطحن تي معياري پهچ جي نظامن جي صلاحيت وڌائڻ بشمول ميرٽ تي استادن جي پرتي، ميرٽ تي استادن جي تربيت ۽ پيشيوارانٽي واڌ ويجهه، نصاب، درسي ڪتاب ۽ سکيا جا سازو سامان شاگردن جي سکيا جا نتيجا ۽ معيار جي خاطري.

حاصل مقصد G: رسمي ۽ غير رسمي شاگردن جو نصاب بهتر بنائڻ جنهن ۾ مقامي ضرورتن، عالمي لاڙن، شموليتي تعليم ۽ زندگي جي مهارتن، صنفي برابري، ثقافتي تنوع ۽ شهريت تي وڌيڪ ڌيان هوندو.

حاصل مقصد H: درسي ڪتابن ۽ سکيا جي سازو سامان جي فراهمي جنهن جو بنياد موزون بولين ۾ نظرثاني ٿيل نصاب تي هجي.

حاصل مقصد I: هڪ هڪ اسڪول سان خاص شاگردن جي چڪاس ۽ رپورٽنگ جو سسٽم، پنجين ۽ اٺين جماعت جي شاگردن جي معيار جي چڪاس ۽ ڪلاس ۾ معيار جي چڪاس لاءِ ڊڪار/ پيس ۽ ڊي جي ايم اينڊ اِي کي مضبوط ڪرڻ.

### بنيادي ذميواريون: اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو




هن پروگرام هيٺ نصاب جي نظرثاني بابت حاصل ٿيل معياري جاچ کي چڪاس سان مربوط ڪرڻ کي هدف بڻائيندي اهڙيون حڪمت عمليون تيار ڪيون وينديون جن سان شاگردن جي سکيا بابت رپورٽنگ کي بهتر بڻائي سگهجي.

چڪاس جا مؤثر طريقا جوڙيا ويندا جيئن شاگردن لاءِ اها ڳالهه ممڪن بڻائي سگهجي جو اهي ٽيڪنالاجي ذريعي سگهارو ٻڌايل چڪاسي نظام ۾ پنهنجيون مهارتون ۽ قابليتون ظاهر ڪري سگهن.

### نصاب ۽ درسي ڪتاب (Curriulum and Textbooks)

سنڌ ڪريڪيولم ايڪٽ 2014ع جي سفارشن موجب رسمي ۽ غير رسمي تعليمي ادارن جي نصاب تي نظرثاني ڪئي ويندي. نظرثاني دوران تبديل ٿيندڙ تعليمي منظرنامي ۽ قومي تعليمي معيارن کي به مدنظر رکيو ويندو. بين ترجيحن سان گڏوگڏ ايس ڊي جي-4 کي سامهون رکندي وڌيڪ متوازن صنفي تناظر پيش ڪيو ويندو. اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو انهي ڳالهه کي به يقيني بڻائيندو ته ڪريڪيولم امپليمينٽيسن فريم ورڪ عملدرآمدي حڪمت عملي جو لازمي حصو بڻايو وڃي. وڌيڪ اهو ته بعد- پرائمري سطحن ۽ بين مهارتن تي ٻڌل پروگرامن لاءِ اين ايف اِي نصاب توڙي بالغن جا خواندگي نصاب اجا تيار ڪيا وڃڻا آهن، جيئن اين ايف اِي ۽ خواندگي کي ترجيحي پروگرام 1 (4.1.1) موجب توسيع ۾ مدد ڏئي سگهجي.

نصاب جي نظرثاني کان پوءِ ضروت آهي ته درسي ڪتابن جي مواد کي نئين سر لکيو وڃي، انهن ۾ ترميمون ڪيون وڃن يا انهن کي موجوده دؤر مطابق ڪيو وڃي جيئن ان مان نئين نصاب جي عڪاسي ٿئي. انهي ۾ اهڙي نظرثاني به شامل آهي جنهن مان اها خاطري ٿئي ٿي ته درسي ڪتابن ۽ سکيا جي سازو سامان جو مواد، ٻولي ۽

پيشڪش صنفي تعصب يا ٻئي ڪنهن بہ تعصب کان خالي آهي. اهو ماحول کان آگاهي فراهم ڪري ٿو ۽ هنگامي حالت ڪي مُنهن ڏيڻ جي آگاهي فراهم ڪري ٿو.

نصاب کي اثرائتي نموني لاڳو ڪرڻ ۾ مدد جي ڏس ۾ هيءُ پروگرام ٽيڪنالاجي آچيندڙ اداري جون خدمتون طلب ڪندو جيئن مواد کي بار- دوست بڻايو وڃي ۽ سکيا وٺندڙ کي وڌيڪ مصروف ڪري سگهجي. جتي مناسب هوندو اتي نصاب لاڳو ڪرڻ ۾ ۽ خاص طور ٻهراڙين ۾ نئين ٽيڪنالاجي جي فراهمي ذريعي مدد ڏني ويندي. اي- سکيا جي ضرورتن ۽ موقعن جو هڪ تجزيو ڪيو ويندو ۽ تجرباتي طور موزون قدم کنيا ويندا.

نوڪري شروع ڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ وارا پروگرام جن جو نظرثاني ٿيل درسي ڪتابن بابت استادن جي تربيت کي شامل ڪيو ويندو. (4.2.1)

## سکيا جي چڪاس (Learning Assessment)

چڪاس جي موجوده طريقيڪار سان گڏوگڏ جنهن جو بنياد استاد جي حاضري، ڪلاس ۾ داخلا ۽ ڪُٽل تعميراتي سهوليتن جي چڪاس تي آهي، هڪ اهڙو چڪاس جو جامع نظام گهربل آهي جنهن ۾ شاگردن کي ملندڙ تعليم جو معيار چڪاسيو وڃي. شاگردن کي ملندڙ معياري تعليم جي چڪاس کي ڊي جي ايم اينڊ اِي ذريعي مضبوط بڻايو ويندو. تعليم جي معيار کي مضبوط بنائڻ لاءِ ضرورت آهي تہ، چڪاس جي ترڪيبي (Formative) نظام کي بهتر بڻايو وڃي ۽ معمول وارن ڪلاس جي ڪم ۽ علم التعلم متعلق استادن جي تربيت ڪئي ويندي. شاگردن جي سڌاريل چڪاسي نظام جو مقصد اهو آهي تہ سکيا جي اهڙي طرح مانيٽرنگ ٿي سگهي جيئن جتي شاگردن جي حاصلات معيار کان گهٽ آهي اتي صوبو پنهنجي حڪمت عملي ۾ انهي مطابق ڦيرڦار ڪري.

سنڌ اسيسمينٽ اينڊ ايڊجسٽمينٽ پاليسي 2015 جي روشني ۾ کاتي ايس اِي ايل او اِي ايف (سيسلوف) تيار ڪيو جيڪو اسٽينڊرڊائيزڊ اچيومينٽ ٽيسٽ لاڳو ڪرڻ لاءِ هڪ عمومي دستاويز ثابت ٿيو. اسٽينڊرڊائيز ٽيسٽ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي پاران سنڌ ايجوڪيشن ريفارم پروگرام II جي حصي طور شروع ڪيو ويو هو ۽ ان جي ايس اِي ايس پي 2014-2018 وارن ورهين دوران تسلسل کاتي کي انهيءَ لاءِ آڌاريل هڪ لڳاتار هلندڙ چڪاس جو پروگرام تيار ڪيو وڃي. هيءُ پروگرام سيسلوف جي نظرثاني ۾ مدد ڏيندو ۽ پهرئين ۽ ٽئين جماعت ۾ ارلي گريڊ ريڊنگ اسيسمينٽ ۽ ارلي گريڊ ميٿميٽڪس اسيسمينٽ متعارف ڪرائيندو. ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 هڪ قدم اڳتي وڌائيندي پنجين ۽ اٺين جماعت لاءِ ٽيڪنالاجي ذريعي مضبوط بڻايل چڪاسي نظام متعارف ڪرائيندو. اهڙا تجرباتي پروگرام صوبي جي ڇهن ريجنل هيڊ ڪوارٽرن ۾ ٿيندا. توقع آهي تہ استادن جي سٺي نموني سهائتا، چڪاس جي وڌيڪ مهارتن ۽ سڌاريل مانيٽرنگ سان بتدريج شاگردن جي سکيا بهتر ٿيندي ۽ هر شاگرد جي سکيا جي نتيجن بابت مضبوط ثبوت تي ٻڌل رپورٽ ملي سگهندي.

## اداراجاتي مضبوطي (Institutional Strengthening)

هن ڏس ۾ پهريون قدم DCAR ۽ PEACe جي صلاحيت وڌائڻ هوندو، جيئن نصاب جي نظرثاني ۽ سڌارو ٿي سگهي ۽ شاگردن جوچڪاس جو نظام تيار ڪري ۽ لاڳو ڪري سگهجي. پلان هن ڏس ۾ ڊڪار ۽ پيس جي اداراجاتي تجزئي ۾ مدد ڪندو ۽ ڊڪار کي مدد ڏيندو تہ پنهنجي اداري جي بجيٽ تياري ۾ صحيح ڪم لاءِ صحيح ماڻهو مقرر ڪري، انهيءَ کان پوءِ صلاحيت وڌائڻ جو پلان ايندو، جيئن ڊڪار ۽ پيس کي مضبوط ڪري سگهجي ۽ اهي سکيا جي چڪاس ۽ تجزيو ڪري سگهن، شاگردن جي چڪاسن ۾ اوڻاين بابت ڄاڻ ڏئي سگهن. سي پي ڊي ذريعي درسي ڪتابن، نصاب ۽ استادن جي تدريسي ڪمن ۾ بهتري آندي ويندي. هن پلان ۾ ٻين قدمن سميت ڊڪار ذريعي خصوصي عملي جي ڀرتي شامل هوندي. اها ڀرتي ميرٽ جي طريقيڪار مطابق ڪئي ويندي.

ساڳئي وقت ڊڪار جي اڳواٽي ۾ استادن جي تربيت بابت ٽيسٽ آئٽم تيار ڪيا ويندا. رياضي، ٻولين (سنڌي ۽ اردو) انگريزي، سائنس ۽ سماجي اڀياس تي خاص ڌيان هوندو.

وڌيڪ اهو ته سيسلوف جي عدم مرڪزي (Decentralized) نفاذ کي سگهارو بڻايو ويندو. ايندڙ پنجن ورهين ۾ پنجين ۽ اٺين جماعت ۾ نموني طور سکيا جون چڪاسون مضبوط بڻايل ڊڪار ۽ پيس ذريعي لاڳو ڪيون وينديون. انهيءَ سان گڏوگڏ ڊڪار ۽ پيس پلان جي آخري ٻن ورهين ۾ پنهنجي اداراجاتي صلاحيت ڪتب آڻيندي ٻه لاڳيتيون چڪاسون لاڳو ڪنديون. هن پلان جي مدي جي آخر ۾ چوٿين کان اٺين جماعت جي سيني شاگردن جي چڪاس ايجنسي ڪرائيندي.

## معيار جي تصديق ۽ ايم اينڊ اِي (Quality Assurance and M&E)

اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو سيني سطحن لاءِ معيار جي تصديق جو پاليسي فريم ورڪ تيار ڪندو جنهن ۾ ضلعن ۽ ڪاتن کي مربوط بڻايو ويندو. ڪلاس جي چڪاس لاءِ رسمي طريقيڪار تيار ڪيا ويندا بشمول مشاهدو، چڪاس ۽ ڪلاس هلائڻ دوران استادن جي ڪم جي ٽڪ تور، غير حاضري گهٽائڻ لاءِ ڊي جي ايم اينڊ اِي پاران اسڪولن جي مانيٽرنگ شروع ڪئي وئي آهي. مانيٽرنگ کي ايس اِي ايس پي 2014-2018 جي بندوبست جي سيڪشن جي هڪ مقصد طور لاڳو ڪيو ويو هو ۽ اها سموري صوبي ۾ لاڳو ڪئي وئي آهي. بهرحال هن وقت مانيٽرنگ ۾ بنيادي طور فقط استادن جي حاضري ئي هدف آهي. مانيٽرنگ واري ايپليڪيشن ۾ سڌاري جي ذريعي ڊي جي ايم اينڊ اِي جي صلاحيت وڌائي ويندي. ان ايپليڪيشن ۾ هر هڪ ڪلاس ۽ مکيہ مضمون جي وچان واري (Rendom) نموني جي چڪاس شامل ڪئي ويندي.

هن عمل ۾ ڊي جي ايم اينڊ اِي جو ڪردار اهو هوندو ته هو هڪ منظم طريقيڪار تحت اسڪول جي قيادت کي خدمت جي فراهمي ۾ معيار جي تصديق کان آگاهه ڪندو ۽ ان امر بابت اعتماد ۾ بهتري آڻيندو ته معيار جون گهرجون پوريون ٿي رهيون آهن. نصاب ۽ اسڪيم آف اسٽڊيز ۾ مقرر ٿيل تعليمي معيار جون گهرجون پوريون ٿي رهيون آهن.

معيار جي تصديق، معيار جي بهتري ڏانهن پهريون قدم آهي. مانيٽرنگ جي انگن اکرن سان ڪنهن خاص مقرر وقت تي معيار جي سطح جو تعين ٿيندو جڏهن ته ڊڪار طرفان ڪرايل (Diagnostic Assessment) معيار جي سڌاري ۾ ڪردار ادا ڪندو جيڪو هڪ مسلسل ۽ متحرڪ عمل آهي. ڊڪار طرفان ڊائيگنوسٽڪ يعني تشخيصي چڪاس ذريعي کاتو درسي ڪتاب جي مواد جو جائزو وٺڻ جي قابل ٿي سگهندو ۽ شاگردن جي سکيا جي معياري نتيجن جي ڏس ۾ مداخلت ڪري سگهندو. نتيجي طور ڊائگنوسٽڪ اسيسمينٽ جي رپورٽ استادن جي تربيت جي ضرورت جي چڪاس جي نشاندهي ڪندو ۽ ان کي صوبي جي سرڪاري اسڪولن جي استادن جي لڳاتار پيشيوارانا ترقي (CPD) ۽ ڪيريئر جي رستن (Career Pathways) سان مربوط ميدان ۾ اقدامن لاءِ انهي امر جي ضرورت آهي ته ڊي اي اوز کي اهو اختيار ڏنو وڃي ته هو اسڪول جي نہ فقط مقدار (Quantitiy) پر معياري (Qualitative) چڪاس جي ذميواري کڻن ۽ استادن جي باقاعدگي چيڪ ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن جي ڪلاس ۾ اثر اندازي بہ چيڪ ڪن. کاتي پاران ترجيحي پروگرام 6 هيٺ وچئين سطح واري انتظاميہ کي مضبوط ڪرڻ واري اقدام سان هن پروگرام کي بہ مدد ملندي.

## 4.3 بندوبست ۽ انتظام

اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 25-A ۽ سنڌ فري اينڊ ڪمپلسري ايجوڪيشن ايڪٽ 2013/ رولز 2017 جي تقاضائن کي پورو ڪرڻ لاءِ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو انهن مقصدن جي حاصلات کي يقيني بنائڻ لاءِ ۽ وسيلا ذميواري سان ڪتب آڻڻ لاءِ ڪجھ ذميواريون عمل، پاليسيون ۽ طريقيڪار زيرعمل آڻڻ

گهري ٿو. انهي ڏس ۾، سنڌ تعليم سيڪٽر ۾ بندوبست (Governence) ۽ انتظام (Management) واري رُخ تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت اهي. جنهن ۾ اختيارن کي مرڪز کان ڏار ڪري ضلعي سطح تي آندو وڃي. سنڌ ۾ تعليمي سيڪٽر کي وڏ ۾ وڏ وسيلا ڏيڻ جي باوجود، سنڌ ۾ تعليم ۽ سکيا تائين پهچ جي لحاظ کان نتيجن ۾ اُن رفتار سان بهتري نہ آئي آهي جيتري ايس اِي ايس پي 2014-2018 ۾ مدنظر رکي وئي هئي. تنهنڪري موجوده ايس اِي ايس پي اينڊ آر جو هڪ عمومي مقصد سيني سطحن تي وسيلن جو وڌيڪ مؤثر ۽ وڌيڪ احتساب جوڳو استعمال هوندو.

تعليمي سيڪٽر ۾ تنظيم ۽ ذميوارين کي مرڪزي ۽ غير سرڪاري سطحن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي، ضرورت انهي امر جي آهي تہ، ضلعي آفيسر انتظامي ڪم جي نظرداري ڪن ۽ اسڪولن جي مؤثر هئڻ بابت بہ ذميوار هجي. وڌيڪ مجموعي ۽ سوچ سمجهہ واري رٿابندي مؤثر چڪاس جا وقت ۽ پوئواري (Follow-up) وارا جائزا ضروري آهن جنهن ۾ انهن ذميوارين جي مددگار اداراجاتي جوڙجڪ ۽ مناسب ۽ موزون صلاحيتون رکندڙ عملو هجي. انگن اکرن جي پنيرائي رکندڙ نظرداري ۽ احتساب ڪاميابي جي ڪنجي ثابت ٿيندا.

### 4.3.1 پروگرام 6: پيشيواراڻي تعليمي قيادت ۽ بندوبست

#### مربوط مقصد ۽ حاصل مقصد

مقصد III: سيني سطحن تي وسيلن جو وڌيڪ مؤثر ۽ قابل احتساب عمل

حاصل مقصد J: اهڙا انتظامي طريقيڪار وضع ڪرڻ جيڪي ڪارڪردگي ۽ احتساب کي مضبوط ڪن

### بنيادي ذميواريون: اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو

- پروگرام 6: پيشيوراڻي تعليمي قيادت ۽ بندوبست
  - J. اهڙا انتظامي طريقيڪار وضع ڪرڻ جيڪي ڪارڪردگي ۽ احتساب کي مضبوط ڪرڻ
    - 6.1 اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جو فنڪشنل جائزو وٺڻ جيئن اداراجاتي جوڙجڪ ۽ وسيلن کي ورهائڻ جو فراهمي ڪارڪرگر ٿئي
    - 6.2 تحت صوبائي سطحن تي وچين انتظامي عهدن لاءِ ڀرتي جي قاعدن قانون ۽ طريقن ۾ سڌارا آڻڻ
    - 6.3 ايس ڊي جي-4 ۾ وڌيل جي چڪاس، ربط، مانيٽرنگ ۽ رپورٽنگ بابت اداراجاتي واڌ ويجهه (بشمول وسيلن ۾ مطابقت پيدا ڪرڻ)
    - 6.4 انتظامي عهدن تي صنفي برابري ۾ سڌارو آڻڻ
    - 6.5 سڌريل ۽ جامع ايچ آر ايم آءِ ايس تيار ڪرڻ ۽ لاڳو ڪرڻ
    - 6.6 هڪ منظم پرفارمنس مئنجمينٽ سسٽم وضع ۽ لاڳو ڪرڻ
    - 6.7 اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي ابلاغي يونٽ کي مضبوط ڪرڻ
    - 6.8 ايس ايم سيز جو احتسابي ڪردار مضبوط ڪرڻ

## فنڪشنل جائزو (Financial Assessment)

انتظاميه جي مختلف سطحن جي صلاحيت ۽ ڪارڪردگي کي سڌريل تعليمي سهوليتون فراهم ڪرڻ جي ڏس ۾ بهتر بنائڻ لاءِ هيءُ پروگرام اهو تجويز ڪري ٿو ته اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جو فنڪشنل جائزو ورتو وڃي. تعليمي سيڪٽر جي جائزي مرڪزي ۽ عدم مرڪزي سطحن تي اداراجاتي مشڪلاتن جي نشاندهي ڪئي جيڪي سهڪار جي عملن سان لاڳاپيل هيون. انهيءَ ۾ ڪجهه عمل اهڙا به هئا جيڪي هڪ کان وڌيڪ انتظامي يونٽن جي عملداري ۾ آيا ٿي يا ته ڪجهه عملن (Functions) جو ڪير ذميوار ئي نه هو وري مختلف انتظامي سطحن تي ڪجهه عهدن جي سرڪاري طور بيان ٿيل ذميوارين ۽ انهن عهديدارن، آفيسن ۾ جيڪي ڪم ڪيا ٿي انهن ۾ به فرق هو، درست ۽ موزون تعليمي قابليت رڪندڙ ماڻهو صحيح ڪم لاءِ رکڻ جي لحاظ کان به اوڻايون هيون.

مجوزه جائزو مرڪزي ۽ صوبائي سطحن تي سيني ڊائريڪٽوريٽن، ملحق ادارن ۽ آفيسن جو احاطو ڪندو. انهيءَ جائزي جي سفارشن جي روشني ۾ مرڪزي ۽ غير سرڪاري سطحن تي انتظامي تبديليون ۽ صلاحيت وڌائڻ جا پلان آندا ويندا. استادن جي تربيت ۽ پيشيوراڻي واڌ ويجهه سان لاڳاپيل عملدارن جو بيان 4.2.1 ۽ 4.2.2 ۾ ڪيو ويو آهي. سرڪار پاران رٿابندي سان ڪيل هن مداخلت جو ڌيان صلاحيت ۾ ربط تي هوندو. وڌايل صلاحيت انهن کي مٿي ڊائريڪٽوريٽ ۽ هيٺ اسڪولن تائين وڌيڪ ڪارڪردگي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪارگر شراڪت دار ثابت ڪندي. هن سرگرمي جو مقصد نظام جي مقصدن ۽ مقامي ضرورتن جي لحاظ کان نظام ۾ وڌيڪ مربوطي پيدا ڪرڻ آهي. اهو به پيش نظر رکيو ويو آهي ته وچئين سطح وارا مئنيجر اجتماعي ڊرائيور

ٻڌجي پون ۽ شاگردن جي ڪاميابي لاءِ اجتماعي ذميواري ڪتب آڻين. هي ساخياتي مضبوطي ورهايل قيادت جي مرڪزي ۽ نظام جي ڪايا پلٽ سان اشتراڪ کي سگهارو بڻائيندي.

ان ذريعي سان انتظامي اڳواٽي کي اختيار ڪري اسڪول جي ليڊرشپ ۽ مقامي انتظاميه سان گڏجي سڏجي هڪ اهڙي اڳواٽي کي هٿي ونرائجي، جيڪا نه صرف جانچ جونچ ۽ تعليمي حاصلات وڌيڪ ملي سگهي ته وري گڏوگڏ عملي تدريس ۽ شاگردن ۾ شوق ۽ ذوق کي برقرار رکي سگهجي.

اسڪول ايجوڪيشن ۽ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ان ڳالهه ۾ يقين رکي ٿو ته، ٻارن جي مؤثر تدريس پوءِ چاهي اها علائقائي، ضلعي يا تعلقي ليول تي ئي چو نه هجي پر ان لاءِ اسان کي ڊگهي مدي وارين پاليسين کي اختيار ڪرڻو پوندو، جيتوڻيڪ اهو هڪ وڏو چئلينج آهي، پر اسان کي اهو منصوبو هر حال ۾ ڪامياب ڪرڻو آهي. اهو اسان کي وچولي درجي جي انتظاميه جهڙوڪ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر، ضلعي ايجوڪيشن آفيسر ۽ اهڙي ريت ڊپٽي ۽ ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن جي وسيلي سان ان منصوبي تي عملدرآمد ڪري سگهجي ٿو ۽ اها انتظاميه جي سليڪشن ايجوڪيشن اٿارٽي جي صوبائيانتظاميه ۽ مقامي انتظاميه طرفان ڪئي ويندي. اها ڪاميٽي ان ڳالهه جي ذميوار هوندي ته اها وچولي درجي جي آفيسرن جو انتخاب ڪري، جيڪي گهٽ ۾ گهٽ سترهين گريڊ ۽ ان ڪان مٿان جا هجن، اها ڪاميٽي هن ڳالهه کي يقيني بڻائيندي ته اها سليڪشن ڪاميٽي ناهي، جيڪا انتظامي ۽ پرتي جا قانون جوڙين ۽ گڏوگڏ مستقبل جي لاءِ پنهنجون سفارشون ۽ حڪمت عمليون ترتيب ڏين. اهڙا افراد پرتي ڪن جيڪي صحيح نموني سان پنهنجي ذميوارين کي نڀائين، جيئن اسان مٿي چئي چڪا آهيون ته، اهي وچولي درجي جا انتظامي آفيسر، جيڪي اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي جا هوندا، سي هر وقت تعليم جي ترويج ۽ اوسر لاءِ وڌ ۾ وڌ ڪوشان هوندا. ان منصوبي جي پوري ڪرڻ ۾ خاص ۽ اهم ڪردار تعلقه ۽ ضلعي ايجوڪيشن آفيسر جو هوندو.

اسڪولن جي حالت، جيڪا 2019ع واري سروي، هن ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته، سنڌ جي اسڪولن ۾ استادن ۽ شاگردن جو جيڪو شهري ۽ ٻهراڙي جو ريشو آهي، تنهن ۾ گهڻو تضاد ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن ڪري اسان کي تعليم جي حوالي سان مڪمل حاصلات نه ٿي سگهي. ان ڪري هاڻي اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته، استادن کي هڪ جاءِ تان ٻي جاءِ تي بدلي ڪيو وڃي پوءِ اهو شادي جي بنڌڻ واري حساب سان يا اسين ٽي. آر. جي حوالي سان ئي چو نه هجي. ان ذريعي سان اسان سنڌ جي پبلڪ توڙي پرائيويٽ اسڪولن ۾ تعليم جي فرق کي گهٽي حد تائين ختم ڪري سگهون ٿا.

اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتو جنسي فرق کي ختم ڪرڻ لاءِ پڻ ڪوشان آهي ته، ان تفريق جي اختتام لاءِ اسان کي ڪي اقدام کڻڻا پوندا. ان لاءِ پڻ اسان کي ڊگهي مدي واريون پاليسيون جوڙيون پونديون، هن وقت تائين اسان جو تعليم ۽ خواندگي کاتو ان تي ڪا گهڻي پيش رفت نه ڪري سگهيو آهي ۽ نه وري عورتن کي ان حد تائين پهچائي سگهيو آهي. ان ڳالهه جي ضرورت آهي ته، جيئن عورتن کي ان مقام تي پهچائجي ته اهي به معاشري ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن، تنهنڪري انهن کي پڻ مٿي ڄاڻايل عهدن تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ برابر جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ته جيئن وچولي درجي جي انتظاميه ۾ اهي به دخل ڪار ٿي سگهن ۽ ان حوالي سان اهڙيون مربوط پاليسيون جوڙڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

## احتساب

هن پروگرام جي بئي اهم خصوصيت اها آهي ته، هن جي نظام ۾ اهڙو هڪ طريقو جوڙيو وڃي، جو ان ۾ احتساب کي هٿي ونرائي سگهجي. هن جي اهم ۽ خصوصي مقصدن مان اها تمام اهم شيءِ آهي هڪ نئون انتظامي نظام جوڙيو وڃي، جو احتساب تي ٻڌل هجي. ان ڏس ۾ اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي گهڻي اڳڀرائي ڪئي آهي خاص ڪري ايس اِي ايس پي 2014-2018 جو ناهيو ويو هو ايچ. آر. ايم. آءِ. ايس پاران ته جيئن اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي کي ترقي ونرائجي ۽ ڪين انتظامي لحاظ کان گهڻو اڳيرو ڪجي. سڀ کان پهريان موجوده ايچ. آر. ايم. آءِ. ايس ۾ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي لاءِ انفارميشن ۽ انساني ذرائع کي استعمال ڪندي خواندگي کاتي جا تفصيل گڏ ڪرڻ، بايوميٽرڪ چڪاس جو نظام، مانيٽرنگ سسٽم ۽ جانچ جونچ جي نظام کي مربوط بنائڻ آهي. ان لاءِ اسان جو اهم مقصد پڻ اهو آهي ته، اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي ۾ اهڙا قسم جا سڌارا ترت آندا وڃن جو اسان جي اهم مقصدن مان اهو ڪم تمام ضروري آهي.

ان حوالي سان هڪ اهم ۽ معياري پروگرام پرفارمنس مئنجمينٽ سسٽم (PMS) آندو پيو وڃي ته جيئن اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي ۾ موجوده ملازمن کي احتساب جي جڪڙ ۾ آڻي سگهجي، جنهن اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي اهڙو منظوري پڻ ڏئي ڇڏي آهي ۽ اهڙو منصوبو پڻ جوڙيو ويو آهي پر ان جو لاڳو ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان ۾ اهي ڳالهيون به اهن ته ان جي لاءِ عملي ۽ ڪم ڪندڙن لاءِ ڪي مخصوص قانون ۽ قاعدا جوڙيا وڃن، جيڪي تعلقي توڙي ضلعي ليول تي لاڳو ڪيا وڃن ته جيئن اهي به پرفارمنس مئنجمينٽ سسٽم جي نيٽ ورڪ ۾ اچن.

## رابطو

هڪ اهڙو معياري پرفارمنس مئنجمينٽ سسٽم پروگرام، تعليم جي سيڪٽر ۾ آندو وڃي، جنهن سان نيون پاليسيون ۽ حڪمت عمليون ناهي سگهجن. اسڪول ايجوڪيشن ريفارم پروگرام 2014-2018 جي مطابق، هڪ اهڙو رابطي جو ادارو يعني ريفارم سپورٽ يونٽ ناهيو وڃي، جيڪو اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي ۾ رابطي جو ڪردار ادا ڪري، جنهن ذريعي عملي جو تفصيل ۽ تربيت جو انتظام ڪري سگهجي. ان سان گڏ هڪ شڪايتي مئنجمينٽ سيل پڻ هجي، جنهن ذريعي آن لائين موبائيل ايپروچ هجي، جنهن سان عوامي شڪايتون ٻڌي سگهجن. ان ذريعي سان شڪايتي مئنجمينٽ سيل ناهي ترقي جي طرف هڪ اهم وِک وڌائڻ هوندو.

## علائقائي ڀائيواري

ان جي لاءِ وڏي علائقائي شراڪت جي ضرورت آهي، جنهن ۾ اسڪول جي مئنجمينٽ ۽ ضلعي انتظاميه جو پاڻ ۾ ڀائيواري ضروري آهي ته جيئن سمورن اسٽيڪ هولڊرن سان رابطو آسان ٿي سگهي. جڏهن ته ان کان اڳ ۾ اهو ڀائيواري تمام محدود هو، جيڪو صرف شاگردن جي حاضري ۽ عملي تائين محدود هو، پر هن ۾ عوام، استاد، شاگرد، مقامي انتظاميه ۽ تعلقہ توڙي ضلعي انتظاميه سان لھ وچڙ ۾ اچڻ جي همت افزائي ڪئي وئي آهي. هن پروگرام ۾ اهو پڻ ڏسڻو آهي ته، اسڪول ڪيئن پيو هلي، اسڪول مئنجمينٽ برابر ڪم ڪري پئي يا نه. استاد، شاگرد، عملو ۽ انتظاميه جو پاڻ ۾ ڪيترو لاڳاپو آهي. آيا اسڪول مئنجمينٽ ڪاميٽي پنهنجو صحيح نموني سان ڪردار ادا ڪري پئي يا نه. جيڪڏهن انهن مٿين مان ڪوبہ صحيح ڪم نہ پيو ڪري ته، ان جو سماجي احتساب ڪرڻ لازم آهي.

### 4.3.2 پروگرام 7: وسيلن جي ورهاست ۽ استعمال ۾ سڌارا

لاڳاپيل مقصد:

گول III: هر محاذ تي ذرائع جي صحيح ونڊ ورڇ تي زور ڏنو ويو آهي.

مقصد K: جنهن ۾ شفاف ۽ صاف ستري نموني جي ورڇ پر اهو پگهارن واري مد مان نه هجي.

بنيادي ذميواريون: اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو




احتساب جو شفاف نظام لاڳو ڪرڻ، جنهن سان سٺي پرفارمنس برآمد ٿئي ۽ مڪمل طور اسان جا مقصد حاصل ٿي سگهن. اهو بهترين طريقو آهي ذرائع کي وذائڻ ۽ ان جي صحيح نموني سان ورڇ جو، ان ڪان اڳتي اجا به ڪجهه وڌي ڪري، هن سجي نظام کي ايس. اِي. ايس پي ايند آر جي پروپوزل ۽ رٽ مطابق ضلعي انتظاميه ۽ اڪائونٽنس آفس تائين وذائڻ گهرجي ته جيئن انهن بهترين سرگرمين سان هي نظام وڌيڪ ترقي ماڻي سگهي. اسان وٽ خرابي اها آهي جو اسان وٽ فنڊن جي صحيح ورڇ نه آهي، تنهنڪري هينيون خرابيون لازم اچن ٿيون:

i. خزاني کاتي کان فنڊن جو دير سان رليز ٿيڻ
ii. ڊي. ڊي. او جي گهٽتائي ۽ ذرائع جي حاصلات ۽ مالي بدانتظامي
iii. پگهارن کان علاوه فنڊن جي مرڪزيت
iv. فنڊن جو صحيح وقت تي جاري نه ٿيڻ ۽ نه وري انهن جي مناسب ورڇ ٿيڻ

وقت تي بجيٽ جو جاري ٿيڻ لاءِ هڪ پلو سٺاءُ جوڙڻ ۽ صحيح نموني سان ورڇ ڪرڻ ته جيئن اهو نظام تنقيد هيٺ نه اچي سگهي، جو ته اڪثر ڪري اهو ڏنو ويو آهي ته جاٽي واٽي يا بدانتظامي جوڙجڪ جي ڪري بجيٽ کي دير سان رليز ڪيو پيو وڃي، جنهن ڪري اسان کي هڪ وڏو نقصان ڪٽڻو پوي ٿو، جيڪو وقت سر ڪم نه ٿا ٿين يا وري اهي گهٽو ڪري رُلي وڃن ٿا. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته بجيٽ کي جلد جاري ڪري ترقي جي راهه کي سڌو ۽ سولو ڪيو وڃي.

### بجيٽ جي نظام تي نظرثاني ۽ ان جو واڌارو

پهرين قدم ۾ اهميت ان کي ڏني وڃي ته، بجيٽ جي اجراءِ ۾ سڌارا آندا وڃن. ان جو صحيح نموني سان سٺاءُ ڪيو وڃي ۽ ان جي اجراءِ ۾ جيڪي خرابيون هجن تن کي فوري طور ختم ڪيو وڃي.

ڪم جي حوالي سان اهو پڻ ڏٺو ويو آهي ته، جيڪڏهن بجيٽ گهٽ يا ٿوري الاٽ ڪئي وڃي ٿي ته به ڪم اڌ ۾ رُلي وڃي ٿو ۽ ترقي جي راهه رُڪجي وڃي ٿي. مثال جي طور تي پبلڪ توڙي پرائيويٽ سيڪٽر جي حوالي سان تربيت جو انتظام ڪيو وڃي ٿو ته ان ۾ پڻ بجيٽ جي ضرورت پوي ٿي، جيڪڏهن وقت سر پئسا جاري نه ٿيا ته، ڪم اڌ ۾ رهجي ويندو. اسڪول تعليم ۽ خواندگي ڪاتو پنهنجي ڊي. ڊي. او ۽ سب ڊي. ڊي. او کان سواءِ تعلقه توڙي ضلعي ليول تي مئنجمينٽ جي آفيسرن جي تربيت ڪئي وڃي. مثال طور ايس. پي. پي. آر. اي ڪي ٽريننگ پروگرام سان ڳنڍيو وڃي ته جيئن هلڪا ڦلڪا ڪورس علائقائي توڙي ضلعي ليول تي منعقد ڪيا وڃن پر ان ۾ به بجيٽ ۽ پئسن جي ورڇ جا اصول، جيڪي صوبي جي حوالي سان آهن، تن جي پوئواري ڪئي وڃي.

گذريل ستن سالن دوران 9.4 بلين شاگرديائين لاءِ وظيفو جاري ڪيو ويو، جنهن لاءِ چيو پيو وڃي ته، ان مان به رڳو 53 سيڪڙو خرچ ڪيو ويو. سو ان لاءِ اسان ڏکهي مدي وارين پاليسيون جوڙيون پونديون ته جيئن صحيح ورڇ ۽ ان جو صحيح استعمال ٿي سگهي. هن پلان جو اهو پڻ مقصد آهي ته، جانچ جونچ ۽ چڪاس جو اهڙو نظام متعارف ڪرائجي، جنهن ۾ روزمره جي بنياد تي چڪاس اهڙي ڪئي وڃي، جو ڪوڙي انرولمينٽ جي ورڪتام ڪري سگهجي. اهڙي ريت چڪاس جو عمل اهڙو متعارف ٿيندو، جنهن سان صحيح ورهاست ۽ احتساب جو عمل آسان ٿيندو، جنهن ڪري اسان وظيفي جي ورهاست آسان نموني ڪري سگهنداسين، ان ۾ نه رڳو غلط ڪم کي روڪي سگهنداسين پر ڪوڙي انرولمينٽ کي پڻ ٻنجو اچي ويندو. ان لاءِ اسان مختلف ايپروچ جو استعمال ڪندي ٻارن کي وظيفن جي ورڇ ۾ اهو طريقو عمل ۾ آڻڻو آهي.

اهو هڪ نظرثاني وارو رول آهي، جيڪو اسڪول مئنجمينٽ ڪاميٽي لاءِ هڪ رول ماڊل جو ڪردار ڪرڻو آهي، ڏسو ان جي نظرثاني رُول جا اثرات، ان مان ثابت ٿيو ته، اسڪول مئنجمينٽ ڪاميٽي کي به فنڊن جي ورهاست تي نظر رکڻي پوندي، خاص ڪري انهن فنڊن تي جيڪي بئنڪن ذريعي جزوي يا سماهي جاري ٿين ٿا، پوءِ انهن فنڊن جي آڊٽ ڪرائڻ لازم هجي، ان سان هي نظام درست رُخ طرف وڌندو رهندو.

### 4.3.3 پروگرام 8: اثرائتي ۽ نتيجا ڏيندڙ رٿابندي ۽ ايم ايند اي

لاڳاپيل مقصد:

گول III: تمام مؤثر ۽ حساب ڪتاب سان ذرائع جو استعمال ڪرڻ هر ليول تي ته جيئن ورڇ جو صحيح استعمال ايس اِي ايس پي ايند آر 2019-2024

مقصد L: ان کي اهڙي نموني استعمال ڪرڻ گهرجي ته جيئن ذرائع جي مناسب ورڇ ٿي سگهي ۽ ان جا اثرات ضلعي کان تعلقي سطح ۽ علائقائي ادارن تائين پهچڻ گهرجن. ان ڏس ۾ ضلعي تعليمي گروپ، ايل. اِي. جي، آءِ. ايم-ايس اِي ايس پي ۽ جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر جي تعاون سان مؤثر بنائڻ گهرجي.

## بنيادي ذميواريون: اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو




سٺي حڪمراني، هڪ مضبوط پٿر جو بنياد رکندي آهي، ڪنهن ڊگهي مدي جي ترقي لاءِ تعليم جي بهتري لاءِ پڻ هڪ مضبوط پاسو ثي پوندي آهي، جنهن ذريعي سان منصوبه بنديون ۽ حڪمت عمليون جوڙبيون آهن ته ڪهڙي طريقي سان ايجوڪيشن سيڪٽر کي ترقي ونرائجي ۽ سٺي انتظاميه جو بنياد رکجي. هن پلان جو ٽيون ۽ اهم مقصد اهو به آهي ته، گڏيل انتظاميه ۽ علائقائي قيادت جي تعاون سان ان مسئلي کي سهٽي نموني حل ڪري سگهجي ٿو، جنهن ذريعي سٺي منصوبه بندي، مستقبل جا پروگرام، تفصيل گڏ ڪرڻ، تجزيو ڪرڻ ۽ نگهداشت واري عمل کي اڳتي وذائي سگهجي ٿو. هي پروگرام اسان کي تجويز ڪري ٿو ته اسين نيون نيون حڪمت عمليون، منصوبه بنديون ۽ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي هدايتن مطابق عمل درآمد ڪري سگهجي، جيئن ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 مطابق ان پروگرام کي لاڳو ڪري سگهجي.

ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 هڪ بنيادي ۽ شروعاتي قدم آهي، ان لاءِ ضروري آهي ته، اسان ان مان ڪا آئوٽ پُٽ حاصل ڪريون، جو ته اها لاپ حاصل ڪرڻ هن چئلينج واري دؤر ۾ هڪ وڏو ڪارنامو هوندو. ان ۾ اسان کي اهو پڻ خيال رکڻو آيه ته، اسان اهڙيون پاليسيون ۽ منصوبه بنديون ڏيون جن سان ٻارن جي حاضري ۾ اضافو ٿئي ۽ سنڌ تعليم هر حال ۾ بهتر کان بهتر ٿئي، ان حوالي سان اسان کي ضلعي انتظاميه توڙي علائقائي ڪارڪنن سان ملي ان منصوبي کي ڪامياب ڪرڻو آهي، پر اسان کي اها ڪاميابي تڏهن ملي سگهي ٿي، جڏهن اسان سان ڳوٺاڻ ۽ علائقي واسين جو ڀرپور تعاون هوندو ۽ خود ٻارن جا والدين به ان معاملي ۾ اسان سان سهڪاري ٿيندا. اهي سمورا مرحلا طئي ڪرڻ کان پوءِ اسان منصوبي جي تڪميل طرف وڌنداسين ۽ ان جي نگهداشت جي ذميواري پڻ اسان جي هوندي، جو اسان کي سيڪشن -5 ۾ واضح هدايتون ڏنل آهن.

## منصوبه بندي، عملدرامد ۽ چڪاس مرڪز

هڪ اهڙي مرڪزي، حڪمت عميل جي بنياد تي منصوبه بندي ۽ چڪاس جو عمل اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي هدايتن مطابق خاص ڪري ايس اِي ايس پي اينڊ آر (ريفارم سپورٽ يونٽ) مطابق عمل ۾ آندو وڃي ۽

ان لاءِ اهڙو ئي هڪ فني عملو مقرر ڪيو وڃي، جيڪو ان کي درست رُخ تي هلائي سگهي. پر اهو عملو پرعزم ۽ ڪم ڪرڻ جو جذبو رکندڙ هجي. ان ذريعي سان اسان هڪ جاذب ۽ پروقار ۽ تعميري تعليمي ماحول ۽ منظم ڪمائتا ماڻهو پيدا ڪري سگهون ٿا پر ان ۾ اسان سان ضلعي تعليمي انتظاميہ يعني ضلعي انتظاميہ ۽ تعلقہ سطح تي اسان سان سهڪار ڪن، پوءِ جيڪڏهن اسان جي ڪم ۾ ڪجهہ نان گورنمينٽ آرگنائيزيشن بہ شامل ٿي سگهي ٿي. ان جي اختتام طور اسان اهو بيان ڪريون ٿا تہ ضلعي توڙي تعلقہ سطح تي آفيسرن جو تعداد وڌائجي تہ جيئن ان منصوبي کي تڪميل تي پهچائڻ ۾ آساني ٿي سگهي، گڏوگڏ ذرائع کي بہ وڌائڻ لازم آهي تہ جيئن ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن پلان ۽ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن گروپن کي فعال ڪجي تہ جيئن اهي ان منصوبي کي نظرثاني طور ڏسن، پر صوبائي سطح تي هاءِ ليول تي جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر کي پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو تہ گڏيل طور اهي پڻ ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي تعاون سان ۽ گڏوگڏ يونيسيف جي تعاون سان فني مدد جي پڻ ضرورت پوندي.

چڪاس ۽ سڄي مرحلي جي رپورٽ ۽ ايس اِي ايس پي اينڊ آر جي تعاون سان ضلعي ۽ صوبائي سطح تي ان کي ترقي ونرائجي تہ وري گڏوگڏ آءِ ايم- ايس اِي ايس پي ۽ يونيسيف جي اشتراڪ سان ان منصوبي کي تڪميل تي پهچائي. ان مرحلي جي حوالي سان چڪاس، جائزو ۽ عملدرآمد جي تڪميل لاءِ ايس اِي ايس پي جو عمل ساراهہ جوڳو آهي ۽ انهن کي منصوبي جي حوالي سان وقت بوقت رپورٽون شايع ڪرڻ گهرجن ۽ انهن ۾ جيڪي جهول يا خاميون هجن تہ انهن کي وري نظرثاني ڪري بهتر ڪيو وڃي.

هن پروگرام بابت وڌيڪ وضاحت ڪجي ٿي تہ، هن ۾ سرگرمين کي وڌائڻ گهرجي تہ جيئن ٻارن جو تعداد وڌي، سٺي منصوبہ بندي ٿي ۽ چڪاس جي عمل کي وڌيڪ هٿي ونرائجي، جيئن اسان جا رسمي توڙي غير رسمي خواب ساپيان ٿين، پر اهو عمل مانيٽرنگ ۽ جائزي واري نظامتِ تعليم جي تعاون سان اڳتي وڌي سگهندو تہ جيئن اسين پنهنجا تڪڙا مقصد حاصل ڪري سگهون ۽ حاضري جي واڌاري واري عمل کي چڪاسي سگهون تہ جيئن اسان کي پنهنجن ڪيل ڪمن ۽ آندل منصوبن جو جلد کان جلد فيض ملي سگهي.

# 5. عملدرآمدء چکاس ءِ جائزو

## 5. عملدرآمد، چڪاس ۽ جائزو

هڪ عملدرآمد وارو منصوبو، جيڪو حڪمت عملي جي نظامت تحت جڙيل هجي، وڌيڪ لاءِ (ڏسو دستاويز/ لاحقو).
هڪ سونهري منصوبو اسان کي هن ڳالهه جو سبق ڏئي ٿو ته، اسين هڪ جوابدار شهري جو ڪردار ادا ڪريون ۽ اهڙيون سرگرميون ڪريون، جن سان تعليمي عمل ۾ گهٽي کان گهٽو استفادو ممڪن ٿي سگهي ۽ هاڙو معاون چڪاس ۽ عملدرآمد وارو ڪم هجي، جنهن جو جزاءُ ايم ايندڙ اِي جي طريقي مطابق ترتيب ڏنو ويو هجي.

هي ڪم ايس اِي ايس پي ايند آر 2019-2024، اسان کان اها گهُر ڪري ٿو ته، اسان چڪاس ۽ عملدرآمد جي عمل کي اڳتي آڻيون ۽ ان کي ڏگهي مدي تائين وڌايون نه ته به گهٽ ۾ گهٽ پنجن سالن تائين منصوبه بندي ڪريون، ان منصوبي جون جيڪي اهم خوبيون آهن تن کي ظاهر ۽ چٽو ڪجي ۽ انهن جو نتيجو پڻ ظاهر ڪجي ته جيئن اسان پنهنجن اهم سرگرمين سان پنهنجو تعليمي سفر جاري رکي سگهون ۽ پنهنجي پروگرام کي اوليت ڏيون، جيئن هن سان گڏ ملحق ٿيل ڪاغذن ۾ ڏيکاريل آهي.

### 5.1 اداراجاتي جوڙجڪ

**عملدرآمد جي حد تائين،** چڪاس جو عمل ۽ هڪ نظامت ۽ جوابداري سان ٿيڻ گهرجي، جنهن جا فرد پنهنجي ذميواري جو احساس ڪن ۽ جيڪي اهم سرگرميون ڪن سي ايس اِي ايس پي ايند آر جي مقرر ڪيل اصولن مطابق هجن ۽ انهن جي جيڪا فني رپورٽ ٺئي تنهن کي مهيني سر مهيني شايع ڪرڻ گهرجي، وڌيڪ لاءِ (ڏسو ايندڙ مرحلو)

**فني مهارت جي حد تائين،** هڪ اهڙي حڪمت عملي جي منصوبه بندي ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ منصوبه بندي، عملدرآمد ۽ چڪاس جي عمل کي يقيني بڻائڻ گهرجي ۽ اهو سجو عمل اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي ريفارم سپورٽ يونٽ جي اصولن مطابق هئڻ گهرجي، ۽ ان ۾ فني اصولن کي هرحال ۾ لحاظ ۾ آڻڻ ضروري آهي. هي جيڪو ريفارم سپورٽ يونٽ، اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جو ذيلي ادارو آهي، تنهن کي بهتر نظامت تحت گڏجاڻيون ڪوٺائڻ گهرجن، تفصيل گڏ ڪرڻ گهرجن ۽ مناسب تعاون ڪرڻ گهرجي ۽ جوابده ۽ جوابدار عملي کي مقرر ڪيو وڃي ۽ انهن جي پلان ۽ سرگرمين تي نظر رکڻ گهرجي ته وري گڏوگڏ هر مهيني پنهنجي ڪارڪردگي رپورٽ شايع ڪرڻ گهرجي ۽ هڪ اهڙي رپورٽ شايع ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ هن ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته واقعاً ڪم ۾ پيش رفت ٿي آهي يا نه. ان کان سواءِ هي ڳالهه پڻ اهميت جي حامل آهي ته ان حوالي سان ماهوار، سه ماهي، ششماهي ۽ ساليانو رپورٽ جاري ڪئي وڃي ته مستقبل بابت مناسب فيصلا ڪندڙ ڪاميٽي جي گڏجاڻي ڪري وقت بوقت امڪاني ۽ لچڪدار فيصلا ڪيا وڃن. اهو سمورو ڪاروهنوار ريفارم سپورٽ يونٽ ۽ يونيسيف جي امداد سان به عمل ۾ آڻي سگهجي ٿو.

**پاليسي جي حد تائين،** ايس اِي ايس پي ايند آر 2019-2024 ۽ اسٽيئرنگ ڪاميٽي جي هدايتن مطابق، هڪ مناسب پاليسي ڏني وڃي، جيڪا اسان جي رهبري ڪري ته جيئن اسين آساني سان عملدرآمد ڪري سگهون، جيئن سيڪٽر پلان 2019-2024 تي مڪمل عمل ٿي سگهي. هن ڪاميٽي جو جيڪو روح روان آهي، سو سنڌ جي تعليم ۽ خواندگي کاتي جو وزير هوندو يا وري تعليم ۽ خواندگي کاتي جو سيڪريٽري هوندو، اهو منصوبو مشتمل هوندو هڪ اهڙي ليڊرشپ جي بنياد تي، جنهن اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتي جي نمائندگي هجڻ گهرجي پر اهو ائين ممڪن نه ٿي سگهندو، جو ته خواندگي کاتي کي جيڪا فنڊنگ ٿيڻي آهي، سا ته ڪيس خزانو کاتو ڪندو، تنهنڪري ان جو اشتراڪ به هر حال ۾ ضروري آهي، ان سان گڏوگڏ علائقائي، اڪابرين، ٻارن جا والدين ۽ سول سوسائٽي جا فرد به ان ۾ شريڪ ڪجن ۽ انهن جون هر ٽئين مهيني پاڻ ۾ گڏجاڻيون ٿينديون رهن ته جيئن بنيادي مسئلن کي آساني سان حل ڪري سگهجي.

## 5.2 ڪارڪردگي رپورٽ ۽ ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2024-2019 جو جائزو

تمام اهم چڪاس ۽ جائزي وارين سرگرمين ۽ معمول مطابق عمل ۾ آندو وڃي ۽ اهڙي ريت روزمره جي بنياد تي نہ رڳو جائزو ورتو وڃي پر ساليانو بجيٽ جي اهڙي قسم جي رپورٽ پڻ شايع ڪرڻ گهرجي، جنهن جي معلومات تمام شراڪتدارن ڪي برابر جي بنياد تي پهچائڻ گهرجي. اهڙو ئي هڪ تفصيل اسڪول جي ساليانی ڪارڪردگي، اسڪول جي مڪمل تفصيل ۽ شاگردن جي سکيا واري عمل جي چڪاس ڪي پيش ڪرڻ گهرجي، ان ڪي ڊي جي، ايم اينڊ اِي، سان گڏ علائقائي نظامت وارو شعبو نظر رکندو رهي ۽ گڏوگڏ اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتو ان جي نگراني ڪري ۽ تفصيل جي گڏ ڪرڻ جو طريقيڪار، شاگردن جي حاضري، نظم ۽ ضبط جا اصول، منصوبہ بنديون، حڪمت عملين ڪي ريفارم سپورٽ يونٽ (4.3.3) جي طئي ٿيل اصولن مطابق عمل ۾ آندو وڃي.

### 5.2.1 مستقل جائزو

اهو تمام ضروري آهي تہ، اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جو جيڪو نظامت سنياليندڙ ادارو آهي، سو مڪمل طور ايجوڪيشن جي سيڪٽر پلان سان واڳيل هجي، هر هڪ ڪي پنهنجيون پنهنجيون ذميواريون سنڀالڻ گهرجن تہ جيئن صحيح نموني سان ڪيل ڪم جي پرک، چڪاس ۽ عملدرآمد ڪي ڏسي سگهجي. هر هڪ نظامتِ تعليم وارو ادارو ان جو نگران ۽ جوابدار هوندو تہ سندس هيٺيان آيل ادارا پنهنجو هدف حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا يا نہ. جيڪڏهن گهربل نتيجا حاصل نٿا ٿين تہ پوءِ نگران اداري ڪي پنهنجي چڪاس واري عمل ڪي اجا بہ تيز ڪرڻو پوندو، اهو هن صورت ۾ ٿيندو جو ايس اِي ايس پي اينڊ آر ڪي پاڻ سان شامل ڪري روزاني جي بنياد تي چڪاس ۽ عملدرآمد ڪي ڏسندو، چڪاس واري عمل جي رپورٽ مٿي موڪلبي تہ وري گڏوگڏ مستقبل جون حڪمت عمليون، منصوبہ بنديون ۽ ماهوار ڪارگذاريون وڌائيندو ۽ اهڙو اطلاع ايس اِي ايس پي اينڊ آر ڪي ماهوار موڪليون ويندیون.

### 5.2.2 باقاعدگي سان ٿيندڙ جائزا

مرڪزي حڪمت عملي، منصوبہ بندي، عملدرآمد ۽ چڪاس جي حوالي سان ريفارم سپورٽ يونٽ مستقل ماهوار يا سہ ماهي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪندو تہ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪيتري قدر عملدرآمد رهيو آهي ۽ اهو پڻ ڏسندو تہ ان عمل ڪي اجا وڌيڪ ڪيئن بهتر ڪري سگهجي ٿو. ڊي. جي، ايم اينڊ اِي، ٻيا کاتا توڙي اهڙا منصوبہ جيڪي مخيرن جي چندي تي هلندا هجن تہ انهن جي ڪارڪردگي رپورٽن ڪي ۽ سندن ڪيل ڪم ڪي ڏسي اسان پنهنجي ڪم جي راهہ هموار ڪري سگهون ٿا. مرڪزي حڪمت عمليون، منصوبہ بنديون، عملدرآمد ۽ چڪاس جي رپورٽ ڪي ڏسي اسٽيئرنگ ڪاميٽي جي مدد سان مستقبل جون سرگرميون، حڪمت عمليون ۽ وڌيڪ لائحہ عمل جو دروازو کولي سگهبو تہ ڪيئن اسين ايجوڪيشن ڪي وڌائي سگهون ٿا.

### 5.2.3 ساليانيون رپورٽون ۽ گڏيل جائزو

مرڪزي حڪمت عمليون، منصوبہ بنديون، عملدرآمد ۽ چڪاس جي حوالي سان ريفارم سپورٽ يونٽ ان جو ذميوار هوندو تہ اهو ساليانی ڪارڪردگي رپورٽ ناهي، پوءِ اها رپورٽ ماڻهن ۾ بہ عام ڪئي وڃي تہ وري گڏوگڏ ان ڪي هڪ بنيادي دستاويز قرار ڏئي جيڪو جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر پلان جي گڏجاڻي ۾ پيش ڪري سگهجي ۽ اتي پنهنجن سمورن شراڪتدارن ڪي آگاهہ ڪجي. وري جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر ريويو، يونيسيف سان گڏجي سفارشون مرتب ڪري، جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر ريويو، ان جو جائزو وٺندو ۽ وڌيڪ حاصلات ۽ عملدرآمد لاءِ پنهنجو مستقل پلان جوڙيندو.

جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر ريويو، گڏيل طور ڪم ڪندو ۽ ساليانی بجيٽ تيار ڪندو تہ وري عمل درآمد لاءِ ساليانو پلان جوڙيندو.

### 5.2.4 جائزو

پلان جو جائزو ۽ عملدرآمد رپورٽ وچ سال ۾ پيش ڪجي، تہ جيئن پلان جي ختم ٿيڻ کان پهريان ئي ان رپورٽ جي جائزي کي ڏسي وڏيڪ عمل جي راهہ اختيار ڪجي ۽ جوائنٽ ايجوڪيشن سيڪٽر ريويو، پنهنجي تمام شراڪتدارن سان گڏجي وچ مدي واريون سفارشون، ڪيل ڪم ۽ وڌيڪ لاءِ عملدرآمد لاءِ تجويزون پيش ڪندو. جيستائين فائنل جائزي جو تعلق آهي تہ اهو ڪيل ڪم کي ڏسي ۽ ان جا خدوخالن کي نظر ۾ رکي مناسب طور سفارشون ڪندو تہ وري مستقبل جي سرگرمين کان پڻ واقف ڪندو ۽ پنهنجي گذريل پاليسي تي نظرثاني ڪندو تہ وري مستقبل جو ڏس پتو ۽ تياري لاءِ اڳتي وڌڻ جا گس ڏسيندو.

## 5.3 نتائج، ڪم جو تت ۽ عملدرآمد لاءِ اهم ڏس

مڪمل نيجن ۾ ڪم جو تَت يا خلاصو، جوڙجڪ، تنظيم سازي ۽ مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پروگرام ترتيب ڏيڻ سان گڏ اهم سرگرميون جيڪي ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2019-2024 جي حڪمت عملين مطابق هجن، تن کي پيش ڪيو وڃي، جي اسان لاحقي ۾ ڏنيون آهن.

ڪي. پي. ايل. ايس تجويز ڪيو آهي، هڪ طائرانہ تجزيو، جنهن کي اسان هيٺ ايس اِي ايس پي اينڊ آر 2024-2019 جي اهم هدايتن / ڏس طور کي پرفارمنس اينڊيڪيٽر (KPIs) جي نالي سان پيش ڪري رهيا آهيون.

| نمبر | ڪي. پي آءِ | بنيادي لڪير | 2019/ 2020 | 2021/2020 | 2022/2021 | 2023/2022 | 2024/2023 | حوالو ايس. جي. ڊي انڊيڪيٽر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| درست اڳيرائي | | | | | | | | |
| .1 | جي. اِي. آر پرائمري<br>جي. اِي. آر مڊل | 81% *<br>39% * | 82%<br>42% | 85%<br>43% | 89%<br>44% | 93%<br>47% | 97%<br>51% | SDG 4.1 |
| .2 | مڪمل ريٽ پرائمري<br>مڪمل ريٽ مڊل | 43% * 37%* | 43%<br>41% | 46%<br>42% | 51%<br>42% | 56%<br>43% | 62%<br>45% | SDG 4.1 |
| .3 | ثانوي جي. اِي. آر فرق، سني ۽ خراب هجڻ جو ضلعن ۾ | 49 points | 45 points | 41 points | 36 points | 31 points | 25 points | SDG 4.1 |
| .4 | گورنمينٽ پوسٽ پرائمري اسڪول، گورنمينٽ پرائمري اسڪول سيڪٽرو جي حساب سان | 11.15% * | 11.75% | 12.25% | 13.0% | 14% | 15% | SDG 4.1 |
| .5 | جي. پي. آءِ پرائمري<br>جي. اِي. آر<br>جي. پي. آءِ مڊل<br>جي. اِي. آر<br>جي. پي. آءِ<br>سيڪنڊري<br>جي. اِي. آر | 0.77* 0.83*<br>0.80* | 0.77<br>0.83<br>0.84 | 0.77 0.83<br>0.85 | 0.79 0.83<br>0.85 | 0.81 0.83<br>0.85 | 0.83 0.85<br>0.85 | SDG 4.5 |
| .6 | اِي. سي. سي. اِي جا موجوده ڪلاس | - | 2,220 | 720 | 720 | 720 | 720 | SDG 4.2 |
| .7 | اِي. سي. سي. اِي ڪلاسن ۾ شاگردن جي داخلا | 113,574 | 66,600 | 21,600 | 21,600 | 21,600 | 21,600 | SDG 4.2 |
| .8 | او. او. ايس. سي. اين. ايف. اِي جي پروگرام لاءِ جڳهن جي دستيابي | 3896± | 7308** | 10396** | 9264** | 14411** | 20588** | SDG 4.3<br>SDG 4.4<br>SDG 4.6 |
| .9 | اين. ايف. اِي پروگرام ۾ ڪيترا شاگرد داخل آهن | 157469± | 219235** | 311884** | 277938** | 432353** | 617661** | SDG 4.3<br>SDG 4.4<br>SDG 4.6<br>SDG 4.7 |

| نمبر | ڪي. پي آءِ | بنيادي لڪير | 2019/ 2020 | 2021/2020 | 2022/2021 | 2023/2022 | 2024/2023 | حوالو ايس. جي. ڊي انڊيڪيٽر |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | خاصيت ۽ سکيا | | | | | | | |
| .10 | استادن جو سيڪڙو، جن فني تربيت ۽ ترقي جي پروگرام تحت تربيت حاصل ڪئي | **0** | **0%** | **15%** | **35%** | **50%** | **66%** | **SDG 4.C** |
| | ڪورسن جي ترقي | | | | | | | |
| .11 | ڪلاس پنجين جي شاگردن جو جائزو ۽ نتيجو<br>• ٻولي<br>• حساب<br>• سائنس | **26.8+ 26.7+ 27.7+** | **34%<br>27%<br>22%** | **35%<br>27.5%<br>22.5%** | **36.5% 28%<br>23.2%** | **38%<br>29%<br>24%** | **40%<br>30%<br>25%** | **SDG 4.7** |
| .12 | ڪلاس انين جي شاگردن جو جائزو ۽ نتيجو<br>• ٻولي<br>• حساب<br>• سائنس | **25.3+ 25.8+<br>25.0+** | **41%<br>21.5%<br>26.2%** | **42%<br>22.2%<br>27%** | **43%<br>23%<br>28%** | **44.5%<br>24%<br>29%** | **46%<br>25%<br>30%** | **SDG 4.7** |
| | انتظاميہ ۽ نظم و ضبط | | | | | | | |
| .13 | نئين جائزي واري نظام جي حوالي سان، عملي جي جائزي ونڊ جو سيڪڙو | **N/A** | **6%** | **16%** | **32%** | **48%** | **66%** | |
| .14 | پگهارن کانسواءِ ساليانى بجيٽ جي ورهاست جو سيڪڙو | **66%** | **70%** | **72%** | **77%** | **81%** | **85%** | |
| .15 | ڪي. پي. آءِ جي ساليانى هدف جي لحاظ کان ضلعن جو تعداد | **N/A** | **15** | **29** | **29** | **29** | **29** | |

* 2016/17
± NFEMIS 2018-19
**Projection on the basis of NFE Implementation Framework (2019-2023) for Non-Formal Education Policy, Sindh 2017
+ Standardized Annual Examination 2018 – 19 (DCAR)

# 6. منصوبي تي ايندڙ لاڳت ۽ تخمينو

## 6. منصوبي تي ايندڙ لاڳت ۽ تخمينو

هيٺ ذڪر ڪيل پروجيڪٽ، جيڪي هنن جدولن ۽ گرافس ۾ ڏيکاريون ويون آهن، تن ۾ موجوده سرڪاري تفصيل ڏنل آهن، جيڪي اسان کي ميسر تي سگهيا آهن ۽ اهڙي ريٽ اسان اِي. ايس پي ايڊ آر جي امداد سان 2019-2024 جو تعميري ماڊل آڏي سگهون ٿا.

ٽوٽل ساليانى بجيٽ ۾ واڌ جي ضرورت آهي، جو جو اسان کي هڪ اهڙو انفراسٽڪچر تيار ڪرڻو آهي، جنهن وسيلي اسان اڳتي وڌي سگهون ٿا، خاص ڪري ارلي چائيلڊ ڪيئر ايجوڪيشن يا ڪچي، پرائمري ۽ ثانوي اسڪولن ۾ پنهنجو پروگرام شروع ڪري سگهون، ساليانى بجيٽ پگهارن لاءِ، سامان لاءِ ۽ ٻين ڪمن لاءِ ختم ٿي وڃي ٿي، جڏهن ان کي وڌائي 17.5 بلين روپيا اسڪولن لاءِ رکيا وڃن، تنهن ۾ به ضروري آهي ته سنڌ سرڪار تعليم ۽ خواندگي کاتي جي اسڪولن کي وڌيڪ ترجيح ڏئي، نه رڳو مڊل جي حد تائين پر ٻارهن سال اسڪولنگ جي تعليم وارن تي پڻ توجهه جي ضرورت آهي، خاص ڪري غير رسمي تعليم تي گهڻو خيال ڏنو وڃي.

اسڪول ايجوڪيشن ۽ خواندگي کاتو، آرٽيڪل 25-A آف آئين آف اسلامڪ ريپبلڪ آف پاڪستان جي قاعدن ۽ ضابطن مطابق آئيني حق ڏئي ٿي ته، شاگردن جي حاضري ۽ داخلا کي خاصو وڌائجي. ٽوٽل بجيٽ جي تقاضا اها آهي ته، گهٽ ۾ گهٽ اميد ڪيل هدف حاصل ڪجي ۽ ان ۾ اها پڻ وضاحت ضروري آهي ته، ان ۾ ٻارن جي اسڪل ۽ غير نصابي سرگرمين تي پڻ 18 بلين خرچ اچي سگهي ٿو، تڏهن وڃي ڪو اسان جو منصوبو تڪميل کي پهچندو هو.

ايس. اِي. ايس پي ايڊ آر پڻ اهميت ڏئي رهي آهي ته جيئن ڪوالٽي ايجوڪيشن يعني معياري تعليم کي وڌائجي. آخر اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته، حڪمت عملين کي ڪتب آڻي ڪاروباري توڙي تعليمي تربيت کي عمل ۾ آڻي استادن جي تعليم کي پڻ سگهارو ڪجي ۽ ترقي وٺرائجي، ٻين ڪمن ۽ ايرياز کي اهميت ڏيندي ان ڳالهه جي پڻ ضرورت آهي ته تعليم لاءِ حڪمت عمليون ۽ منصوبه بنديون ۽ نوان ذرائع تلاش ڪيا وڃن، جن تي پڻ 23.8 بلين روپيا سال 2019 ۽ 2024 تائين خرچ اچي سگهي ٿو.

توجهه ان حوالي سان به ڪرڻو آهي ته، سني ۽ ساڪائتي انتظاميه کي اڳتي آڻجي، نظم ۽ ضبط کي آهستي آهستي سڌاري ۾ آڻجي ۽ انهن ڪمن لاءِ صوبائي حڪومت جي تعاون سان وقت بوقت بجيٽ ۾ پڻ اضافو ڪرائجي ته جيئن اسان جا رٿيل منصوبه وقت سر پورا ٿي سگهن ۽ اسان جي چڪاس وارو عمل پڻ مؤثر ٿي سگهي.

| تعميل | بيانيو | بجيٽ 2019-20 | اڳڪٽي 2020-21 | اڳڪٽي 2021-22 | اڳڪٽي 2022-23 | اڳڪٽي 2023-24 |
|---|---|---|---|---|---|---|
| تعمير ۽ نقل و حرڪت | **ملازمن سان لاڳاپيل خرچ** | 1,153 | 1,230 | 1,324 | 1,421 | 1,520 |
| تعمير ۽ نقل و حرڪت | **هلندڙ خرچ، جيڪو آر.اِي. پي سان لاڳاپيل هجي** | 3,074 | 3,281 | 3,530 | 3,789 | 4,054 |
| عوامي صحت ۽ خدمت | | 21 | 23 | 24 | 26 | 28 |
| عوامي صحت ۽ خدمت | | 39 | 42 | 45 | 49 | 52 |
| پرائمري کان اڳ ۽ پوءِ وارا معاملا ۽ خدمتون | | 75,604 | 80,704 | 86,825 | 93,186 | 99,709 |
| پرائمري کان اڳ ۽ پوءِ وارا معاملا ۽ خدمتون | | 2,868 | 3,061 | 3,293 | 3,534 | 3,782 |
| ثانوي تعليم جا معاملا ۽ خدمتون | | 66,481 | 70,965 | 76,348 | 81,941 | 87,677 |
| ثانوي تعليم جا معاملا ۽ خدمتون | | 6,276 | 6,700 | 7,208 | 7,736 | 8,277 |
| تعليم لاءِ وڌيڪ خدمت | | 53 | 57 | 61 | 65 | 70 |
| تعليم لاءِ وڌيڪ خدمت | | 6 | 7 | 7 | 8 | 9 |
| انتظاميه | | 6,006 | 6,412 | 6,898 | 7,403 | 7,921 |
| انتظاميه | | 7,381 | 7,879 | 8,476 | 9,097 | 9,734 |
| انتظاميه | | 9,655 | 10,306 | 11,088 | 11,900 | 12,733 |
| | | 178,618 | 190,666 | 205,128 | 220,156 | 235,567 |

جدول 6.2: اهڙا منصوبه، جيڪي مشتمل آهن ترقياتي لاڳت ۽ خرچ سان (ملين PKR ثابت رقم 2017)

| ترقياتي خرچ | 2019-20 | 2020-21 | 2021-22 | 2022-23 | 2023-24 | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ٽوٽل ثابت رقم 2017 | 12,140 | 26,374 | 26,374 | 26,374 | 26,374 | 117,636 |
| ٽوٽل موجوده رقم 2017 | 13,453 | 32,964 | 36,231 | 38,778 | 40,779 | 162,205 |

جدول 6.1 ۽ 6.2 ضروري آهي ته، ان جي سال ۾ ڪيتري گهرج آهي، جو اسين پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪري سگهون ۽ پنهنجا منصوبا پورا ڪري سگهون. پر ان ۾ اهو ضروري آهي ته اها بجيٽ ائين پوري نه ٿيندي جو مهانگائي روز بروز وڌي رهي آهي، تنهنڪري ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10% جو اضافو ڪرڻ لازم آهي، ٻيو نه ته به 2017ع واري ثابت رقم هئڻ ضروري آهي، جيئن ته ان ۾ 10% وڌيڪ شامل ڪرڻ ضروري آهي، سو ان جو اهو اثر ٿيندو جو اسان جي رکيل لاڳت پوري ٿي ويندي ۽ اسان جا منصوبا مڪمل ٿي سگهندا پر ان ۾ جدول 6.2 اجا ته شامل نه ڪئي وئي آهي، سو ان جي ان رقم ۽ لاڳت جي حوالي سان جدول 6.3 ۽ 10% مهانگائي جو ملايون ٿا.

جدول 6.3 وڌيڪ رقم ۽ وڌنڊز نه هجي سا شامل هوندي، اسان جي اڳين پروگرامن تي (ملين پي ڪي آر موجوده قيمت 2017)

| پروگرام | 2019-20 | 2020-21 | 2021-22 | 2022-23 | 2023-24 | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پروگرام 1:<br>اسڪول کان ٻاهر ٻار ۽ اٽڪيل نوجوان | 83 | 205 | 508 | 869 | 1,378 | 3,043 |
| پروگرام 2:<br>اسڪول جو مناسب ۽ گهربل انفرا اسٽرڪچر | 25 | 26 | 15 | 13 | 14 | 94 |
| پروگرام 3:<br>داخلا ۾ مناسب واڌارو ۽ پابندي | 1,583 | 1,983 | 2,219 | 2,539 | 2,809 | 11,132 |
| پروگرام 4:<br>اهليت جي بنياد تي استادن جي ڀرتي، تعليمي ۽ فني اهليت جو واڌارو | 177 | 184 | 582 | 921 | 1,076 | 2,940 |
| پروگرام 5:<br>خاصيت جي حاصلات ۽ واڌارو | 637 | 1,093 | 1,278 | 988 | 1,224 | 5,219 |

| پروگرام | 2019-20 | 2020-21 | 2021-22 | 2022-23 | 2023-24 | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| پروگرام 6: فني تعليم، اڳواٽي ۽ تنظيم سازي | 44 | 161 | 151 | 153 | 49 | 559 |
| پروگرام 7: ذرائع کي وڌائڻ ۽ ان جي مناسب ورهاست | - | 2 | 53 | 8 | 9 | 72 |
| پروگرام 8: مؤثر حڪمت عملي جي منصوبه بندي، اسڪول تعليم ۽ خواندگي کاتي جي ايم اينڊِ اِي جي مداخلت | 134 | 55 | 61 | 34 | 37 | 321 |
| | 2,682 | 3,710 | 4,868 | 5,525 | 6,596 | 23,380 |

مائيڪرو ايڪنامڪ فريم ورڪ جو بنياد آهي. مائيڪرو اڪنامڪ پروجيڪٽس جيڪي ميسر ٿي سگهن سڄي ملڪ ۾ (ڏسو جدول 6.4) ايستائين جو منصوبي جي آخري چيڙي تائين پهچي سگهون. صوبن جي لاءِ منصوبا (ڏسو جدول 6.5) اهي لاڳاپيل آهن، ملڪ جي موجوده روينيو سان، جيڪي سنڌ سرڪار، خزانو کاتو ان لاءِ اٽڪل 2022ع تائين پروجيڪٽ مڪمل ڪرڻا آهن، جيڪي رپوجيڪٽ 2020ع ۾ شروع ڪيا ويا هئا، جن جي هيٺ نشاندهي ڪئي پئي وڃي.

جدول 6.4 پاڪستان مائيڪرو اڪنامڪس (2015-2018) ۽ ان جا پروجيڪٽ 2023-2024 تائين

| مائيڪرو اڪنامڪس | 2015 2016 | 2016 2017 | 2017 2018 | 2018 2019 | 2019 2020 | 2020 2021 | 2021 2022 | 2022 2023 | 2023 2024 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| جي. ڊي. پي (بلين PKR ۾) | 27,443 | 29,076 | 31,922 | 34,619 | 38,559 | 44,514 | 50,392 | 56,378 | 62,260 |
| جي. ڊي. پي اصل قيمت (موجوده رقم 2019) | 258 | 262 | 273 | 280 | 302 | 341 | 375 | 401 | 422 |
| جي. ڊي. پي (بلين PKR) (موجوده قيمت 2019) | 85 | 86 | 90 | 93 | 100 | 113 | 124 | 133 | 140 |
| مهنگائي | 32,152 | 33,619 | 35,374 | 37,329 | 38,559 | 39,465 | 40,649 | 42,490 | 44,621 |
| اڪنامڪ واڌ | 5% | 3% | 4% | 4% | 7% | 13% | 8% | 6% | 5% |
| گورنمينٽ جو محصول (بلين PKR) | | 5% | 5% | 6% | 3% | 2% | 3% | 5% | 5% |
| گورنمينٽ جو عام محصول (بلين PKR موجوده قيمت 2017) | 3,984 | 4,512 | 4,962 | 5,265 | 4,934 | 7,236 | 9,008 | 10,725 | 12,199 |
| جي. ڊي. پي سيڪٽري ۾ جنرل محصول/ جي. ڊي. پي | 4,668 | 5,218 | 5,498 | 5,677 | 4,934 | 6,416 | 7,266 | 8,083 | 8,743 |

| مائيڪرو اڪنامڪس | 2015 2016 | 2016 2017 | 2017 2018 | 2018 2019 | 2019 2020 | 2020 2021 | 2021 2022 | 2022 2023 | 2023 2024 |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | 12% | 5% | 3% | -13% | 30% | 13% | 11% | |
| سيڪٽر ۾ گورنمينٽ جو محصول/ جي. ڊي. پي | 15% | 16% | 16% | 15% | 13% | 16% | 18% | 19% | 20% |
